# خيالن جي چتر گئلري

ته در ته کلائيندڙ روئاڙيندڙ

سوال اُٿاريندڙ جڳ ڪٿائون ۽ ڪهاڻيون



صنوبر ناظر

ترجمو

اسلم خواجا

# خيالن جي چتر گئلري

صنوبر ناظر

ترجمو

اسلم خواجا

Khawaban Ji Chitar Gallery
by sanober Naazir

© صنوبر ناظر

هن ڪتاب جو ڪوبہ حصو ليکڪا جي اڳواٽ اجازت کانسواءِ ڪنهن بہ روپ يا جلد ۾ مڪمل يا جزوي، ڇوند يا ٻيهر ڇپائي يا فوٽو ڪاپي، ريڪارڊنگ، اليڪٽرانڪ، مڪينيڪل صورت ۾ يا ويب سائيٽ تي اپ لوڊنگ لاءِ استعمال نہ ڪيو وڃي.

| | | |
|---|---|---|
| ڇاپو پهريون | : | 2025 |
| ڪتاب جو نالو | : | خوابن جي چِٽر گئلري |
| ليکڪا | : | صنوبر ناظر |
| ترجمو | : | اسلم خواجا |
| ڪمپوزنگ | : | نور محمد سميجو |

# ماءُ پيءُ کي ارپنا

# فهرست


تعارف ........................................................................ 5

صنوبر جي ڪهاڻين مان ليئا پائيندڙ سچائي (ڪشور ناهيد) .................. 6

صنوبر ناظر ... هڪ زنده دل باشعور دوست ۽ ليکڪا (نورالهديٰ شاهه) .......7

صنوبر ناظر جي "سادگي ۽ پُرڪاري، بي خودي ۽ هوشياري" (وسعت الله خان) .....9

ٿي تند وڙهي تلوارن سان (حارث خليق) ........................................ 11

اوهين صنوبر ناظر کي ٿا سُڃاڻو (عمار مسعود) ................................. 14

ٿن جهانن جي صنوبر (پيش لفظ) (صنوبر ناظر) .................................. 16

اگلے جنم بھی موہے بٹیا ہی دیجیو .......................................... 20

پر هوءَ معصومڙي نينگ تہ ڏيندڙ ڇوڪري ڪٿي؟ .............................. 28

اسانجي پيشانيءَ تي ڇمي ڏيو ...................................................... 33

پائل ........................................................................... 46

خراب عورت ................................................................... 69

چیک رہا ہے بدن پر لہو سے پیرہن ............................................. 74

خدا ڏسي پيو .................................................................. 78

هو ۽ آئون ..................................................................... 82

بن صدين جو مسافر ........................................................... 88

هندو ڇوڪرا ڇو ٿا پريت ڪن؟ ................................................... 91

ڪلف لڳل دليون، ڪلف لڳل دروازا ........................................... 97

ٽي پهر ........................................................................ 103

ٻبلو ........................................................................... 108

احتياط ماڻهن کان ............................................................. 115

ڀڙدو ڊرڪي ٿو ............................................................... 125

دشمن ملڪ .................................................................... 130

صنوبر ناظر 3 سيپٽمبر 1973 تي ڪراچيءَ ۾ ڄائي. شروعاتي تعليم ڪراچيءَ جي وسندي ماڊل ڪالونيءَ جي هڪ خانگي اسڪول مان پرايائين. پي اي سي ايچ ڪاليج مان فرسٽ ايئر جو امتحان ڏيڻ کانپوءِ نامياري صحافي ۽ تعليمي ماهر ناظر محمود سان وهان ڪيائين. تاريخ (جديد ۽ قديم) ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ مان ماسٽرز جي ڊگري حاصل ڪيائين ۽ پنهنجي وَرَ ۽ ٻارن سوڌو انگلينڊ اُسهي. پنهنجي وَرَ جي پي ايچ ڊيءَ دوران ڪيترين ئي نوڪرين ڪيائين. انهيءَ دوران "خصوصي تعليم" جا ڪجهه ڪورسز ڪيائين ۽ "ليڊز سٽي ڪائونسل" ۾ جسماني ۽ ذهني معذور ٻارن سان "سار سنڀال لهندڙ" طور پڻ ڪم ڪيائين. 2006 ۾ اسلام آباد ٺانيڪو ٿي. جتي مقامي ۽ بين الاقوامي غير سرڪاري تنظيمن ۾ خدمتون سرانجام ڏنائين. پنج کن سال اڳ "هم سب" لاءِ لکڻ لڳي. "ڊي ڊبليو" (Deutsche Welle) وٽان لکڻ جي آڇ کانپوءِ باقاعدي لکڻ جي شروعات ڪيائين. ڪجهه مهينن پڄاڻان "وي نيوز" تان سندس هفتيوار ويڊيو ڪالم پڻ نشر ٿيڻ لڳا. صنوبر ناظر جو قلم سياست، سماجيات، نفسيات ۽ سماجي موضوعن تي روانيءَ سان وهي ٿو. سندس انداز ڪهاڻي يا افساني جي پيرائي ۾ معاشري جي اولڙن ۽ پيڙائن کي وائکو ڪندڙ آهي. لکڻ سان گڏوگڏ هن پنهنجي ننڍي ڀيڻ سان گڏ 2020 ڌاري اسلام آباد ۾ "سوانگ ٿيٽر گروپ" جو بنياد رکيو ۽ انهيءَ پليٽفارم کي به سماجي موضوع سامهون آڻڻ لاءِ استعمال ڪندي ٿي رهي.

# صنوبر جي ڪهاڻين مان ليئا پائيندڙ سچائي

انتظار حسين جي ناني ڪهاڻيون ٻڌائيندي هئي، شهزادين جون، جن کي راڪاس اغوا ڪري ويندو هو، پوءِ ڪو شهزادو ايندو هو ۽ انيڪ مصيبتن مان پار لنگهي شهزاديءَ کي بازياب ڪندو. سندس عشق ۾ ڦاسبو هو ۽ پوءِ ٻنهي جو وهان ٿيندو هو ۽ هرڪو سرهو ٿي رهڻ لڳندو هو. انتظار حسين ڪائنس ٿي ڪهاڻيون ٻڌڻ ڪانپوءِ لکڻ اختيار ڪيو ۽ سندس ڪهاڻيءَ ۾ مرد ۽ عورت جا وجود بيهر جنم وٺندا هئا ته ٻين جون ڳچيون هڪٻئي کي لڳي ويندڙيون هيون ۽ نرناري جنم وٺندي هئي. صنوبر پنهنجي زماني ۾ غريب ۽ اگهاڙي پيرين ننڍڙين شهزادين کي گهٽين مان اغوا ٿيندي، اڌ ٿڙيل مُکڙين کي چيٿاڙجندو ۽ ڪچري جي ڍيرن تي ڦٽو ٿيل ڏٺو ته ڀريان پنهنجي ننهي ڏيئڙن کي هرٿين جهڙي ڦڙتي سيڪاريائين ۽ پوءِ کين اڏام لاءِ پَرَ ڏنائين. پنهنجون ذميواريون نڀائيندي صنوبر قلم کي تيئڏ ڏني ته اڄ منهنجي آندر، منهنجي سامهون ۽ منهنجي زماني ۾، پاڪستان نهڻ ڪانوڻي، هيل تائين عورتن ۽ ٻارن سان، مسجدن ۽ گهرن جي ڪوٺڙين ۾ وحشتناڪ جنسيت جو ڪاڄ ٻڌجندڙ انهن مرڻينگ جسمن کي منٽو جي "کهول دو" وانگر گهٽ ۾ گهٽ لفظن جي پوشاڪ ٿي پهرائي. اها آهي صنوبر جي لکڻ جي شروعات!!

اولهه کان هندستان تائين، وشال علائقن جي فطري ۽ انساني محبتن جا چٽ چٽيندي صنوبر اهو وساري ويني ته اهي ته مستنصر حسين تارڙ جي شروعاتي سفرنامن جهڙيون لکڻيون آهن.

آرٽ يا خالصتان جي تحريڪن تي صنوبر جو قلم ٻرانگهون ٿو ڀري، مذهب جي جنونيت ۽ غزه، بلوچستان ۽ اقليتن تي ڏاڍ ڏمر جا داستان لکندي صنوبر جو قلم رت جا ڳوڙها ٿو ڳاري.

هيءُ سموريون لکڻيون پختگيءَ جو اولڙو آهن. هوءَ ڪڏهن موپاسان سان مخاطب ٿئي ٿي ته ڪڏهن مائيڪل اينجلو سان. صنوبر جون مختلف موضوعن تي هيءُ لکڻيون ڪچنار جي مُکڙين وانگر آهن. جيڪڏهن اِهي پڙهندي اوهانکي انيڪ ليکڪ ياد اچن ته صنوبر کي اجائين وڏيڪ لکندو رهڻ جي دُعا ڪجو.

ڪشور ناهيد

# صنوبر ناظر .... هڪ زنده دل باشعور دوست ۽ ليکڪا

صنوبر سان منهنجي پهرين ملاقات ناظر محمود جي وڏي شاهي شخصيت جي پسمنظر ۾ ٿي. سوچيم ته ناظر جي زال پلوڙ آهي. سمارٽ ۽ سهڻي آهي. مهمان نواز آهي ۽ بس.

ها! وڏيڪ اهو ته ناظر جي شخصيت آڏو ڪجهه گهٽيل گهٽيل ٿي ته رهندي.

مون سندس هٿن جا تيار ڪيل طعام کاڌا، ساراهيم ۽ مهمان نوازيءَ جي رسمي مُرڪ سان موڪلايم ۽ وساري ڇڏيومانس! پر پوءِ نه ڄاڻ ڪيئن اوچتو ٿي اوچتو هوءَ سڌوسنئون منهنجي ذاتي تعلق ۾ گهڙي آئي. ناظر کان بلڪل ڌار! دوستيءَ جي هڪ‌ٻئي ٽڪندي ۾. جنهن جي ٽين ڪنڊ تي "ڪلو" ڪلموهيءَ جي خالق ثمينا نذير اڳيئي موجود هئي.

اوهان جي جيون ۾ زندگيءَ سان ڀرپور ۽ شوخ دوست اوچتو ئي اوچتو گهڙي اچن، جن کي ڪن پل به آرام نه هجي ۽ جيڪي اوهان کي پنهنجي اصولن پٺاندڙ گڏ هلائين ۽ ان رفتار سا هلڻ تي مجبور ڪن جيڪا اوهانجي سست رفتار لاءِ للڪار بڻجي وڃي، ته اِها ڪنهن نعمت کان گهٽ ناهي!

صنوبر ويجهو آئي ته پروڙيم ته هوءَ انتهائي گرمجوش دوست ته آهي ئي پر خاص ڳالهه جنهن سندس ويجهو ڪيم سا اِها ته سندس باشعور شخصيت ۾ ايتري گهرائي موجود آهي جنهن جا ڪيترائي پاسا جڏهن پرت پرت کلڻ تا لڳن ته هوءَ پنهنجي شخصيت جي هر پاسان ڇرڪايو وجهي.

ڪنهن به قسم جو رعب تاب ڪرڻ کانسواءِ پنهنجي ڏاهپ، شعور ۽ سوچ اهڙي ريت سامهون ٿي آڻي جو ڪيس به پتو نه لڳندو آهي ته سامهون واري تي ڪهڙو اثر وجهي رهي آهي! لبرل ۽ انقلابي سوچ رکندڙ ٿيٽر فنڪارا تنقيدي ديد رکندڙ مطالعي جي ڏياڻي ۽ باذوق پاٺڪ، پنهنجي سوچ ۾ بلڪل واضح فيمنسٽ، سياست، رياست ۽ سماج تي تيز تنقيدي نظر رکندڙ شخصيت جي مالڪ ته صنوبر آهي ئي پر سندس اندر موجود فطري نرتڪي اڄائين وڌيڪ اچرج ۾ وجهيو ڇڏي.

نرت ڪري ته پائنجي ته سمورو جهان نرت ۾ آهي!

ايترو ئي نه، هوءَ ٿن ذهين ۽ ڪامياب ڏيئرن جي ماءُ پڻ آهي جيڪا ڏيئرن جي نه رڳو هڪ جيڏي ٿي لڳي پر مزاج جي لحاظ کان سندس همعصر پڻ. ناظر محمود جي ڀوري شخصيت آڏو پاڻ وڃائڻ بدران پنهنجي ڏار سڃاڻپ ۽ قد جي اوچائي سان پنهنجي ليکي متعارف ٿئي ٿي.

انهيءَ سموري پسمنظر سان جڏهن صنوبر جا هيءَ مضمون پڙهندي چرڪان ٻه ٿي ته ٻه سندس بيان ڪرڻ جي انداز تي ته جيڪا رواني سندس ڳالهه ٻولهه ۾ آهي سائي سندس لکڻين ۾ پڻ آهي! جيترو واضح هوءَ پنهنجي سوچ ۾ آهي اوترو ئي پنهنجي اظهار ۾ پڻ.

معاشري جي بيحسي هجي يا عورتن ۽ ٻارن سان هن پدر سري معاشري جو ورتاءُ، يا سياست ۽ رياست جي ڪوجهائپ! صنوبر جي انداز ۾ جذباتي نوحي گيري ناهي. هوءَ ڀوڙها ڳاڙي ڪٺا رسس نٿي ڪري پر هر داڳ ۽ گهاءُ کي وائکو ٿي ڪري، ڏيان ٿي ڇڪرائي. سنجيده سوال ٿي اُٺاري.

صنوبر جا مضمون پڙهندي هر هر اِهو خيال پڻ ٿو اچي ته سندس اندر ۾ پلوڙ ڪهاڻيڪار پڻ موجود آهي، جنهن جي معاشري جي نبض تي آڱر آهي.

اُميد اٿم ته صنوبر ناظر جو ايندڙ ڪتاب سندس ڪهاڻين جو ڳٽڪو هوندو.

انتهائي اُڪير سان

نورالهديٰ شاهه

# صنوبر ناظر جي
# ”سادگي ۽ پرڪاري، بي خودي ۽ هوشياري“

صنوبر جو پتو نہ لڳندو آهي تہ سندس اصل شوق ڇا آهي. لکڻ، پڙهڻ، ٿيٽر يا ”زندگی نہ ملے گی دوبارہ“ ٽائيپ ڪو مشن. صنوبر جو هيءُ ڪتاب اصل ۾ جوڙاري ٽڙيل پکڙيل ڪچي مال مان جوڙيل لکت واري عمارت آهي. صنوبر جيئن ڏٺو، سمجهيو، سوچيو، محسوس ڪيو، سولائي سان لکي ڇڏيائين. ڪنهن اضافي تڙڪي يا مرچ مصالحي يا قلعي ڪانسواءِ. بنان ڪنهن آئون آئون واري پٽاڙ جي، نہ ئي جملن تي ڪو فالتو رندو هلائيندي، آڏي ڦڏي زندگيءَ تي ڪو ليپو پوتي ڪرڻ جي ڪوشش ڪانسواءِ.

چوڻ جو مطلب اِهو تہ جيڪڏهن اوهان ڪي هن ڇنڊڇاڻ، اڻ گهڙيل، ظالم، مظلوم، منافق، خوش طبع، جعلي، اصلي، بقراطي زندگيءَ جون ڦڪيون يا رنگبرنگي تجليون سڌوسنئون ڏسڻيون آهن تہ اِهي هن ڪتاب ۾ بي روڪ ٽوڪ ملي وينديون. هاڻوڪي دور جي بناوٽي سنسار ۾ جيڪڏهن ڪٿان ڪا خالص مشاهداتي لکڻي پڙهڻ لاءِ پلئہ پئجي وڃي تہ وڌيڪ ٻيو ڇا گُهرجي.

هڪ شئي جيڪا اوهان کي پهرين لکڻيءَ کانوٺي آخري سٽ تائين لاڳيتو ملندي، سا آهي صنوبر جي ديد ۾ لڳل انسان دوستيءَ جو لينز. اِهو لينز بازار ۾ نہ ملندو آهي. گهر جي تربيت مان پلئہ پوندو آهي ۽ جيڪڏهن لينز ملي بہ وڃي تڏهن بہ ان جو چابڪدستيءَ سان تخليقي استعمال هر ڪنهن جي ڀاڳ جو ڀيرو نہ هوندو آهي. اِهو بہ ممڪن آهي تہ خود صنوبر کي بہ انهيءَ لينز جي ملڪيت جو ادراڪ نہ هجي. هونئن بہ هر ڳالهہ جو ادراڪ هئڻ بہ تہ تخليقيت لاءِ هاڃيڪار هوندو آهي.

ڪتاب پڙهڻ کانپوءِ اوهان تي ”سادگي ۽ پرڪاري، بيخودي ۽ هوشياريءَ“ جو هڪ نئون ڪيتر پڌ کلي سگهي ٿو.

وڏيڪ ڪجھ لکيم تہ اُهو افلاطوني حدن ۾ داخل ٿي ويندو. انڪري آئون هن بي ساختي ڪتاب تي وڌيڪ گيان ورهائي اوهان جو مزو ڦِٽائڻ نٿو چاهيان.

بس ايترو ٿي چوندس تہ هي ڪتاب خريد ڪريو ۽ طرحين طرحين جي مختلف موضوعن کي ڪهاڻين جي صورت ۾ پڙهو.

وسعت الله خان

# اوهين صنوبر ناظر کي نٿا سُڃاڻو

جيڪڏهن اوهانجي ڪڏهن صنوبر ناظر سان سندس گهر تي ملاقات ٿي هجي جتي هوءَ ڦرمونيءَ جيان هڪ ئي وقت، مهمانن ۽ باورچيخاني سان مڪاميل ٿيندي نظر ايندي آهي ته پوءِ اوهين ڪيس نٿا سُڃاڻو. سُڃاڻندا به ڪيئن؟

هوءَ ڪن پل لاءِ به هڪ جاءِ تي نٽي ويهي. ايئن ٿو لڳي ته سندس پير ۾ گهمري آهي. ڪن پل ۾ دسترخوان لڳي ويندو. مهمانن کي طعام ڪارايا ويندا. انهيءَ دوران سياست تي ڳالهه ٻولهه، وڌندڙ مهانگائي جي عذاب جو ذڪر، سنگيت سڪجهه بحث هيٺ ايندو. انهيءَ ڏيک ۾ صنوبر ناظر ڪڏهن غائب ته ڪڏهن حاضر ٿيندي رهندي. جيڪڏهن اوهان صنوبر ناظر کي انهيءَ حالت ۾ ڏٺو آهي ته اوهين صنوبر ناظر کي نٿا سُڃاڻو.

ٿي سگهي ٿو ته اوهان ڪڏهن صنوبر ناظر کي ڪنهن اسٽيج ناٽڪ جي تياريءَ ۾ جنبيل ڏٺو هجي. ان دوران هوءَ ناٽڪ ۾ غرق هجي ٿي. ناٽڪ جون ذميواريون نڀائيندي جيڪڏهن ساڻس اوهان جي ڪا ملاقات ٿي آهي ته پڪ ڄاڻو ته اوهين صنوبر ناظر کي نٿا سُڃاڻو.

صنوبر جو هڪ ٻيو روپ پڻ آهي. انهيءَ روپ ۾ ڪيس پروڙيندا ته هوءَ هڪ فيمنسٽ آهي. انهيءَ روپ ۾ ڪيس ڪاوڙ پڻ لڳي ٿي. ڳالهه ڳالهه تي مچرجي پوندي آهي جو ڪيس عورتن جا حق عزيز آهن. جيڪڏهن اوهان ڪيس انهيءَ انداز ۾ ڳالهائيندي ٻڌو آهي ته اوهين صنوبر ناظر کي سُڃاڻو ئي ڪونه.

لڪڻ صنوبر جو شوق نه پر سرشت آهي. لکڻين ۾ هوءَ پنهنجي جوڻ بدلائي ڇڏيندي آهي. پوءِ هو نه باورچي خاني ۾ رڌل صنوبر هوندي آهي، نه اسٽيج تي ناٽڪ ڪندڙ صنوبر، نه نوجوانن سان ڏک سک اوريندڙ. نه ئي فيمينزم جي حق ۾ ڳالهائيندڙ صنوبر هوندي آهي. لکڻيءَ ۾ صنوبر جو سڀ کان وڏيڪ سچو ۽ کرو روپ سامهون ايندو آهي. اهڙو روپ جيڪو هوءَ پنهنجو پاڻ کان به شايد لڪائي رکندي آهي.

صنوبر وٽ ڪنورتا جي حد تائين سچ لکڻ جي اهليت آهي. هوءَ سچ کي لڪائي نه پر وڏي واڪ لکندي آهي. ڪيس ڪهاڻيون لکڻ جو ڏانءُ آهي، هوءَ زندگيءَ جي هر ڪردار کي ڪهاڻيءَ جو روپ ڏيڻ جو ڏانءُ ڄاڻي ٿي. سندس هر ڪهاڻيءَ ۾ اوهانکي صنوبر ڪنهن نه ڪنهن ڪردار ۾ نظر ايندي، ڪڏهن اهو ڪردار مرڪزي هوندو آهي ته ڪڏهن پڙدن پويان گجهو لڪيل. پنهنجي لکڻيءَ ۾ صنوبر اهڙي عورت ٿي بڻجي وڃي جنهن جي اک ۾ ڳوڙهو، جسم ۾ نرت، لهجي ۾ لوچ، ذهن ۾ سوچ، من ۾ ڦلهور ۽ ڳالهه ۾ سچائي آهي. ان مائي کي ڄاڻڻ جو سڀ کان وڏيڪ بهتر نسخو سندس لکڻي آهي، نه ته ڪنهن تي به سندس مڪمل روپ ظاهر ٿي نه سگهندو.

صنوبر جون سموريون لکڻيون پڙهندا وڃو، جڏهن اِهي لکڻيون ختم ٿينديون، لکيل سمورا لفظ اکين ۾ من مان لنگهي ويندا ته پڪ ڄاڻو اوهين صنوبر کي مڃي وٺندؤ، سُڃاڻي ويندؤ، پنهنجو سمجهڻ لڳندؤ.

عمار سعود

رهيو. ڪرڻ لاءِ تہ گھڻو ڪجھ آهي پر حياتي مختصر آهي.

يہ الگ بات کہ شرمندہ تعبیر نہ ہوں
ورنہ ہر ذہن میں کچھ تاج محل ہوتے ہیں

جڏهن منهنجون ڌيئرون صنوبا، سويرا ۽ اُجالا تعليم پرائڻ پرڏيهہ ويون تہ احساس ٿيم تہ پلين هيٺان گھڻو پاڻي وهي چڪو آهي. ايئن ئي هڪ ڏينهن معمول جيان اخبار پڙهندي هڪ خبر تي نظر بيهي رهي ۽ ان تي هڪ ڪالم لکي "هم سب" اُماڻيم. گاڏي آهستي آهستي پٽڙي تي هلڻ لڳي. لکندي لکندي هڪ سال ٿي لنگھيو هو جو "ڊوئچي ويلي اڙدو" ۾ ڪالم لکڻ جو بهانو ڇا مليو، پوءِ تہ قلم بس ئي نہ ڪئي.

انهيءَ دوران هڪ ٻيو پليٽفارم "دي نيوز" جو مليو، جنهن جو چيف ايڊيٽر ويجهو دوست عمار مسعود هو. سو هُن مونکي هر آچر تي هڪ ڪهاڻي نما ڪالم لکڻ جو پابند بڻايو. عمار صاحب جو چوڻ هو تہ پهريون ڪالم ڪنهن اهڙي سچي ڪهاڻيءَ تي لکجان، جيڪا مَن کي ڇُهي، بي ساختگيءَ سان چيم، "پنهنجي ڪهاڻي لکان؟" جنهن تي پڇيائين تہ، "حوصلو اٿئي سچ لکڻ جو؟" وراڻيم، "تمام گھڻو." ۽ پوءِ "اگلے جنم بھی موہے بٹیا ہی دیجیو" لکيم بہ ۽ اسڪرين تي پڙهيم بہ. اِهو ڪالم سوشل ميڊيا خاص طور تي ٽوئيٽر تي انتهائي وائرل ٿيو، پر اهيئي تجربا انگريزيءَ ۾ "دي ايڪسپريس ٽريبون" لاءِ 2010 ۾ لکي چڪي هئس. جيئن تہ ننڍپڻ ۾ هڪ ناٽڪ منڊليءَ سان ڪم ڪرڻ جو ٿورو گھڻو تجربو هئم ۽ ڪجھ ادب ۽ فنون لطيفہ سان ڳنڍيو رهڻ واسطي، ڪجھ سال اڳ پنهنجي ڀيڻن سان گڏجي "سوانگ ٿيٽر گروپ" قائم ڪيو هئم جنهن ذريعي اسان ادب جي ناميارن ليکڪن جون ڪهاڻيون پنهنجي ناٽڪن ذريعي پيش ٿي ڪيون، گھڻين ٻيڙين ۾ سواري ڪڏهن بہ سولي نہ رهي آهي.

دیکھ زنداں سے پرے رنگ چمن جوش بہار
رقص کرنا ہے تو پھر پاؤں کی زنجیر نہ دیکھ

هن ڪتاب ۾ موجود سموريون ڪهاڻيون سچيون آهن، ڪجھ مضمون فنونِ لطيفہ تي آهن ۽ ڪجھ دماغي عارضن تي ٻڌل تحقيقي لکڻيون آهن. هن ڪتاب جي ٽائيٽل واري تصوير اسانجي دوست آواب

سبطين جي چڪيل آهي.

هن ڪتاب جي اڙدو ايڊيشن کي سهڻو بڻائي پاڻکن تائين پهچائڻ ۾ جهلم جي ٻن هونهار سپوتن گگن شاهد ۽ امر شاهد جي محنت ۽ پنهنجائپ شامل هئي. سائن پهرين ملاقات ۾ ئي ڪتاب سهيڙڻ تي ڳالهه ٻولهه شروع ٿي وئي هئي. هر هڪ مرحلي تي سندن رهنمائي منهنجي لاءِ وڏي وٿ هئي. اصل ۾ سچي ڳالهه اِها آهي تہ زندگيءَ ۾ ڪجهه ڪم سوچي سمجهي ۽ ڪجهه بنا ڪنهن رٿابنديءَ جي ٿيندا ويا. زندگيءَ جو مزو ٻڻ انهيءَ ۾ آهي تہ دريا جي وهڪري سان لڙهندو اڳتي وڌجي. هيءُ ڪتاب ٻڻ انهيءَ وهڪري جو نتيجو آهي جنهن ۾ منهنجي ماءُ پيءُ شاهده نفيس ۽ محمد نفيس جي خلوص ڀري همراهي، منهنجي وَر ناظر محمود جي سچي محبت ۽ هر قدم تي رهنمائي، منهنجي هونهار ڌيئرن صنويا، سويرا ۽ اُجالا جو منهنجي صلاحيتن کي همٿائڻ، منهنجي ڀيڻن جو پيار ۽ ڀاءُ نويد نفيس جو سدائين ساراهڻ شامل آهي.

پنهنجي سمورن ويجهن دوستن جي همٿائڻ ڪانسواءِ پنهنجي پٽن جهڙي ننڍڙي دوست همايون اسحاق کي ڪيئن ٿي وساري سگهان جيڪو سدائين مون تي لکڻ لاءِ زور ڀريندو رهيو آهي ۽ منهنجي صلاحيتن کي ريج ڏيڻ ۾ سانڌاري رهيو آهي.

محترم گگن شاهد ۽ امر شاهد جن اڙدو ۾ هيءُ ڪتاب پڙهندڙن تائين پهچايو تن جي تمام گهڻي ٿورائتي آهيان.

هاڻ هيءُ ڪتاب سنڌيءَ ۾ پيش آهي سو هاڻ پسند، ناپسند ڪرڻ پڙهندڙن جي وس آهي....

غالب بُرا نہ مان جو واعظ بُرا کہے
ایسا بھی کوئی ہے کہ سب اچھا کہیں جسے

صنوبر ناظر

# اگلے جنم بھی موہے بٹیا ہی دیجیو

الٽراسائونڊ ڪرائڻ جڏهن ڊاڪٽر جي ڪمري ۾ داخل ٿيس ته دل جي زورائتي ڌڙڪي جو آواز.... منهنجي هڏڪيءَ سان ايئن ٽڪرائجي رهيو هو ڄڻ دل منهنجي ڪنن جو ئي حصو هجي.

اڪ ٽيٽ سان انتظار واري ڪمري ۾ ويٺل ڳورهاري عورتن تي اُڇاتري نظر وڌم ته محسوس ٿيو ته ڄڻ سيني جون سوالي نظرون مون تي ئي هجن. ترڪترڪ ۾ نظرون زمين ۾ کپائي ڇڏيم ۽ پنهنجي واري جو اوسيئڙو ڪرڻ لڳيس. اڄ مٿان پتو لڳي پوي ته منهنجي ڪُک ۾ ڇوڪرو آهي يا ڇوڪري. من ئي من ۾ ويچاريم.

واري اچڻ تي ڊاڪٽر جي ڪمري ۾ گهڙيس. ڊاڪٽر مونکي ليٽڻ لاءِ چيو ۽ پاڻ مشين چالو ڪري الٽراسائونڊ ڪندي مونکان اُهيئي گُنل پنل سوال ڪرڻ لڳي جيڪي ڪنهن پيشه ور شخص جو ٿمر هوندا آهن. مونکي سندس ڪنهن به ڳالهه ۾ ڪابه دلچسپي محسوس نه ٿي هئي. اڄ آئون ڊاڪٽر ڪان اُن سوال جو جواب ٻڌڻ لاءِ آئي هئس جيڪو ڄاڻڻ لاءِ الٽراسائونڊ ڪرائڻ آئي هئس. آئون چپ چپات ڌوڙڻيءَ وانگر ساهه کڻندڙ پنهنجي ڇاتيءَ تي ايئن هٿ رکيل هئس جو جيڪڏهن پل ڇُڪ ۾ هٿ هٽايم ته ڪر دل ڇاتيءَ کان ٻاهر نڪري ايندي.

اِهو ڄاڻندي به ته اڄڪلهه ڊاڪٽر ٻار جي جنس ٻڌائڻ کان کيٻائيندا آهن. پنهنجي سموري سگهه سهيڙيم ۽ نڪ جي ڏاڍائيءَ سان ڊاڪٽرياڻيءَ کي منٿ ڪيم "پليز! ٻڌايو ته پُٽ آهي يا ڌيءَ...."

پنهنجي ڳالهه تي زور ڀرڻ واسطي ٻيهر چوڻ لڳيس "انهيءَ ڪري پڇي پيچان ته جيئن سامان سڙو انهيءَ حوالي سان خريد ڪري سگهان. هونئن

ٻہ ويہ ۾ باقي مهينو ڪن ئي تہ بچيو آهي".

ڊاڪٽرياڻيءَ پنهنجي پيشيوراڻي انداز ۾ انتهائي سختيءَ سان منهنجو سوال ٽاريندي وراڻيو. "اِها اسانجي پاليسي ناهي.... اڪثر ڪيترين ئي نياڻيون ڪُک ۾ ئي مارجي ٿيون وڃن. انڪري اسان کي جنس ڄاڻائڻ جي منع ٿيل آهي."

منهنجي انتهائي زور ڀرڻ تي آخرڪار ڊاڪٽر انهيءَ سوال ڏانهن آئي... جنهن جو غلط جواب ڏيڻ جو پڪو پهہ ڪيو هئم.

"اڳ ۾ گهڻا ٻار اٿئي؟" ڊاڪٽرياڻيءَ پڇيو

"ٻہ" ڪن پل ٻہ وڄائڻ ڪانسواءِ ورندي ڏنم.

"ڇوڪرا يا ڇوڪريون؟" ڊاڪٽرياڻيءَ منهنجي چهري تي نظرون کُپائيندي پڇيو.

"ڀيرين ڌي ۽ پوءِ پٽ." مون ڇٽو ڇٽو ڪوڙ ڳالهايو.

پوءِ تہ واڌايون هجنئي! هن ڀيري ڌيءَ آهي. اِهو الله تعاليٰ جو واري وٽي وارو سسٽم سڀ کان ڀلو آهي. پٽ ۽ ڌيءَ ٻنهي جي خواهش هڪٻئي پويان پوري ٿي وڃي تہ انڪان وڌيڪ....

ڊاڪٽرياڻي نہ ڄاڻ ڇا ڪجهہ پئي چيو. مونکي ڄڻ تہ ڪجهہ ٻڌڻ ۾ ئي نہ پئي آيو.

دماغ ۾ هڪدم پند پهڻ ٿي ويو ۽ ڪنن ۾ ڊاڪٽرياڻيءَ جو آواز سوڪاٽ جيان ٻُرڻ لڳو. نيڻن ۾ پاڻ مرادو ڳوڙها وهڻ لڳيم ۽ اوڇنگارون ڏئي روئڻ لڳيم. ڊاڪٽرياڻيءَ گهٻرائجي ٻاهر ويٺل منهنجي ماءُ کي اندر سڏرايو.

امان ڊاڪٽرياڻيءَ کي اصل حقيقت ٻُڌائي تہ آئون ٻن ڌيئرن جي ماءُ آهيان ۽ هيءُ منهنجو ٽيون حمل آهي.

ڊاڪٽرياڻيءَ مونکي سمجهائڻ جي پوري ڪوشش ڪئي پر اُن وقت سندس ڳالهيون زهر ٿي لڳيم.

امان مونکي پنهنجي گهر وٺي آئي جو مون هنجون هاري پنهنجو برو حال ڪري ڇڏيو هو. منهنجا ڳوڙها بس ئي نہ پئي ٿيا.

اُن وقت من ٿيو تہ دنيا جي منهن مقابل ٿيڻ کان اڳ پنهنجو پاڻ کي ماري ڇڏيان يا سندم ڪُک ۾ پلجندڙ جي جان ٻيوڙي ڇڏيان. پنهنجي ڀيرين

مونکي بہ تعليم پرائڻي پوندي. پوءِ جتي تعليم جڏي هئر اُتائين انجو سرو پڪڙي ٻيهر شروع ڪيم. ٻنهي گهرن ۾ انيڪ قسمن جي ڪتابن ۽ رسالن جا ڍير ڏنا هئر. ادب ۽ تاريخ ۾ دلچسپي تہ هئي سو انهن ڪتابن سان نئين سر ناتو ڳنڍيم. هڪ هٽ سان ٻوڙ رڌيندي، سبزي ڪپيندي ۽ نئين چاول ڌيءَ ڪي ريجهائيندي نظرون ڪتاب تي ئي هونديون هيون.

ڇٽر پرئي جملن کي نظرانداز ڪندي هاڻ منهنجو ڌيان ڌيئرن سان ڪيڏڻ ۽ پڙهڻ تي هو. نيشنل جاگرافڪ جو هڪ پرچو ڪروموسومز ۽ ڊي اين اي بابت هو. اُهو اورچائپ سان پڙهڻ ڪانپوءِ تہ منهنجا چوڏهن طبق روشن تي ويا. ڪيترين ئي حقيقتن وانگيون ٿيون. پنهنجو پاڻ کي ٿورڙو سگهارو محسوس ڪيم. ڇٽر پرئي جملن تي خاموش رهڻ بدران هاڻ اڪثر ورندي ڏئي ڇڏيندي هئس تہ "سائنس ثابت ڪري چڪي آهي تہ جنس جو تعين عورت نہ پر مرد جي ذمي هوندو آهي".

پر انهيءَ سائنسي حقيقت کي ٻڌو اڻ ٻڌو ڪندي مونکي سمجهايو ٿي ويو تہ جيئن تہ منهنجي ماءُ پيءُ جون بہ چار ڌيئرون هيون سو اِها سائنسي آڪڙ جو ۽ پوءِ ڇوڪرن جون خوبيون ڳڻائڻ جو مقابلو نئين سر زور شور سان شروع ٿي ٿئي ويو. سوچيندي هئس تہ نيٺ عورت کي ئي هر مرحلي تي هڪ نئين امتحان مان ڇو ٿو لنگهڻو پوي.

وهان نہ ٿئي تہ مسئلو! وهان ٿي وڃي تہ ڳورهاري ڇو نہ ٿي ٿئي؟ ڄمار وڏي وئي تہ ٻار ڄڻڻ ڏکيو ٿي پوندو. ڌيءَ ڄمي تہ نر ٻار جي خواهش.... تہ جيئن نسل قائم رهي نہ تہ خاندان جو نالو ڪيئن اڳتي وڌندو؟ ڌيءَ جي نہ هوندي گهر ۾ رونق ناهي. جيڪڏهن هڪ ڇوڪرو ۽ هڪ ڇوڪري هجي تہ سندن جوڙي لاءِ فرمائشي پروگرام شروع.

هيءَ اُهي سموريون بيجا روائتون ۽ سڌون آهن جيڪي اسانجي معاشري عورت سان ڳنڍي رکيون آهن. مونسان بہ گهڻي ڀاڳي اهو ئي ڪجهہ ٿيو، سواءِ منهنجي مڙس جي ڄاڪاڻ جو هُن آڏو اِهي ڳالهيون بي معنيٰ ۽ فضول هيون. ڪجهہ سالن اندر ئي ويجهن مٽن مائٽن ۽ ٻين جو ٻن ڌيئرن ڪانپوءِ پٽ ڄڻڻ لاءِ ڳجهن لفظن ۾ زور وڌندو ويو.

خدا جي قدرت ڏسو جو اسانجي گهريلو ڪمن ڪارين ۾ هٿ

هيون.

اُن وقت مونکي نه دنيا جي مهڻن جي پرواهه هئي ۽ نه ئي پنهنجي بي وقعت هئڻ جي... فقط هڪ ماءُ جا ڳوڙها هئا ته مٿان سندس ڪُڪ به اُجڙي وئي. هڪدم مونکي ايمرجنسيءَ ۾ نيو ويو جتي طبي مدد جي نتيجي ۾ منهنجي ڌيءَ جي ساهه جي تند بحال ٿي. ڊاڪٽرن موجب جيئن ته آئون پنهنجي گرڀ کان خوش نه هئس جنهن جو ٻار کي قدرتي طور تي ادراڪ ٿي ويندو آهي. انڪري مون کي تاڪيد ڪئي وئي ته خوش رهڻ جي ڪوشش ڪريان ته جيئن ٻارڙي تندرست ڄمي.

گرڀ جي آخري مهيني روز منجهند جو صنوبا ۽ سويرا کي پنهنجي ساڄي ڪاٻي ليٽائي ڪين ڪلاڪن جا ڪلاڪ لکڻ پڙهڻ، اڳتي وڌڻ ۽ خوداعتماديءَ سان اڳتي وڌندڙ عورتن جا قصا ٻڌائيندي هئس. قدرت جا ٿورا ٿيا جو منهنجي ڌيءَ تي انجڪشنن ۽ ٽوٽڪن جو ڪو اثر نه ٿيو ۽ هوءَ مڪمل طور تي صحتمند ڄائي. اُجالا کي پنهنجي هنج ۾ ڏسي سوچيم ته ڇو پنهنجي ذات سان لاڳاپيل مامرن تي اڄ تائين ٻين جي ڳالهين، مشورن ۽ تبصرن تي ڪن ڏيندي آئي آهيان يا شايد آئون ضرورت کان وڌيڪ حساس آهيان.

انهيءَ ڏينهن مونکي پنهنجي انهن ترجيحن جو احساس ٿيو جيڪي سويرا جي ڄمڻ تي ڪجهه سال اڳ مون پنهنجي ڌيئرن لاءِ سوچيون هيون. جتي ٽي ڌيئرون پيدا ڪري روائتن کي ٽوڙيو هئم، سو اُجالا جي ڄمڻ تي عورت سان ڳنڍيل هر مدي خارج روائت کي ڪنهن ڊپ ڊاءُ کان سواءِ ٽوڙڻ جو به پڪو پهه ڪري ورتم. اُن ڏينهن فيصلو ڪيم ته پنهنجي ڌيئرن کي بااختيار، بااعتماد ۽ ذميوار شهري بڻائينديس. "دنيا ڇا چوندي؟" جهڙي خرافتن جي ڄار مان نڪري هو پنهنجي لاءِ پنهنجون راهون ڦلهورين تنهن ۾ سندن ساٿاري بڻباسين.

اِهي سموريون اخلاقي رڪاوٽون ٽوڙڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪيم جيڪي ڪنهن وقت ناممڪن لڳنديون هيون. سمورن مٿن مائٽن جي مخالفت ٿڏيندي سورهين ورهين جي ڄمار واري پنهنجي وڏي ڌيءَ کي هاءِ اسڪول اسڪالرشپ تي امريڪا اُماڻيم. انڪانپوءِ پوئتي موٽي نه ڏٺم جو وات سنواٽي ڪري ڇڏي هئم. جتي ننهي ڌيئرن کي اسڪول کان هڪدم پوءِ

پرڏيھ اُماڻڻ سندن اعتماد کي هٿي ڏيڻ هو اُتي غير نصابي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ تي هر ڪاڻڻ پڻ سندن شخصيتن کي ريج ڏيڻ جي هڪ معمولي ڪوشش هئي. اڄ منهنجون ٽيئي ڌيئرون سياسي، سماجي ۽ ادبي شعور سان مالا مال هئڻ سان گڏوگڏ پنهنجي روزگار سان پڻ لڳل آهن.

منهنجي اُها ڌيءُ، جنهن کي اُن وقت پٽ جي صورت ۾ ڏسڻ ٿي چاهيم، تنهن لاءِ اڄ بنان ڪنهن هٻڪ جي فخر سان چوان ٿي ته شڪر آهي جو قدرت مون کي ڌيءُ سان ئي نوازيو. اڄ هوءَ ڪينيڊا ۾ پڙهي پئي پنهنجو خرچ پکو ڪرڻ لاءِ ڪم ڪار پڻ ڪري رهي آهي. سنگيت جو شوق هئڻ سبب پنهنجي اسڪولي تعليم سان گڏوگڏ باقاعدي ڇهن سالن جي سنگيت جي تعليم پڻ حاصل ڪئي اٿائين ۽ بهترين پيانو وڄائيندڙ بڻجي وئي آهي. ٽئي ڌيئرون اسان جو فخر آهن. منهنجي ڌيئرن جي تعليم، تربيت ۽ ذهني آبياري ۾ مون کان وڌيڪ سندن پيءُ جي حصيداري آهي.

اسان جي معاشري تي اِهو هڪ سواليہ نشان آهي ته اسين پنهنجي ڌيئرن تي پنهنجن پٽن کي ترجيح ڇو ٿا ڏيون جڏهن ته هاڻ هر ڪيتري ۾ عورت مرد سان ڇناپيٽي ڪندي ٿي نظر اچي. اڄ به زندگيءَ ۾ ڪيترين ئي عورتن سان ملندي آهيان اسڪولن، ڪاليجن، يونيورسٽين، بازارن ۽ آفيسن ۾، وڏي ڄمار ۽ جوان جماڻ عورتن سان به ته معصوم نينگرين سان پڻ. سندن شخصيت ڏسي اڪثر ويچاريندي آهيان ته هيءُ معاشرو هنن سڀني جي وجود کان انڪاري ڇو آهي.

هڪيئي پويان ڌيئرون ڄڻڻ تي ڪيترين ئي ڳورهاري عورتن جا من انهيءَ ڊپ وگهي ڪنبجي ويا هوندا ته ايندڙ ڀيري ڀيهر ڌيءُ نه ڄمي پوي. شايد عورتن جي وجود جا انڪاري اِهو نٿا ڄاڻن ته اِهيئي ڌيئرون ايندڙ وقت جو حوالو هونديون. هڪ نئين دور جو اجالو هونديون.

جي بقول؛

خیر محرومیوں کے وہ دن تو گئے
آج میلہ لگا ہے اسی شان سے
آج چاہوں تو اک اک دکاں مول لوں
آج چاہوں تو سارا جہاں مول لوں
نارسائی کا اب جی میں دھڑکا کہاں
پر وہ چھوٹا سا الھڑ سا لڑکا کہاں

اڄڪلھ جي ٻارن جو بہ کو ڏوھ ناهي، دنيا جا رنگ رتول ئي بدلجي ويا آهن. هاڻ ڪٿي مُنن پائي جو دڪان ۽ ڪهڙي اِگلو آئسڪريم؟ هاڻ ٻار آن لائين عيد شاپنگ ڪندا آهن. کير واريون سيويون، برياني ۽ ڪوفتن بدران فود پانڊا ذريعي ڪو اطالوي پاستا يا چيني سوشيءَ جو آرڊر ڏنو ويندو آهي جو وات جو ذائقو اهڙن ئي ڪاڏن تي هري مري ويو آهن. هاڻ ٻارن جي عيد دير تائين ننڊ ڪرڻ جو ڏينهن آهي. شام جو من ٿيو تہ ڪو نئون سوٽ ڪڍي پهري وٺبو. هاڻ اُهي سالياني شاپنگ وارا ڏينهن ڏٽ ٿيا پر نہ. اهي سموريون چلولايون وڏن شهرن ۾ تائيڪو ٿينڊڙن جون ئي آهن. جيڪي اڪثر آن لائين شاپنگ، فود پانڊا ۽ هينگ آئوٽ جهڙي تفريح جي سگهہ تا رکن. اهڙا پاڪن پريا هن ملڪ جي آباديءَ جو ڪو ڏھ سيڪڙو ئي مس ٿيندا.

نوي سيڪڙو تہ اڄ بہ سڄو سال هڪ نئين وڳي ۽ ڪنهن مُنن پائي جي دڪان تي ويهي "والز آئسڪريم ۽ ڪوڪا ڪولا" جو اوسيئڙو تا ڪن.

# اسانجي پيشانيءَ تي چمي ڏيو

باجيءَ جي موبائل فون تي ڪنهن انجاتل نمبر تان ايندڙ ڪال لڳيتو ٽيون ڀيرو وڄي رهي هئي. باجي اهڙيون انجاتل ڪالون ٻڌڻ کان لنوائيندي آهي پر هن ڀيري ائين نہ ڪيائين. فون کنيائين تہ ٻئي پاسان هڪ اوپرو مرداڻو آواز ڪنن تي پيس.

"جيءُ حڪم! ڪنهن سان ڳالهائڻو آهي؟". باجيءَ پڇيو

"اوهان سان". مرداڻي آواز ڪن پل لاءِ هڪڙ ڪانسواءِ ٿي ورندي ڏني.

"جيءُ چئو!" باجيءَ چيس.

"اوهين ثمره جي وڏي ڀيڻ ٿا ڳالهايو نہ؟" ٻئي پاسان سوال ڪيو ويو.

"جي! پر اوهان ڪير ٿا ڳالهايو؟ ۽ ثمره کي ڪيئن ٿا سڃاڻو؟" باجيءَ اچرج ۽ پريشانيءَ واري گاڏڙ ڪيفيت سان پڇيو. "باجي! منهنجو نالو شاهد آهي. آئون اوهان جي امڙ جي علائقي جو رهواسي آهيان ۽ اڄ کان ڪو يارهن سال اڳ منهنجا گهر ڀاتي ثمره جو سنگ ڇڪرائڻ اوهان جي گهر آيا هئا... منهنجي لاءِ پر اوهان ثمره جي ماٽي ڪنهن ٻئي هنڌ ڳنڍي ڇڏي هئي." مرداڻي آواز ۾ تراسائي جا ڀاچولا هئا.

"اڄ کان يارهن سال اڳ تہ ثمره لاءِ ڪيترائي سنيها آيا هئا. سو مون کي اهو ڪجهہ هاڻ ڪيئن ياد رهيو هوندو ۽ نہ ئي هاڻ انهن پراڻين ڳالهين کي ڦلورڻ جي ڪا ضرورت بہ آهي." باجيءَ تنگ ايندي فون بند ڪرڻ جو اشارو ڏنو. "باجي! مهرباني ڪري فون بند نہ ڪجو. بس رڳو هڪ ڳالهہ جي پڪ ڪرڻي اٿم تہ ڇا واقعي ثمره جي شادي ٽٽي وئي آهي؟" مرداڻي آواز

يڪدم سوال ڪيو.

"اوهان جو ان ۾ ڇا وڃي؟" باجيءَ ڪاوڙ وچان فون بند ڪري ڇڏيو.

*****

ثمره اڃان ارڙهن ورهين جي مس هئي جو سنگابنديءَ لاءِ ڇڪ ڇڪ زينب ماسيءَ جو گهر ڳولهي لڌو هو. زينب ماسيءَ ساهرن جي خواهش تي پنجن ڌيئرن جي قطار جوڙي ڇڏي هئي، تنهن ڪانپوءِ ئي سندس ڪُک سائي ٿي ۽ سندس پُٽ ڄائو. زينب ماسي ته ڄڻ اُڏام کٽولي تي سوار هئي ۽ جلد کان جلد پنهنجي ڌيئرن کي شينهن ڪُلهي چاڙهي پنهنجي ذميوارين مان آجي ٿيڻ لاءِ آتي هئي. اڄڪلهه زمانو ڏاڍو خراب آهي. جوان نينگريون جيترو جلدي پنهنجي گهر ڀيڙو ٿين اوترو چڱو... پوءِ ٿيندي رهندي پڙهائي ٻڙهائي. زينب ماسي پنهنجي ليکي ڄڻ ڪم جي ڳالهه ڪندي هئي.

ثمره کان واندڪائي ملي ته اڳتي ئي ٻيون پڇي راس ٿي تيار وينيون آهن. ڌيئرن کي اڪلائيندي اڪلائيندي اسان جي ته ڄمار ئي لنگهي ويندي. ماءُ جون اهي سموريون ٻي ڏنگيون ڳالهيون ڌيئرن کي ازبر ياد ٿي ويون هيون ۽ ڇاتي اٿاتي ۾ هو به پنهنجي وجود جي بار کان ماءُ کي مُڪتي ڏيارڻ پنهنجو فرض سمجهڻ لڳيون هيون.

زينب ماسيءَ جي مڙس اختر چاچا جي ڇوڪرين جي وهان واري معاملي ۾ ڪا اهميت نه هئي. اهميت ته هونئن سندس ڪنهن به معاملي ۾ ئي نه هئي. چاچا جي زال سان ڪنهن ڳالهه سان اختلاف ڪرڻ تي زينب ماسي هنجون هاري روئڻ لڳندي هئي جنهن تي اختر چاچا جو دل ڦسي پوندو هو.

"اڙي! آئون ته رڳو صلاح پيو ڏيان، ڏسڻ پروڙڻ ته تنهنجو ڪم آهي ۽ حتمي فيصلو به تنهنجو ئي هوندو." اهو چئي اختر چاچا پنهنجي زال آڏو هٿيار ڦٽا ڪندو هو. زينب ماسيءَ پهرين ڌيءَ کي ارڙهن ورهين جي ڄمار ۾ پرڻائي ڇڏيو ۽ هاڻ ثمره جو وارو هو جيڪا جڳ جهان ۾ "ڳڳدام" ليکي ويندي هئي. نڪرندڙ رنگ تي تيز مهاندا، وڏو شاهي قد ۽ پوري پني بت واري ثمره جي سنجيده مُک تي ورلي ايندڙ مُرڪ انتهائي من موهيندڙ هئي.

ثمره مقامي ڪاليج ۾ فائن آرٽس جي پهرين سال جي شاگرديائي هئي. پنهنجي ڪم سان ڪم رکندڙ معصوم ثمره تي ڪلاس جو سڀ کان

وڏيڪ هوشيار شاگرد نديم احمد پهرين ڏينهن کان فدا هو. ٻنهي ڪلاس جي پڇاڙيءَ تي ڪلاڪن جا ڪلاڪ بظاهر تہ دنيا جهان جي فن ۽ ان جي تحريڪن بابت بحث مباحثو ڪندا هئا تہ جيئن دير تائين هڪٻئي جي نظرن آڏو رهن ۽ ٻنهي جي دلين جي سانت سمونڊ ۾ واچوڙو وڌندو رهي.

آهستي آهستي ٻئي هڪٻئي جي ويجهو ٿي ويا. پڙهائي جو آخري سال هو ۽ امتحان سر تي اچي ڪڙڪيا هئا. نديم احمد جي آرٽ ورڪ جو سڄي ڪاليج ۾ ڪو مٽ ثاني نہ هو. نديم احمد ماءُ ٻنان اهڙو پٽ هو جنهن کي سندس پيءُ کيس ماءُ پيءُ ٻنهي طور نپايو هو. نديم سانوري رنگ ۽ ڊگهي قد ڪاٺ وارو هڪ قبولڻ جوڳو نوجوان هو جنهن جي نيڻن جي ڏاهپ هر ڪنهن کي ڏانهس ڇڪيندي هئي. محنتي ۽ حساس سڀاءُ واري نديم احمد پنهنجي من ئي من ۾ ثمره کي پنهنجي حياتيءَ جو ساٿي چوندي ورتو هو.

"امتحانن کانپوءِ ڇا ارادو اهي؟" ثمره ڪاليج جي ڪينٽين ۾ ويٺي اڪ ٽيڻ سان کيس ڏسندي اُهو سوال ڪيو جيڪو ڪيترن ئي ڏينهن کان سندس من ۾ پنڪي رهيو هو. "ظاهر آهي تہ ڪنهن چڱي نوڪريءَ لاءِ ڀڄ ڊُڪ. ٻيو ڇا." نديم احمد لاپرواهيءَ سان ورندي ڏيندي اهڙو تاثر ڏنو ڄڻ هُن اصل ڳالهہ سمجهي ئي نہ هجي.

"او ڪي." ثمره ڪنڌ ڌوڻيندي سرٻاٽ ۾ ورائيو.

نديم احمد جو من ٿيو تہ ثمره کي پنهنجي پاڪرن ۾ ڀري ۽ سندس ڪن ۾ پنڪي تہ تو کي پنهنجو ڪرڻ جو ارادو اٿم. "مون سان وهان ڪندين؟" چانهہ جو ڪوپ ٻنهي هٿن ۾ جهليندي هُن پڇيو.

ثمره انتهائي اچرج وچان نديم احمد ڏانهن نهاريو.

"منهنجا ڀاڳ ڀلا." ثمره نديم احمد جو هٿن ۾ جڪڙيل چانهن جي ڪوپ تي نظرون کپائيندي ورندي ڏني ۽ لڄي ٿي وئي.

نديم احمد جي دل اُڇلون کائڻ لڳي. کيس اندازو نہ هو تہ ثمره ايترو سگهو راضي ٿي ويندي. کيس زندگيءَ جي ڪينواس تي هر پاسي خوشيون رنگ وکيريندي نظر آيون. ٻئي پاسي ثمره پڻ خوشيءَ مان نہ پئي ماپي، جو سگهو ئي هوءَ پنهنجي من جي پيچيءَ سان پرڻجي پنهنجي مائٽن تان بار گهٽائڻ واري هئي. نديم احمد ايندڙ هفتي ئي پنهنجي پيءُ سان گڏ ساڻ

سنئون جو وڳو، مٺائي ۽ منديءَ سوڌو ثمره جو سنگ پڪرائڻ لاءِ زينب ماسيءَ جي گهر پهتل هو. ثمره جي وڏي چاچي کي هر ڪم ۾ اڳڀري رکيو ويندو هو. سو هو به پنهنجي آڪهه سان گڏ موجود هو.

"اري يوسف صاحب اوهين؟" وڏي چاچي جي سڀ کان وڏي پٽ وسيم گرمجوشيءَ سان نديم احمد جي پيءُ يوسف صاحب سان هٿ ملائيندي چيو.

"تون سڃاڻين يوسف صاحب کي؟" اختر چاچاڇرڇ وچان پنهنجي پٽ کان پڇيو.

"جيءُ بابا! يوسف صاحب اسانجي آفيس ۾ سينئر اڪائونٽنٽ آهي." وسيم وضاحت ڪئي.

رسميءَ ڳالهه ٻولهه کانپوءِ ثمره کي نديم احمد جي نالي جي مندي پهرائي مڱڻيءَ جي رسم ڪئي وئي. اڄ ثمره جي زندگيءَ جو سڀ کان وڌيڪ شاندار ڏينهن هو. "يقين نٿو ٿئي ته قدرت ايترو سولائي سان منهنجي من جون مرادون پوريون ڪري ڇڏيون." هُن من ئي من ۾ سوچيو.

من جون مرادون پوريون ٿين ته چال ڍال ئي ڦري ويندي آهي. هاڻ ثمره جو به اهڙو ئي حال هو. مڱڻي ٿئي اڃان ڪجهه ڏينهن ئي مس لنگهيا هئا جو زينب ماسيءَ جي ڏيراڻي هڪ روح ڦسائيندڙ خبر ڏيڻ ثمره جي گهر اچي نڪاءُ ڪيو. زينب ماسيءَ هڪدم سندس آڏو پاندان رکيو.

"ڀاڄائي! سانجي پان ته اڄ نه مليا. بنگلا پان تي ڪٿو ۽ چُن هئان؟"

"هاءِ هاءِ! هيءُ مٺا بنگلا پان ته ڇپ ۽ ڄاڙون ئي ڦٽيو ڇڏين. پر هاڻ سانجي پان گهرائڻ لاءِ ڪهڙا هٿ پير هڻنديڻ. نڌي ڪنوار! پاندان ۽ سروتو هيڏانهن ڪر. آئون پاڻ تي پان ناهيان. تون چانهن جو پاڻي چلهه تي رکي اچ. توسان ڪجهه ضروري ڳالهيون ڪرڻيون اٿم." ڀاڄائي ڏيراڻي کي حڪم ڏنو ته زينب ماسي رنڌڻي جو رخ ڪيو ۽ سيگهه ۾ چانهن ناهي آئي.

"اڙي زينب! تو ثمره جي مڱڻيءَ کان اڳ ڇوڪري وارن جي ڪا جانچ پڙتال نه ڪئي هئي ڇا؟".

ڀاڄائي سروتي سان سوپاري ڪپيندي پنهنجي ڏيراڻيءَ تي ڏاڪا بڌي چڙهي وئي.

جو هڪ اڻکٽ سلسلو شروع ڪري ڏنائين. ثمره جي پيڪن ايندي ئي پاڙي ۾ سرڀاتن جو سلسلو شروع ٿي ويو ۽ وڏندي وڏندي وڃي شاهد جي ڪنن تي پيو جنهن جو سنگ ڀارهن ورهيه اڳ ٽڙيو ويو هو. شاهد ان ڪانپوءِ وهان جو ڪڏهن سوچيو ئي نه هو. وچولي قد، گهنگهرو وارن ۽ صاف رنگ وارو شاهد وچولي طبقي سان تعلق رکندڙ هو. ثمره جي گهر موٽڻ جي پڪ ٿيڻ تي هُن ثمره جي وڏي ڀيڻ سان رابطو ڪري ٻيهر ثمره جو سنگ چڪرائڻ جي ڳالهه ڪئي هئي.

"باجي! اوهين بس رڳو ثمره کي راضي ڪريو. باقي سڀڪجهه مون تي ڇڏيو." شاهد فون تي ثمره جي وڏي ڀيڻ کي مڃرائڻ جي ڪوشش پئي ڪئي.

"ثمره ٻيهر شادي ڪرڻ نٿي چاهي ۽ جيڪڏهن راضي ٿي به ته ڏهن به ٻار قطعي نه چاهيندي. جڏهن ته هيءَ تنهنجي پهرين شادي آهي ۽ توکي پنهنجي ٻارن جي خواهش نه هجي پر تنهنجا گهر ڀاتي اها ڳالهه ڪڏهن به نه مڃيندا." ثمره جي وڏي ڀيڻ شاهد کي لاڳيتو ٽاريندي رهي جو هان تڙ تڪڙ ۾ ڪو فيصلو ڪرڻ مناسب نه هو.

"ثمره سان وهان جو فيصلو منهنجو آهي ۽ مونکي سندس سمورا شرط قبول آهن. منهنجي ڪنهن فيصلي تي جيڪڏهن گهر ڀاتين کي ڪو اعتراض ٿيو ته ثمره لاءِ آئون ڪين ڇڏي به سگهان ٿو." شاهد هن ڀيري اهو موقعو وڃائڻ نٿي چاهيو، انهيءَ ڪري هو ثمره طرفان سمورا شرط پورا ڪرڻ واسطي قسم کائيندو رهيو.

"اڄ ته تون سمورا شرط مڃي رهيو آهين پر ڪهڙو پتو جو سڀاڻي توکي احساس ٿئي ته تڙ تڪڙ ۾ غلط فيصلو ڪيو اٿئي." شاهد کي پرکڻ لاءِ ثمره جي وڏي ڀيڻ طرح طرح جا حيلا بهانا ڪرڻ لڳي.

"باجي! اوهان کي ڪڏهن به لڄي ٿيڻ نه ڏيندس." شاهد هر سوال جي پوري ويساهه سان ورندي ڏيندي ثمره جي وڏي ڀيڻ کي لاجواب ڪندو رهيو.

نيٺ وڏي ڀيڻ سميت ٻين ڀينرن جي زور ڀرڻ تي ثمره کي هائوڪار ڪرڻي پئي. ثمره کي پنهنجي اڳوڻي مڙس کان سگهو ئي خلع ملي وئي. زينب ماسيءَ ڀڻ سُک جو ساهه پٽيو. شاهد پنهنجي گهر واري ثمره جي بي رنگ زندگيءَ ۾ اندلٺ جا سمورا رنگ ڀري ڇڏيا. ثمره ۽ شاهد پئسي ڏوڪڙن

۾ بيشڪ شاهوڪار نہ هئا پر محبت جي دولت سان مالا مال هئا. ٻن ڪمرن واري گهر کي بهشت بڻائڻ ۾ ٻنهي جو هٿ هو. ثمرہ زندگيءَ جو گاڏو بهتر ريت ڌڪڻ لاءِ جز وقتي ملازمت ڪرڻ شروع ڪئي.

ثمرہ ٻن پٽن جي ماءُ هئڻ سبب وڏيڪ ٻارن جي گهرجائو نہ هئي جنهن تي شاهد راضپو ڏيکاريو هو ۽ سندس ٻنهي پٽن کي پيءُ جهڙي شفقت ۽ محبت ڏيڻ لڳو. ثمرہ ۽ شاهد جي جوڙي پاڙي ۾ ليلا مجنون جي نالي سان سڃاتي وڃڻ لڳي. بصر ٿماڻا وٺڻ لاءِ بہ ٻئي زال مڙس موٽر سائيڪل تي ايئن ويندا هئا ڄڻ پنهنجي ذاتي جيٽ جهاز تي اڏام ڪندا هجن.

ثمرہ ڳلن جيان ٽڙي پئي هئي. سدائين گهڻ ڳالهائو ثمرہ جي ڪچهرين مان هاڻ هرڪو مزو ماڻڻ لڳو هو. ڳالهہ ڳالهہ تي سندس ٽهڪ محفلن جي جان بڻجڻ لڳا هئا. سندس اهو روپ هر ڪنهن کي اچرج ۾ وجهڻ لڳو هو. جيڪي ماڻهن ثمرہ جي خلع تي سرين ڳالهيون ڪري رهيا هئا. شاهد تن سمورن جون دليون کٽي ورتيون هيون. سمورو اوڙو پاڙو شاهد جي اخلاص ۽ پنهنجائپ جو مريد بڻجي چڪو هو. شاهد کي قدرت سريلي آواز سان پڻ نوازيو هو.

"اڙي شاهد! اُدت نارائڻ جو گانو "اے میرے ہمسفر" تہ ٻڌاءِ." پاڙي جا بزرگ زينب ماسيءَ جي گهر ڪائنس فرمائش ڪندا هئا ۽ شاهد هر ڪنهن جي فرمائش پوري ڪرڻ ڄڻ پنهنجو فرض ليکيندو هو. شاهد جي ٻئي خوبي نوان نوان طعام تيار ڪرڻ هئي. سندس هٿن سان نهيل هر طعام جو ڌار ذائقو هوندو هو. پٽاٽن جو ڀوڙ ٺاهيندو هو تہ اُهو بہ قورمي کان وڌيڪ لذيذ هوندو هو.

"جادو آهي نانيءَ جي آڱرين ۾." شاهد جي ساهراڻي مهمانن کي آڱريون چٽيندي ڏسندي چوندو هو.

شاهد پنهنجا اهي ٻئي جوهر هر ڪاڄ ۾ ڏيکاريندو هو. زينب ماسي ۽ اختر چاچا جي وڏي ڌوم ڌام سان ملهايل وهان جي گولڊن جوبليءَ تي هر ڪنهن شاهد کان پنهنجا وڻندڙ گانا فرمائش ڪري ٻڌا.

"نيرہ نور جو گانو "کبھی ہم بھی خوبصورت تھے" ڳائي ٻڌائي تہ توکي مڃون تہ واقعي ڳائڻو آهين." ثمرہ جي وڏي ڀيڻ شاهد کي آزمايو.

آهي." ثمره پنهنجي پيءُ کي آٿت ڏني.

شاديءَ جي ڪاڄ ۾ ٻئي زال مڙس محفل جي جان بڻيل رهيا. فوٽو گرافر مختلف ڪنڊن پاسن کان سندن تصويرون ڇڪي رهيا هئا. جتي ثمره ۽ شاهد ٺهڪ ڏئي رهيا هئا. اُتيئي قسمت به سندن آڏو ڏند ڪيڙي رهي هئي.

شاديءَ جي ڪاڄ کان ٻه ڏينهن پوءِ شاهد کي تيز تپ ٿي پيو. جسم ۾ مٽي جي سور ڪيس اڌ مئو ڪري ڇڏيو. ٽين ڏينهن تپ اجائين وڌي ويو. شاهد غنودگيءَ واري ڪيفيت ۾ ڪنجهي رهيو هو. ثمره ڪيس هڪدم ڊاڪٽر ڏانهن وٺي پڳي. "دماغ تي تپ چڙهڻ سبب اِها حالت ٿي آهي. ٿڌي پاڻيءَ جون پٽيون رکو ۽ هيءُ دوائون پنج ڏينهن باقاعدگيءَ سان کارايو." ڊاڪٽر تڙ تڪڙ ۾ ڪاغذ تي دوائن جو نسخو لکيو ۽ دانهن ڪئي. "نيڪسٽ پليز!"

"باجي! شاهد جي طبيعت سڌري نه پئي." ثمره فون تي گهٽيل آواز ۾ چيو.

"ٺيڪ ٿي ويندو. ڪنهن وڏي اسپتال ۾ ڏيکاريندس. آئون بس ٻن هفتن ۾ موٽان پئي." وڏي ڀيڻ ڪيس آٿت ڏيندي چيو.

هڪ هفتي تائين ته هرڪو موسمي تپ سمجهي مطمئن رهيو پر هاڻ شاهد جي بگڙجندڙ حالت ڏسي هر ڪنهن کي ڊڪر اچي ويا. هو ٻي ربط ڳالهيون ڪري رهيو هو.

"باجي! شاهد سان ويڊيو ڪال تي ڳالهائي ڏس، متان توسان سنئين سبتي ڳالهه ڪري." ثمره پنهنجي وڏي ڀيڻ سان ڳالهائيندي موبائل فون شاهد پرسان ڪيو.

"باجي... اوهان جو... ٿورو نه وساريندس... باجي... اوهان... جلدي موٽي اچو" شاهد ٿڪيل آواز ۾ چيو.

"ها.... ۽ پنهنجي... هٿن... سان... طعام ڏاهي... ٻه.... کارائيندس." شاهد غنودگيءَ ۾ چيو.

"۽ منهنجو وٺندڙ ڳانو." ثمره جي وڏي ڀيڻ بيمار جو ڌيان ڦيرائڻ لاءِ پڇيو.

"ہمیں ۔۔ ماتھے پہ بوسہ ۔۔ دو۔۔ کہ ہمیں تتلیوں کے۔۔ جگنوؤں کے۔۔ دیس جانا ہے۔۔" شاهد ٽٽل آواز سان جهونگاريندي هنجون هاري روئي

پيو.

"باجي... مون کي... ننڊ... پئي... اچي". شاهد ننڊ ۾ خماريل اکيون نمڊ ڪندي چيو.

"شاهد! جلدي ليڪ ٿي وڃ پوءِ تمام گهڻا گانا ۽ طعام ڪنداسين." ثمره جي وڏي ڀيڻ جو من ڦسي پيو.

لاهور ۾ وينل ثمره، جي وڏي ڀيڻ حالتن جو ڪاٿو ڪيئن پئي لڳائي سگهي جيڪي گهر ڀاتين کي سمجهه ۾ نه پئي آيون ته شاهد جي صحت ڏينهون ڏينهن وڌيڪ چو پئي خراب ٿي. ثمره جا گهر ڀاتي شاهد کي شهر جي هڪ وڏي اسپتال ڏانهن کڻي ڀڳا. هر اسپتال ۾ ڪرونا جا هزارين مريض هئا. اهڙي صورتحال ۾ ڊاڪٽر به ويچارا ڇا ٿي ڪري سگهيا. سپ ٿوري گهڻي دوادرمل ڪري مريض کي واپس ٿي اماڻيائون ته جيئن ڀين جو به وارو اچي.

پوءِ هڪ وڏي اسپتال جي ڊاڪٽر مختلف ٽيسٽ لکي ڏنا ۽ رپورٽون هڪدم ڊيڪارڊ لاءِ چيائين.

"شاهد کي مٺن پيشابن جي بيماري ڪڏهن کان آهي؟" ڊاڪٽر ثمره کان پڇيو.

ثمره ۽ اختر چاچا هڪٻئي جو منهن تڪڻ لڳا.

"هن کي ته مٺن پيشابن جي بيماري ڪڏهن به نه رهي آهي." ثمره اچرج وچان ٻڌايو.

شاهد کي ڪجهه ئي مهينا اڳ پتو لڳو هو ته کيس مٺن پيشابن جي بيماري آهي پر ان تي ڌيان نه ڏريو هئائين ۽ نه ئي ثمره کي ٻڌائڻ ضروري سمجهيو هئائين. ڪرونا جي وبا مٺن پيشابن جي مريضن لاءِ موتمار هئي. اهو ئي سبب هو جو شاهد جي طبيعت ڏينهون ڏينهن خراب ٿيندي پئي وئي. مٺن پيشابن سبب ڪرونا شاهد جي جسم ۽ دماغ کي کوکلو ڪري رهي هئي ۽ ڪابه دوا اثرانداز نه پئي ٿي. چاليهن ورهين جو ڳاڙهو ڳٽول ۽ تندرست شاهد پڻ هفتن ۾ ئي هڏين مُٺ ٿي ويو هو.

ثمره جنهن ڪڏهن به پنهنجي ڪنهن جائز حق لاءِ آواز نه اُٿاريو هو ۽ پنهنجي زندگيءَ جي هر وڏي فيصلي کي پنهنجي وڏن آڏو ڪنڌ جهڪائيندي پئي آئي، اڄ پڻ قدرت آڏو بيوسيءَ وچان ڪنڌ نمايو ويٺي هئي.

"ثمره! مونکي پنهنجي گهر وٺي هل." شاهد درخواست ڪئي.
طبيعت خراب هئڻ سبب ثمره شاهد کي پنهنجي پيڪن وٺي آئي هئي.
"امان! شاهد پنهنجي گهر وڃڻ جو پيو چوي." ثمره پنهنجي ماءُ زينب ماسيءَ کي ٻڌايو.
"پٽ! ٿورو ترس. ثمره جو پيءُ بازار ويو آهي، موٽي اچي توکي گاڏيءَ ۾ چڙهي ايندو." زينب ماسيءَ ڏيءَ کي سمجهايو.
"ثمره! اڄ طبيعت بهتر اٿم! پنڌ ٿا هلون." شاهد هوڏ ڪندي ثمره ۽ زينب ماسيءَ کي آٿت ڏيندي چيو.
ثمره شاهد جو هڪ هٿ پنهنجي ڪلهي تي رکيو ۽ ٻيو سندس چيلهه ۾ ڏيندي پنهنجي ننڍڙي گهر ڏانهن هلڻ شروع ڪيو جيڪو اڳيئن گهٽيءَ ۾ هو.
گهر جي اڳڻ تائين پهچندي ئي شاهد جا پير ٿڙڻ لڳا ۽ جسم مان ست نڪرڻ لڳس. ثمره سندس ڍري ٿيندڙ ٻت کي سنڀالي نه سگهي ۽ هو اُتيئي ڍهي ڍير ٿي ويو. سندس چپ نيرا ٿي ويا هئا ۽ ڪومائجي ويل نيڻ ثمره تي کُپي ويا. ثمره جي وڏي ڀيڻ رنڌڻي ۾ ٽيرن تيار ڪرڻ سبب موبائل فون جي گهنٽي ٻڌي نه سگهي جيڪا لاڳيتو وڄي رهي هئي.
"امان... امان! ثمره ماسيءَ جو فون آهي." ثمره جي وڏي ڀيڻ جي ڌيءَ فون ماءُ کي ڏيندي چيو.
ثمره جي وڏي ڀيڻ هٿن تان اٽو ڇنڊيندي فون جو اسپيڪر کوليو.
"باجي! شاهد نه رهيو... شاهد نه رهيو. باجي! هو مونکي اڪيلو ڇڏيو ويو. هو ڪيئن ٿو مونکي اڪيلو ڇڏي سگهي. جيڪو هڪ پل به مونکان سواءِ رهي نٿي سگهيو... باجي آئون ڇا ڪريان..."
نه ڄاڻ ثمره ڪهڙا ڪهڙا پار ڪڍي ماتامي هئي پر موبائل فون تي سندس وڏي ڀيڻ کي شاهد جي سُريلي آواز ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه ٻڌڻ ۾ نه پئي آيو.
"ہمیں ماتھے پہ بوسہ دو کہ ہمیں تتلیوں کے، جگنوؤں کے دیس جانا ہے۔ ہمیں ماتھے پہ بوسہ دو"

# پائل

2004

ليڊز جي پوش علائقي هيڊنگلي جي نانگڻ جيان ور وڪڙ کائيندڙ رستي جي ٻنهي پاسي ڊور نهار تائين شاهه بلوط ۽ هيزل جي گهاٽن ۽ چانورو ڏيندڙ وڻن جون شاخون ڪجهه ان ريت هڪٻئي کي ڇُهي رهيون هيون ڄڻ اجهو ئي بيتابيءَ وچان هڪٻئي کي ڀاڪرن ۾ ڀري ڇڏينديون.

آڪٽوبر جي رڱن ۾ رت ڇمائيندڙ ننڍڙ ايڪڙ ٻيڪڙ ڳاڙهن ڪانسواءِ هر پاسي ويراني هئي پر رستي جي پڇاڙي تي ڳاڙهين سرن سان ٺهيل ٻه-ماڙ خوبصورت گهر رنگبرنگي بتين ۾ ڪنهن ڪنوار جيان نرم ۽ گرم لڳي رهيو هو. ٻاهرين دروازي سان لڳولڳ پڙدن کان آجي وڏي شاهي شيشي واري دريءَ مان گهر جي اندر لائونج ۽ وشال اڱڻ ۾ تمام گهڻي چهل پهل ۽ رونق پئي نظر آئي. تيز آواز ۾ گونجندڙ پنجابي ۽ انگريزي گانن جي ري مڪس جي تال تي مهمانن جا جسم ڦڙتيءَ سان جهومي رهيا هئا. ڪجهه مهمان ڪاڏي تي هٿ صاف ڪري رهيا هئا جڏهن ته ڪجهه ٻيا هٿن ۾ جام جهلي ڪچهريءَ ۾ رڌل هئا. باربي ڪيو ۽ ديسي طعامن مان اُٿندڙ خوشبو سان سمورو علائقو مهڪي رهيو هو.

اڄ آڪٽوبر جي ايڪٽيهين تاريخ هئي ۽ اڄ بلديش ڪور ۽ نجيندر سنگهه جي وهان کي ويهه سال ٿي چڪا هئا. ويهه سال اڳ انهيءَ ڏينهن تي بلديش ڪور امرتسر مان پرڻجي انگلينڊ اچي ٽانيڪو ٿي هئي. هر سال جيان اڄ به بلديش جي مڙس وهان جي سالگرهه ملهائڻ لاءِ پنهنجي گهر سمورن ڪٽنب ڀاتين ۽ دوستن کي نينڊ ڏني هئي. بلديش جي مڙس کي هرڪو "نج"

سرڪاري ڪاتي جو عملدار آهي. جسونت جي زال پنهنجي پنهي ڏيئرن سوڏو پنهنجي ساهرن ۾ ٿي رهي. جسنونت سنگهه هر مهيني ٻن چئن ڏينهن لاءِ گهر جو ڦيرڙو ڪندو آهي.

وچيون پٽ رابندر سنگهه عرف بگا ڳوٺ جو سڀ کان وڌيڪ ڳڀرو جوان هو. بگي جو ڪنڌ سدائين ايئن تاڻيل رهندو هو جڻ هلڪي به ڏر ڏنائين ته ڪومايل گُل جيان هڪ پاسي ڍرڪي پوندو. ڳوٺ جي هر ڇوڪري بگي کي ڏسي ايئن لجي ٿيندي هئي جڻ هو سندس ٿيندڙ وَرُ هجي پر بگي جو من ڪنهن وينگس بدران خالصتان تحريڪ لاءِ ٿي اڇلون ڪاڍيون.

بيبي کي ڏينهن رات پنهنجي بگي جو فڪر آهي، جيڪو خالصتان تحريڪ جي جرنيل سنگهه ڀندرانوالا جو خاص ماڻهو ٿو ليکيو وڃي. گذريل ڏهن مهينن کان هو آزادي حاصل ڪرڻ واسطي گولڊن ٽيمپل ۾ ڌرڻي تي ويٺل آهي. انهيءَ عرصي دوران هو فقط ٻه ڀيرا ڳجهه ڳوهه ۾ بيبي سان ملڻ آيو هو.

ٽين نمبر واري ڌيءَ راج پال ڪور ٽي سال اڳ پرڻجي انگلينڊ اُسهي هئي ۽ هاڻ هڪ پُٽ جي ماءُ هئي. هوءَ وهان ڪانپوءِ فقط هڪ ڀيرو پيڪن آئي هئي جو هاڻ ڪيس امرتسر جي گهٽين ۾ مينهن ۽ ڇيڻن جي بدبو برداشت نٿي ٿئي.

بلديش ڪور گهر ۾ سڀ کان ننڍي هئڻ ڪري هر ڪنهن جي لاڏلي آهي. سڄي ڳوٺ ۾ هُن جهڙي ڳاڙهي ڳنڀول ناري ناهي. ٺهڪ ڏيڻ مهل سندس ڳل تي اونها کپُ پئجي ويندا آهن. اڇي رنگ تي بلور جهڙا نيڻ، نڪ جيترو سنڌو، چپ اوترائي رسيلا. گهاٽن ڪارن وارن جون ٻه چوٽيون نانگڻ جيان سندس پريل ڇاتين تي جڻ ڦڻ ڪڍي پيل هونديون آهن. هر ڳالهه تي ٺهڪ ڏيندڙ بلديش پنهنجو پاڻ کان بيگاني آهي. رميش ٿي ڪيس پهريون ڀيرو ٻڌايو هو ته "ڪيس پتو ئي ناهي ته هوءَ ڇا آهي."

*****

1977

"تم مجھے یوں بھلا نہ پاؤگے"... ٽيپ ريڪارڊ تي گانو پيو وڄي. رحيم بخش کٽ تي پاسو ورائي اکيون پوٽي ليٽيل آهي. سندس ڇپن تي گاني جا

سائي نہ ٿي هئي. سڪينا ڪا مزار، درگاهہ، مندر ۽ گردوارو نہ ڇڏيو هو جتي پٽ جي پهرين اولاد لاءِ نہ ٻاڏايو هجيس. چاڪاڻ جو ساهرن جي تڙار سڪينا جي سر تي لاڳيتو لٽڪي رهي هئي تہ جيڪڏهن هن سال بہ سندس ڪُک سائي نہ ٿي تہ سندس مڙس ڪريم بخش لاءِ ٻئين ۽ زرخيز ڪنوار آندي ويندي. گهر ڀاتين آڏو ڪريم بخش ٻُڪ بہ نہ ٻوليندو هو.

قدرت سڪينا تي مهربان ٿي جو اُن سال ئي رحيم بخش سندس ڪُک ۾ آيو. رحيم بخش اڃان هڪ سال جو بہ نہ ٿيو هو جو سڪينا کي ٻيهر الٽيون ٿيڻ لڳيون. ٻن سالن ۾ ئي رحيم جي گول مٽول ڀيڻ بلقيس رحيم جي هنج ۽ ٿڃ ٻنهي تي قبضو ڪري ورتو. شايد اِهو ئي سبب هو جو رحيم جو بُت سڪڙيل هو ۽ ماءُ جي ٿڃ بند ٿيڻ ڪري سندس رنگ پڻ جهڪو ٿي ويو هو.

*****

1946

رحيم بخش ۽ گرميندر سنگهہ جا گهر پاڙ ۾ ڳنڍيل هئا. ٻئي ننڍپڻ گذاري هاڻ جوانيءَ جي چائنٺ تي پير ڏري چڪا هئا. ٻئي هڪٻئي جا جگري يار هئا. رحيم بخش ۽ گرميندر سنگهہ جون عادتون، شغل، ٽينگ مستيون ۽ اسڪول بہ ساڳيا هئا تہ پاڙي اوڙي ۾ دوست پڻ پر ٻنهي جا قدبت ۽ رنگ روپ هڪٻئي کان بنهہ ابتڙ. رحيم بخش پڪي رنگ پر پريل منهن مهانڊي وارو وچولي قد جو ڪمزور نوجوان هو جڏهن تہ گرميندر سنگهہ ڳاڙهي ۽ اڇي رنگ وارو مردانگي شان شوڪت جو ڀرپور اظهار.

ٻنهي گهراڻن جي وچ ۾ ڀت ضرور هئي پر دلين جا در هر وقت هڪٻئي لاءِ کليل هئا. جنهن جو من ٿيندو هو، ٻنان ڪنهن هڪ جي ٻئي گهر هليو ايندو هو. رنڌڻي مان ساڳ ۽ مڪئي جي ماني کائڻ، لسي جو لوٽو پيئڻ هڪ معمول هو.

رحيم بخش جي ڀيڻ بلقيس تي جوانيءَ پنهنجا سمورا ڦوهہ ظاهر ڪيا هئا. پاڙي جي سمورن مسلمان ڇوڪرن جون مائرون من ئي من ۾ بلقيس کي پنهنجي نُهن طور سانڍي رهيون هيون. گرميندر سنگهہ کي خاموش طبع بلقيس سدائين موهيندڙ لڳندي هئي پر پتو هئس تہ ٻنهي گهراڻن جي ڌرم جو

هئا. اڄ رات گرميندر سنگهه کين پاڪستان پهچائڻ جو سمورو بندوبست ڪري ورتو هو. گرميندر کي پتو لڳو هو تہ اڄ رات ڏڦيرين گرووالي ڳوٺ جي مسلمانن ۽ سندن گهرن تي ڪاهه ڪرڻ جو پڪو پهہ ڪيو آهي. ڪريم بخش گهر جون چاٻيون گرميندر سنگهه جي حوالي ڪري، ڪيس پاڪرن ۾ ڀري هنجون هاري چوڻ لڳو. "گرميندر! مينون بس اپڻي بلقيس دي عجت دي فڪر اي، نئين تان مين اٿي ڪدي نہ جاندا."

"تون فڪر ڪيو ڪريندا اي. بهوت جلدي سڀ ٺيڪ هو جاوي گا تي آپان دوباره اڪ جُٽ هوڪي موج مستي ڪران گي. اي ڪار، جمين، منجان، ميري ڪول تيري امانت اي." گرميندر رحيم کي آٿت ڏني.

رات جي پهرين پهر گرميندڙ سنگهه رحيم جي ماءُ، پيءُ ۽ بلقيس کي پنهنجي ڍڳي گاڏيءَ تي ويهاري ريلوي اسٽيشن روانو ٿيو. جڏهن کان فساد شروع ٿيا هئا. چنڊ جي چانڊاڻ بہ پوائتي وحشت جو شڪار بڻيل هئي. بنيون ٻارا ڊنل ۽ هيسيل هئا. اونداهيءَ ۾ ڍڳي گاڏيءَ جو آواز ۽ رولو ڪتن جي ڀونڪ سانت چيري رهيا هئا. اوچتو ٻنيءَ ۾ ٽيل چرپر گرميندر ۽ رحيم کي چوڪس ڪري ڇڏيو. ريلوي اسٽيشن کان ڪجهه فرلانگن جي فاصلي تي ٻنين ۾ لڪيل سوين ڏڦيرين هڪدم اهڙي ڪاهه ڪئي جو ڪنهن کي پير ڪڍائڻ جو موقعو ئي نہ مليو.

"حرامجداي! مسلمان نون بچواندان اين... اپڻي ڌرم اپڻي لوڪان نال ڌوڪا ڪريندان اين؟ بيشرم لاشان نال ڀري ريل گاڙي ويک ڪر وي تون اينان ڪمينان نون بچاڪي پاڪستان ڀيج رهيا اي... بي غيرتا!"

رات جي سانت کي گوڙگهمسان چيري ڇڏيو.... اونداهيءَ ۾ رحيم بخش جي مٿي تي اوچتو ڪنهن ڳري شئي پويان کان اهڙو وار ڪيو جو هو اُتيئي ڪري ڍير ٿي ويو.

رحيم بخش کي ڪٿان ڏور کان دانهن ڪوڪن جا آواز ٻڌڻ ۾ آيا... بچايو... بچايو... بچايو... بلقيس جون دانهون ڪوڪون، سڪينا جو روڄ پٽڪو. ڪريم بخش جا ايلاز... ۽ گرميندر سنگهه جي ڪاوڙ ڀري للڪار... بلقيس بلقيس... آهستي آهستي سمورا آواز گڏجي سڏجي رحيم بخش جي ذهن تان ڌُڪ ٿي ويا.

*****

اي چٺي تيري واسطي ڏي ڳيا اي.“ عورت ڪاغذ جو هڪ ٽڪرو رحيم جي حوالي ڪندي چيو.

”رحيم ! ميري يار! مين صرف تينون بچا پايا. بلقيس نون ڪار لي ڪي آيان ڪيون ڪي او تيري نال نجر ملاوڻ دا حوصلا نهين ڪر پا رهي سي. بلقيس دي عجت ميري عجت هي. تيري امانت دي راکي ميري ذمي داري اي. تيري منجوري هووي تان مين اس نون اپڻي ڪار دي عجت بڻان کي رکان. جي تيرا حڪم هووي تان حالات ٺيڪ هوندي اي پاڪستان پچان ديوان گا.

رب راکا

گرميندر سنگھ“

رحيم بخش خط پڙهي زاروقطار روئڻ لڳو.

*****

1984

بلديش ڪور کي رميش سان ملڻ لاءِ اڳيئي گھڻا ڪشالا ڪڍڻا پوندا هئا پر هاڻ ته صورتحال سنڌس ملڻ جون سموريون واٽون بند ڪري ڇڏيون هيون. اڄ جڏهن بلديش رميش جي چٺي پڙهي جنهن ۾ هُن ملڻ جو آسرو ڏنو هو، تڏهن کان سنڌس ڪنهن به ڪم ۾ من نه پئي لڳو.

رميش ڪمار بلديش جو پهريون عشق هو. هو ٽي سال کن اڳ گرميندر سنگھ جي گھر ڪرائي دار واري حيثيت ۾ آيو هو. بي اي پاس ڪرڻ کانپوءِ امرتسر جي هڪ بينڪ ۾ نوڪري ملڻ تي ڪيس دهلي ڇڏي هتي اچڻو پيو هو. ٽيويهن ورهين جو رميش کتري ذات جو هندو هو. دهليءَ جهڙي شهر ۾ چاول ٽپايل رميش شڪل صورت جو انتهائي موهيندڙ هو. ڳوٺ جي نوجوانن جي اُبتڙ پتلون ۽ استري ٿيل بوشرٽ پهريندڙ ۽ انگريزي ڳالهائيندڙ رميش بلديش جي من ۾ ڪاٽ هڻي ورتو.

رميش ارڙهن ورهين جي ڳاڙهي ڳٽول بلديش ڪور کي ڏسندي ئي فدا ٿي ويو هو. ان هوندي به رميش پنهنجي سنجيدي طبيعت جڏهن ته بلديش گھر ڀاتين جي ڊپ وگھي، ڊگھي عرصي تائين پنهنجي دلين جو حال هڪٻئي کان لڪائيندا رهيا. پر ٻئي آخر ڪيستائين پنهنجو پاڻ کي روڪين ها؟ پيار

تي پلا ڪنهن جو زور هليو آهي جو هاڻ هنن پنهي تي هلي ها. ٻنهي پيار جي گهوڙي تي سوار عشق جي من موهيندڙ ماڳن جي سير ۾ گهڻو اڳتي نڪري آيا هئا. رميش جڏهن ڪم ڪار تان موٽي گهر پهچندو هو ته بلديش هُن لاءِ هڪدم رنڌڻي ۾ گهڙي ڪاڙهو گرم ڪري وچي سندس ڪمري ۾ پهچائيندي هئي. چاڪ رکي موٽڻ لڳندي هئي ته رميش سندس هٿ جهلي چوڻ لڳندو هو. "ڪي ته گرم ته پنهنجي هٿن سان ڪارائي وڃ" ۽ هوءَ تڙ تڪڙ ۾ گرم ناهي رميش جي وات ۾ وجهندي هئي.

"تون مروائي گا مينون... ڪسي ني ويک ليا تي جان لي ليڻ گي."

بلديش پنهنجي چنري سنڀاليندي واپس ڀڪندي هئي.

ٻنهي کي لڪ چپ ۾ ملندي اڍائي سال ٿيڻ وارا هئا. سيڪيجهه ايئن ئي هليو پئي جيئن ته پريت جي پيچن ۾ ڦاٿل دليون چاهينديون آهن پر خالصتان تحريڪ ۽ اندرا گانڌي حڪومت سندن پريت جي گهوڙي جو لغام چڪي ورتو. ڏري گهٽ مهينو ٿيڻ وارو هو جو هو پاڻ ۾ ملي نه سگهيا هئا. بلديش گوردواري تي سيس نمائي من ۾ دُعا پني. "واهي گرو! ڪسي نون سادي پيار دا پتا نه لڳن ديوين. سادي رکشا ڪريو."

جنهن ڏينهن گولڊن ٽيمپل ۾ آپريشن بليو اسٽار شروع ٿيو هرميندر سنگهه جي گهر هڪ عجيب قسم جي سوڳواري ڇانيل هئي. سيني جي نيڻن مان ننڊ ڄڻ ته رُسي وئي هئي. هوا جي هر جهوٽي تي بيبيءَ جون نظرون دروازي ڏانهن ٿي ويون ته شايد بگو آيو هجي. روزانو سون جي تعداد ۾ سکن جي مارجي وڃڻ جون خبرون گهرياڻين جي من ۾ عجيب وسوسا پيدا ڪري رهيون هيون ته ڪٿي انهن ۾ بگو به.....

ڏڪار جي ٻج کي ريج ڏبو ته پوءِ رت جو سانوڻ وسڪارا ضرور ڪندو. پنجاب جي ڌرتيءَ تي رهندڙ سکن ۾ به هندن خلاف نفرت پيدا ٿي وئي.

بلديش ڪور جي من جو پيارو رميش ڪمار هاڻ سندس گهر پاڻين جي اک ۾ ڪنڊي جيان چڀي رهيو هو.

*****

فوج هفتي کن کان گولڊن ٽيمپل جو گهڙو چاڙهي رکيو هو. سک

جي شيءِ گهڙي طئي ٿيو. هاڻ بلديش مان ڪو خطرو نہ هو.

*****

1984

ڪيترن ئي ڏينهن ڪان رحيم بخش جڻ هوائن ۾ پئي اُڏيو. امرتسر مان گرميندر سنگهہ پنهنجي سپ ڪان ننڍي ڌيءَ ۽ رحيم بخش جي ڀائيجيءَ جي وهان جو سڏ اماڻيو هو. پويان ٽيئي پيرا رحيم بخش نيند تي خط لکي معذرت ڪئي هئي جو ايڪڙ ٻيڪڙ مٽ مائٽ اجان جيئرا هئا پر هن ڀيري رحيم بخش هڪدم انڊين سفارتخاني ۾ ويزا لاءِ درخواست جمع ڪرائي ۽ مهيني ڪن ڪان ويزو لڳي اچڻ جي آسري ۾ هو. پاڪستان ۾ مارشل لا جي راج ۾ هر گهٽيءَ گام ۾ انڊين فلمون رات ڏينهن وي سي آر تي بنان ڪنهن روڪ ٽوڪ جي ڏيکاريون پئي ويون. ريڊيو تي هندي فلمن جا گانا هر گهر مان ٻڌڻ ۾ ايندا هئا تہ رحيم بخش ويچارڻ لڳندو هو تہ آخر چو هرويرو هڪ ليڪ ڇڪي بيگناهہ لکين ماڻهو مارايا ويا.

اڄ صبح رحيم بخش چبوتري تي کٽ وجهي حقو ڇڪڻ لڳو. گهڻن ڏينهن کان هُن ٽيپ ريڪارڊ تي "تم مجھے یوں بھلا نہ پاؤگے" نہ وڄايو هو. اڄ ٽيپ ريڪارڊ تي "سوھنی میرا ماہی میرے بھاگ جگاون آگیا" تيز آواز ۾ وڄي رهيو هو.

حقو ڇڪي رحيم بخش اُٿيئي کٽ تي ليٽي ننڊاکڙي نيڻن سان پنهنجي يار ۽ ڀيڻ سان ملڻ جا سپنا ڏسڻ لڳو. اجوکو ڏينهن گذارڻ هن لاءِ ڏکيو ٿي پيو هو، هر هر سندس نظرون دروازي ڏانهن ئي اُٿي ويون. ڪيس پهنجي پٽ فهيم جو اوسيئڙو هو تہ ڪڏهن ٿو اسلام آباد ڪان موٽي ۽ ويزو لڳڻ جي خوشخبري ٻڌائي. اهو سوچي رحيم بخش جو من اُچلون ڏيڻ لڳو تہ هو هيترن سالن کانپوءِ سگهو ئي پنهنجي ڀيڻ سان ملي سگهندو.

ڏينهن لهي چڪو هو ۽ سانجهي آهستي آهستي پنهنجا پير ڪيائي رهي هئي. فهيم ٿڪيل قدمن سان گهر اندر داخل ٿيو تہ رحيم بخش اجان تائين کٽ تي ئي ليٽيل هو.

"ڪي هويا؟ ويزا لگ گيا پتر!" رحيم بخش اُتاولو ٿيندي پڇيو.

"نہ بابا... نہ لڳو ويزو... هن ڀيري تہ سفارتخاني درخواست ئي رد

زوردار پارٽي هاڻ پنھنجي پڄاڻيءَ ڏانھن وڌي رهي هئي. جوشيلا ٿڙڪندڙ جسم هاڻ ٿڪجي صوفن ۽ ڪرسين تي ٿڪو ڪري رهيا هئا. لائونج مان ايندڙ ڳاني جو آواز بلديش جي ڪنن کي وڻندڙ پئي لڳو.

”چھوڑ آئے ہم وہ گلیاں ---چھوڑ آئے ہم وہ گلیاں --- “

بلديش پير مان پائل لاهي ٻيھر دٻي ۾ موجود ڳاڙهي مخملي رومال ۾ ويڙهي ۽ دٻو ٻيھر ڪپڙن وچ ۾ رکي ڏاڪڻيون لهڻ لڳي.

ڪڙي ڪئي وئي.

"تو منهنجي آهين انڪري تنهنجو فن بہ منهنجي اختيار ۾ آهي... آئون مالڪ آهيان تنهنجي هر لهر، هر چال جو..."

هوء وراڻيندي هئي، "فن ڪي قيد نٿو ڪري سگهجي... نہ ڪنهن گهر ۾ ۽ نہ ئي ڪنهن سرحد ۾..."

هو طنز ڪرڻ لڳندو، "هاڻ تو ڪي پنهنجو پاڻ دنيا کي ڏيکارڻ جو شوق چڙهيو آهي؟... جسم جي انگن تي داد وصول ڪرڻ جو پور ٿيو آهي..."

"هو وراڻيندي هئي، "تون لفظن سان سينگاريل شعرن تي داد وصول نٿو ڪرين؟..." هو ڪاوڙ ۾ وڦلڻ لڳندو هو. "پنهي مان ڪا هڪ چونڊ ڪر، آئون يا نرت..." هوء من سنياري منٿ ميڙ ڪندي هئي، "مونکي ٻئي پيارا آهيو."

هو ختمي فيصلو صادر ڪندو هو، "هيءُ سموريون خرافات ڇڏ ڏيون، هاڻ شريف عورتن وانگر ورتاءُ ڪر. نچڻ ڳائڻ اسان جهڙن شريف گهراڻن جو دستور ناهي..."

هوء سٽ ساري چوندي هئي، "ٺيڪ آهي، پوءِ تون بہ شاعري ڇڏ."

هو ٺهڪ ڏئي چوندو هو، "آئون مرد ذات آهيان ۽ هيءُ منهنجو شوق ۽ فن آهي جيڪو قدرت مون کي عطا ڪيو آهي..."

هوء روئيندي چوندي رهي، "مون کي بہ قدرت اِها ڏات ڏني آهي! آئون نرت بنان مري ويندس. منهنجي سموري نزاڪت ۽ نفاست جنهن جو تون ديوانو هئين، ختم ٿي وينديون..."

سندس اندر جو مرد جاڳيو ۽ سندس هٿ اِهو چوندي اٿيءِ نرت ڪندڙ مورتيءَ تي اُٿيو ۽ ڪيس اُتي ئي ڍير ڪري ويو ۽ سندس گهنگهرو ڏور تائين پکڙجي ويا.

"اڄ پڇتايان پيو جو تو جهڙي خراب عورت کي پنهنجو ڪيم!
خراب عورت!
خراب عورت."

پريتم جي مُک مان "خراب عورت" جو لقب ٻُڌي هوء هڪ ولولي سان اُتي ڪڙي ٿي. پنهنجي نيڻن ۾ واسو ڪيل ڳوڙهن کي سدائين لاءِ پنهنجي پوتيءَ ۾ جذب ڪري وکري ويل گهنگرو ميڙي هڪ نئين حوصلي سان پنهنجي مُرين ۾ ٻيهر ٻڌڻ لڳي....

# چپک رہا ہے بدن پر لہو کا پیرہن

ٽن... ٽن... ٽن... واچ جي گهنٽيءَ جو آواز هر ڪنهن کي ڇاتيءَ تي ڪنهن ٿونشي جيان پئي لڳو. هڪ هڪ پل ڄڻ ته صدين تي پکڙيل هو. غوث ڀائي عرف مُني ڀائي جي گهر سڀ کان وڏي ڪمري ۾ ڄڻ سڄو سارو پاڙو هيسيل ۽ ساهه ٻوساٽيل موجود هو ته نه ڄاڻ ڪهڙي پل ڪهڙي خبر اچي ٽڪراءُ ڪري. سڄي پاڙي ۾ هرڪنهن جو وٽندڙ مُني ڀائي روزانو شام ڇهين ستين وڳي آفيس کان گهر پهچي ويندو هو پر اڄ رات جا ٻارهن پئي ٿيا ۽ سندس ڪو ڏس پتو نه هو. مُني ڀائي جي وهي چڙهيل ماءُ لاڳيتو پار ڪڍي رهي هئي.

سندس ماءُ کي شايد پروڙ پئجي ويا هئا ته ايندڙ وقت ڪا ڀوائتي خبر آڻيندو. ڇاڪاڻ جو انهن ڏينهن ۾ ڪراچي روشنين جو اُهو شهر نه رهيو هو جتي ڀانت ڀانت جون ٻوليون ڳالهائيندڙ، مختلف مذهبن جا پيروڪار ۽ هر قسم جي فرقي سان تعلق رکندڙ ٻنان ڪنهن ڊپ ڊاءُ جي گڏجي سڏجي رهندا هئا.

هيءُ مئي 1989 جي ڪراچي هئي جتي گذريل ڪجهه سالن کان ڪنهن راڪاس اچي واسو ڪيو هو. سيني جي ڄڀ تي ڄڻ ته رت لڳي چڪو هو ۽ هر ڪو ٻئي جي رت سان پنهنجي اُڃ اُجهائڻ لاءِ آتو هو. ڪمري ۾ موجود هرڪو رڳو مني ڀائيءَ جي خيريت سان واپسيءَ جو دعاڳو هو.

چوويهين ورهين جي مُني ڀائيءَ جو تعلق ماڊل ڪالونيءَ جي انهيءَ ڪٽنب سان هو جنهن ورهاڱي ڪانپور، مدراس ڇڏي ڪراچيءَ جي انهيءَ علائقي کي پنهنجو ٺاڪ ٺاهيو هو. سندن گهراڻو مالي طور تي پنهنجي پيرن تي بيٺل هو. اُن وقت جڏهن ڪنهن گهر ۾ وڏي سائيز جو ٽيليويزن،

ريفريجريٽر ۽ فون هئڻ وڏي ڳالهه هئي، تڏهن به اِهي سمورا اسم سندن گهر ۾ موجود هئا.

بئي ذڪر جوڳي ڳالهه اِها هئي ته هر ڪجهه عرصي ڪانپوءِ مُني پائيءَ جي گهر تي هڪ شاهاڻي قسم جو ڪاج ٿيندو هو جيڪو پاڙي جي سمورن ٻارن لاءِ وڏي ونڊر هوندو هو جنهن ۾ بهترين طعامن سان گڏوگڏ وي سي آر تي ٽي انڊين فلمون ڏيکارڻ جو انتظام ڪيو ويندو هو يعني سڄي رات جو جشن.

مُني پائي پنهنجي نون پائرن ڀينرن ۾ ائين نمبر تي هو ڪانئس پوءِ بلڪل سندس ئي جهڙي سنهڙي، ڊگهي قد، سانوري رنگ روپ ۽ تکن مهانڊن واري ننڍي ڀيڻ مني باجي هئي جنهن کي اسين سمورا پار ريڪا سڏيندا هئاسين. مُني پائيءَ سان اُڪير انگري به هئي جو هو ڊانس ڏاڍو پلو ڪندو هو. اسين سمورا پار حسرت ۽ خوشيءَ جي گاڏڙ ڪيفيت سان پنهي پاءُ ڀيڻ کي باليوود جي گانن تي خوبصورتيءَ سان لُڏڪندي ڏسندا هئاسين. سندن پنهنجي گهر جي ڪنهن محفل جي ته ڳالهه ڇڏيو، پاڙي جي ڪنهن به ڪاج ۾ چار چنڊ ڪيئن لڳائيا آهن سو فن مُني پائي ۽ مُني باجيءَ کي اُتم ايندو هو. هر ڪاج ۾ سندن ڊانس ڪرڻ لازمي هوندو هو. ڊانس؟ آهي نه اچرج جي ڳالهه.

آمريت جي آڙ ۾ مذهب ڪارڊ، ڪلاشنڪوف ۽ هيروئن ڪلچر جو ٻج ته ڇٽجي چڪو هو پر انهن کي پچي راس ٿيڻ ۾ اجان وقت لڳڻو هو. مُني پائيءَ جي اجان ڪو سال ڪن اڳ مڱڻي جي رسم تي هئي جنهن ڪانپوءِ هو خوشيءَ وچان ڪپڙن ۾ نه پئي ماپيو. جيئن ته هو هرڪنهن جي خوشي غميءَ ۾ سدائين اڳڀرو رهندو هو تنهنڪري سندس مڱڻيءَ ڪانپوءِ اسانکي سندس وهان جو انتهائي اُڪير سان انتظار هو.

اسانجو پاڙو سنڌي، پنجابي، پختون ۽ اڙدو ڳالهائيندڙن تي ٻڌل هو. جڏهن ته هڪ ڪشميري ڊاڪٽر به اُتي ٽانيڪو هو ۽ پنهنجي ڪلينڪ هلائيندو هو. ڪيڏي نه بي فڪريءَ وارا ڏينهن هئا اُهي. ڪنهن کي به پتو ئي نه هوندو هو ته ڪير ڪهڙي ٻولي ٿو ڳالهائي يا سندس تعلق ڪهڙي فرقي سان آهي ۽ نه ئي وري ڄاڻڻ چاهيندو هو جو اِهي سموريون فضول ڳالهيون ليکيون هيون. آمريت جتي ٻيون ڪيتريون ئي مصيبتون هن ملڪ تي

معصوم جان کسيندا."

پر رات جي انهيءَ پهر تائين بہ مُني پائيءَ جي گهر نہ موٽڻ تي هر ڪنهن کي پڪ ٿي وئي تہ هو بہ انهيءَ خوني دور جو ڪاچ بڻجي ويو آهي چاڪاڻ جو اجان بہ ڏينهن اڳ ئي سالن کان اسانجي گهٽيءَ جي صفائي ڪندڙ هڪ مسيحي جماندار کي فقط انهيءَ ڪري قتل ڪيو ويو هو جو هو پنجابي ڳالهائيندو هو، سو حساب تہ چڪتو ٿيڻو ئي هو. سڄي رات پورو پاڙو مُني پائيءَ جي گهر تي صبح ٿيڻ جو اوسيئڙو ڪندو رهيو.

روشنيءَ جو پهريون ڪرڻو پوندي ئي پاڙي جا ڪجهہ بزرگ پي پي آءِ جي علائقي ۾ گهڙيا جيڪو رستي سان لڳو لڳ ئي هو. ڪنهن نيڪ ماڻهو کين ڄاڻ ڏني تہ اڳتي ميدان ۾ مٽيءَ ۾ ييوت ٿيل هڪ ٿلهو متارو لاش پيل آهي.

مُني پائي جيئن تہ سنهڙو سپلڪڙو هو انهيءَ ڪري سيني کي ڄڻ تہ ڪجهہ اطمينان ٿيو تہ هيءُ شايد ڪو ٻيو اپاڳو هجي، رت ۾ ٻڏل لاش ڦوڪجي چڪو هو ۽ جسم تي جتي ڪٿي سگريٽ جا ڏنب ڏنل هئا. ڳچيءَ ۾ هڪ رسي ٻڌل هئي جنهن کي شايد ڪنهن ڳاڏيءَ سان ٻڌي روح نڪرڻ تائين گهليو ويو هو. گهلڻ سبب ٻُت تي ڪپڙن جون ڪجهہ ليڙون ئي بچيون هيون پر چيلهہ تي چمڙي نالي ڪا بہ شئي نہ هئي. چهرو گپ ۾ ستيل هو پر مُني پائي جي تازو ئي ٿيل مڱڻيءَ واري منڊي سندس شهادت واري آڱر ۾ جرڪي رهي هئي.

ڦرڻ کان معذوري پڻ سندس پاڳ رهي ها. هاڃو اهو آهي ته اهڙو بيرحم ورتاءُ ڪنهن ٻئي هٿان نه پر اُن شخص هٿان ٿيو جيڪو سدرا جو پيءُ هو.

هن بيمار معاشري جا هيءُ فقط ٿي حادثا آهن جيڪي اسانجي نظرن ۾ اچي ويا آهن نه ته نه ڄاڻ ڪيترين ٿي فاطمائون، رضوانائون ۽ سدرائون هونديون جيڪي اهڙن ڪريہ ڏاريندڙ ظلمن جو شڪار ٿي مٽين مٽيءَ هيٺان خاموشيءَ سان ڏٽجي چڪيون هونديون.

# هو ۽ آئون

هو ۽ آئون پهرين ڪلاس کان ساڳئي اسڪول ۾ پڙهياسين. آئون انگلينڊ کان پنهنجي موٽوري مڪمل ڪري ان شهر ۾ آئي هئس جڏهن ته هو شروعات کان ئي ان شهر جو رهواسي هو. اسان ٻنهي ۾ سنجيدگي، حقيقت پسندي ۽ قلهور جا عنصر هڪجهڙا هئا. انهيءَ ڪري نصابي ڪتابن کانسواءِ ٻيا ڪتاب پڻ اسان جي اڀياس هيٺ رهيا انڪري اسين ٻئي پاڻ ۾ ڳنڍجي وياسين. هو پنهنجي ڀن ڀيڻن جو سڪيلڊو وڏو ڀاءُ هو ۽ آئون پنهنجي ڀن وڏين ڀيڻن جي ننڍي ڀيڻ. سندس ماءُ پيءُ سرڪاري ڪاليج ۾ اُستاد هئا جڏهن ته منهنجا ماءُ پيءُ برطانيا مان پي ايچ ڊي ڪرڻ کانپوءِ هڪ غير سرڪاري اداري ۾ ڊائريڪٽر هئا. اسين ٻئي ٿوري گهڻي فرق سان هڪجهڙن گهرائن سان تعلق رکندڙ هئاسين، جتي علمي ۽ ادبي ماحول اسان جي ٻين دوستن جي گهرن کان مختلف هو.

اسان جو اسڪول جيئن ته ڪيمبرج سسٽم تحت هو انڪري انهيءَ ۾ ڪو شڪ ناهي ته اڪثريت خوشحال گهرائن جي ٻارن جي ئي هئي. هو ۽ آئون انهن ٻارن ۾ ڳڻيا ويندا هئاسين جن کي حقيقي طور تي انهيءَ ڳالهه جو احساس هو ته اسان جي مائٽن کهڙين ڏکين حالتن کي منهن ڏيندي اهڙين مهانگين اسڪولن ۾ اسانجو خرچ پڪو ڪنيو هوندو. انهيءَ تلخ حقيقت جو ادراڪ ئي هو جنهن سبب اسين ٻئي اسڪول جي نصابي ۽ غير نصابي سرگرمين ۾ سدائين اڳيرا رهياسين. هو والي بال جو سرواڻ رانديگر هئڻ

سان گڏوگڏ بهترين مقرر بہ هو. ڪيترائي ڀلا سنڌس ڳچيءَ جو هار بڻجي چڪا هئا. مون کي جيئن تہ الرجيءَ جو مسئلو هو انهيءَ ڪري راند روند جو ڪيتر ڇڏي پيانو ۽ سنگيت جي تعليم ڀرابر جيڪا ڇئن سالن جي هئي. آئون پنهنجي پسنديده سنگيتڪارن بيٿنوون ۽ موزارٽ جون ڌنون انتهائي اُڪير سان وڄائيندي هئس.

اسانجو نسل ملينيم جي پيداوار آهي ۽ گلوبل وليج جي دور ۾ سمارٽ فون ۽ انٽرنيٽ هر ٻار جي هٿ ۾ سڄي ساري دنيا ڏئي ڇڏي آهي. اسان ٻنهي جي شايد اِها ذهني اختراع هئي تہ اسين مالي لحاظ کان بيشڪ پنهنجي ڪلاس ڀيچين جو مقابلو نہ ڪري سگهون پر ذهني قابليت ۾ ڪانئن گهٽ اڳتي آهيون ۽ اسان جي انهيءَ قابليت تي اسان جا ڪجهہ دوست نہ رڳو شاڪي هئا پر اسان جي حوصلي افزائي ڪرڻ کان بہ نہ ڪيٻائيندا هئا. اهو اسڪول جو سونهري دور هو. اسان جا ڪجهہ دوست سڄو هفتو اسڪول وڃڻ جو عذاب لاهڻ لاءِ ويڪ اينڊ تي اڪثر پارٽي ڪندا هئا جڏهن تہ هو ۽ آئون اڪثر اڪيلي سر ڪو چڱو ڪتاب پڙهڻ کي ترجيح ڏيندا هئاسين ۽ اهڙين ويڪ اينڊ پارٽين تي وڃڻ کان لنوائيندا هئاسين.

اسان ٻنهي کي پختو ويساهہ هو تہ اي ليول ڪرڻ ڪانپوءِ اسان کي پرڏيهہ جي ڪنهن بهترين تعليمي اداري ۾ اسڪالرشپ سوڌي داخلا ملي ويندي. انڪري اي ليول جي پهرين سال کان ئي اسين سمورا دوست ڪنڌ جوڙي مختلف يونيورسٽين ۾ داخلا جا فارم ڀرڻ لڳي وياسين پر ڪنهن بہ پرڏيهي تعليمي اداري ۾ داخلا کان اڳ انگريزي ٻوليءَ ۾ مهارت جي سرٽيفڪيٽ (ELTs) جو ٽيسٽ ڏيڻ لازمي هو جنهن جي في غير معمولي طور تي تمام گهڻي هئي. بهرحال ٽيسٽ ڏنوسين تہ انجو اسان ٻنهي جو نتيجو مختلف آيو. هو انگريزي ٻوليءَ جي چڱي موچاري ڄاڻ هئڻ باوجود پهريون ڀيرو ٽيسٽ ۾ گهربل مارڪون حاصل ڪري نہ سگهيو پر ٻيهر ڳري في جمع ڪرائڻ تي بهترين مارڪن سان پاس ٿي ويو. اِهو سنڌس زندگيءَ ۾ تعليمي واپار جي واپارين هٿان پهريون جهٽڪو هو. اسان جا سمورا دوست جيڪي ڪلاسن ڇڏڻ ۽ ويڪ اينڊ تي ڪنهن ساهيءَ ڪانسواءِ پارٽيون ڪرڻ کان ڪڏهن بہ غافل نہ هوندا هئا. اسان کي روزانو دنيا جي بهترين يونيورسٽين ۾

آهستي پنهنجي ئي هٿن سان پنهنجا سپنا لوڙڻ لڳو ڇاڪاڻ جو سنڌس گهر جون حالتون اسڪالرشپ کانسواءِ پرڏيهه ۾ تعليم حاصل ڪرڻ جوڳيون نہ هيون. انڪري هُن لاهور جي هڪ نامي گرامي تعليمي اداري ۾ داخلا وٺڻ جي پتوڙ شروع ڪري ڏني ۽ آخرڪار ان ۾ سوڀارو بہ ٿي ويو. منهنجي ماءُ پيءُ انهيءَ شرط تي تہ آئون نوڪري ڪري پنهنجو خرچ پڪو پاڻ ڪمائيندس، منهنجي داخلا ڪينيڊا جي ميٽروپوليٽن يونيورسٽيءَ ۾ ڪرائي، جنهن جي في عالمي معيار جي ٻين يونيورسٽين جي ڀيٽ ۾ اڌ هئي ۽ ٻيو تہ منهنجي ماسي پڻ اُتي ٽانيڪو هئي. اسين ٻئي ڪينيڊا ۽ لاهور وڃڻ کان اڳ پاڻ ۾ گڏياسين. سنڌس آڏو مصلحت طور پاڪستان مان ڀاڄ ڪائڻ واري ڳالهہ لڪايم جو سنڌس پيڙا سمجهيم ٿي. تعليم واسطي پرڏيهہ نہ وڃي سگهڻ جو ڏک سنڌس چهري تي واضح هو. هو اسان سمورن دوستن ۾ سڀ کان وڌيڪ ذهين، دورانديش ۽ صلاحيت ڀريو هو. اِها سنڌس نہ پر نظام جي شڪست هئي جنهن ۾ دولت کانسواءِ ڪنهن ٻئي خوبيءَ کي پرکڻ جو ڳُڻ ئي نہ هو.

ڪينيڊا پهتيس تہ اسانجي ڳالهہ ٻولهہ وقت گذرڻ سان گهٽ ٿيندي ٿيندي بنهہ ختم ٿي وئي. سواءِ انسٽاگرام تي هڪٻئي جون اسٽوريون ڏسڻ/ پڙهڻ جي. هڪ مهيني اندر ئي مون کي احساس ٿي ويو تہ هتي زندگي انهيءَ کان بنهہ مختلف آهي جيڪا فلمن ۾ نظر ايندي آهي.

هڏ ڇيريندڙ ٿڌ هجي يا برفباري، ٿڌي هوائن جا جهوٽا هجن يا ڳُڙهن واري برسات. هر حال ۾ ٿي بسون بدلائي يونيورسٽي ۽ ڪم تي ويندي گهر جو سڪون ياد ايندو هئم.

هت اچڻ کان اڳ سوچيندي هئس تہ سنگيت جو هڪ مضمون بہ رکنديس يا ڪنهن ڪميونٽي سينٽر ۾ پيانو جا ڪلاس وٺنديس پر ڏيڍ سال لنگهڻ وارو هو ۽ پيانو وڄائڻ لاءِ ڪو ادارو نظر ئي نہ آيم. اهڙي صورتحال ۾ مونکي پنهنجي پيانو اُستاد جي ڪلاس ڏاڍي ياد ايندي هئي ۽ منهنجون آڱريون پان مرادو هوا ۾ ڦڙڪڻ لڳنديون هيون. بيمار ٿيڻ تي امان جي هٿن جا تيار ڪيل طعام ۽ بابا جي پرگهور ياد ايندي هئي. اڪيلائپ ۾ اُهي سموريون محفلون ۽ انهن ۾ شريڪ ٿيندڙ اُهي سڀ پنهنجا ياد ايندا هئا جن جون ڏاهپ ڀريون ڳالهيون ٻڌي وڏي ٿي هئس.

ڪان بهتر سمجهيائين تہ پنهنجي ڀينرن کي اعليٰ تعليم ڏياري. جنهن اسڪول ۾ اسان سيني پڙهيو هو، اُتي هُن پڙهائڻ شروع ڪيو. اسڪول انتظاميا پنهنجي انهيءَ لائق شاگرد جي حالتن ۽ صلاحيتن کان واقف هئي انڪري ڪيس گريجوئيشن لاءِ اسڪالرشپ ڏيڻ جو انتظام پڻ ڪيائين.

سندس داستان پڙهي سائس ڳالهائڻ لاءِ ڪيس فون ڪيم. ڪجهہ سندس ٻڌيم تہ ڪجهہ ڪيس پنهنجي ٻڌايم. ڪجهہ هُن آٿت ڏني تہ ڪجهہ مون سندس حوصلو وڌايو. گذريل ڏينهن تي ٽهڪ بہ ڏناسين تہ ايندڙ ڏينهن بابت پريشان پڻ ٿياسين.

بهرحال زندگيءَ اسان ٻنهي کي گهڻو ڪجهہ سيکاري ڇڏيو آهي. اسين ٻئي گهڻ ۾ گهڻ ان تي تہ يڪرائپ هئاسين تہ ڪوبہ معاشرو مڪمل طور تي خراب يا سٺو نٿو هجي. اسان ٻنهيءَ جي لهجن ۾ ڪوڙائڻ سان گڏوگڏ اميد جو ڪرڻو بہ موجود هو. سندس گريجوئيشن ڪرڻ کانپوءِ ماسٽرس واسطي پرڏيهہ جي اسڪالرشپ حاصل ڪرڻ جا سپنا ڏسڻ ۽ منهنجو پنهنجن کان پرپرو هوندي بہ نيون واٽون ڦلهورڻ اُتساهيندڙ ڳالهہ ٿي تہ هئي. خواهشون، پوريون نہ ٿي سگهندڙ سڌون، اميدون ۽ مسئلا ٻنهي جا هڪجهڙا هئا. بس فرق رڳو ايترو هو جو آئون پرديس ۾ هئس ۽ هو ديس ۾.

# هندو ڇوڪرا ڇو پريت نٿا ڪن؟

### 1- مينا ڪماري

علائقي ۾ هر پاسي ڊپ ڊاءُ پکڙيل آهي ته نه ڄاڻ ڪڏهن ڪنهن جي ٻارڙي اغوا ٿي وڃي. انهيءَ ڪري ٻارڙين کي اسڪولن مان ڪڍي گهر ويهاريو ويو آهي. ڊپ ڊاءُ رڳو مڙهيو ٿي ته پر مارڪيٽ پڻ ڪيو ويو آهي.

منيءَ جي هڪ پوئتي پيل ڳوٺ ۾ مٽيءَ سان ليپو ڏنل هڪ ڪمري واري گهر ۾ کٽ تي ويٺل مينا ڪماري پنهنجي ميري سيري پوتيءَ سان نيڻن مان وهندڙ ڳوڙها روڪڻ جي ناڪام ڪوشش پئي ڪري. ڳالهائيندي هر هر سندس نڙيءَ ۾ پيڙا جي هڪ ڳنڍ ڦاسيو پوي ته سندس پيڙا ڀري ڳالهه ٻڌندڙن کي به نڙيءَ ۾ ڦاهو پوندي ٿو محسوس ٿئي جنهن کي اوسي پاسي ڪنگهڪار ڪري صاف ڪرڻ جي ڪوشش ٿا ڪن.

ڪمري ۾ هڪ پراڻي کٽ ڪانسواءِ، جنهن جو واڻ جهوني ڀپر جي وڻ جي ڏاڙهيءَ جيان جتان ڪٿان لٽڪي رهيو آهي، فقط هڪ ٽپائي تي ٻه گلاس رکيل آهن.

کٽ تي سندس ٻن ورهين جو ٻار سندس ڇيلهه سان لڳو ويٺل آهي، جڏهن ته ٻيو سندس ڪُک مان ڪجهه ئي هفتن اندر انهيءَ بيحس دنيا ۾ اچڻ لاءِ اتاولو آهي. مينا جنهن ڏينهن اغوا ٿي هئي، سندس چمار تيرهن ورهيه هئي. ڏهن مهينن دوران هوءَ ڇهن مردن جي هوس جو نشانو بڻي. هر مرد سائس ڏاڍائي ڪرڻ کان اڳ چوندو هو ته هن سان سندس نڪاح ٿيو آهي. مينا جي بقول نه ڪو مولوي هوندو هو نه ڪو گواهه، نه ئي وري ڪو نڪاح پڙهايو

ويندو هو. بس ڪيس سينگهاري سنواري مختلف مردن جي حوالي ڪيو ويندو هو. هڪ ٻن مهينن اندر جڏهن هڪ مرد جو منجهائنس دل ڪٽو ٿي ويندو هو تہ وري نئين سر ساڳي ڪهاڻي ورجائي ويندي هئي.

ڏهن مهينن تائين انهن ڳجهن مينا جو ماس پٽيو ۽ جڏهن هوءَ ڳورهاري ٿي پئي تہ هڪ رات نيم بيهوشيءَ جي حالت ۾ ڪيس سندس علائقي پرسان ڦٽو ڪيو ويو.

مينا کي اهو پتو تہ ناهي تہ سندس ڪُک ۾ پلجندڙ ٻار ڪنهن جو آهي، ها پر هوءَ ايترو ضرور ڄاڻي ٿي تہ ماءُ ہو ٿي آهي. سندس ڦوڪيل پيٽ ڏسي دل مان اهائي ڪوڪ ٿي نڪري تہ شل سندس ڪُک ۾ ڌي نہ هجي.

## 2- پوجا ڪماري

پوجا ڪماري سورهن ورهين جي سهڻي خانا بدوش هندو ڇوڪري هئي. سندس ماءُ کي اڪثر پنهنجي ڌيءَ جي زورآور جواني ڏسي دپ ٿيندو هو تہ متان ڪنهن ڳجهہ جي مٿس نظر نہ پئجي وڃي. سکر بيراج جي ڪينال تان بيدخل ٿيڻ کانپوءِ پوجا جي ماءُ پيءُ روهڙيءَ پرسان نارا ڪينال تي هڪ ننڍڙو ڪکن جو گهر اڏيو هو. اوسي پاسي ڪمي ڪاسبي ٿي ٿانيڪو هئا، جن ۾ ڪجهہ ڏوهاري قسم جا ماڻهو پڻ هئا.

واحد بخش لاشاريءَ جو گهر پوجا ڪماريءَ جي گهر سان لڳولڳ هو. ننڍن گهرن جي پٺين ۾ ڪن ٿي نہ پر انيڪ اکيون پڻ هونديون آهن جيڪي سدائين هڪٻئي جي وجهہ ۾ هونديون آهن. واحد بخش انهيءَ پاڙي جو هڪ لوفر ڇوڪرو هو. پوجا ڪماريءَ کي ڏسي سندس واڇ ڳوڙو پئي ٿي پر وجهہ نہ پئي مليس. پوجا پنهنجي ماءُ پيءُ سان گڏ مزدوريءَ تي ويندي هئي پر اڄ صبح جو ڪيس تپ ٿي پيو ۽ سندس ٻُت باهہ وانگر ڏکي رهيو هو. ماءُ ڪيس دوا ڏني ۽ پنهنجي مڙس سان گڏ ڪم ڪار تي نڪري وئي جو موڪل ڪرڻ تي هڪ ڏينهن جي ڏهاڙي نہ ملي ها.

واحد لاشاري شايد اهڙي ڪنهن موقعي جي تاڙ ۾ هو. جيئن ئي هو ٻئي گهران نڪتا، هن پنهنجي ماسي ۽ پاڙي جي ڪجهہ رولو ڇوڪرن سوڌو اچي پوجا جي گهر ڪاهہ ڪئي.

واحد لاشاريءَ ڪجهہ مهينا اڳ بہ پوجا کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش

ٿيون رهن. متي ڪان هيٺ تائين هڪجهڙي ذهنيت رکندڙ ماڻهو انصاف فراهم ڪرڻ لاءِ ويٺا هوندا ته اسانجو پدرشاهي معاشرو ثواب ڪٽڻ جي نالي تي پنهنجي هوس ئي اُجهائيندو رهندو. ڪفر وگهي معاشرا زوال پذير نه ٿيندا آهن، پر ناانصافيءَ سبب معاشرا ٽوڙ ڦوڙ جو شڪار ضرور ٿيندا آهن.

هلو، ڪٿي مجي ٿا وٺون ته رڳو اهيئي چار عورتون انهن ڏاڍاين جو شڪار ٿيون آهن باقي سڀڪجهه هوائي ڳالهه هجي، ته به سوال اهو آهي ته، ”ڇا انهن ڪجهه“ عورتن سان ٿيندڙ ظلم ڪا معنيٰ نٿو رکي؟ سوال اِهو ناهي ته چار غريب هندو عورتون هيون يا چاليهه... سوال اِهو به ناهي ته اغوا ٿيون، جنسي ڏاڍائي جو شڪار بڻيون، زوري پرڻايون ويون، هرڪائي سان نيون ويون يا سڀڪجهه پيار پريت ڪري ٿيو.

چوٿيءَ ۾ واهيات ئي سهي پر چيو ويندو آهي ته ”محبت ۽ جنگ ۾ سڀڪجهه جائز آهي.“ سو سوال فقط ايترو آهي ته مسلمانن سان پيار پريت رڳو هندو عورتون ئي ڇو ٿيون ڪن؟ هندو مردن کي محبت ڇو نٿي ٿئي؟

پٽ سانورو هو. مقصودا ٻارڙي کي وينجهاري سينجهاري ٽنجڻن ۾ ويڙهي ماءُ حوالي ڪندي ٿهڪ ڏيندي چيو، "ٻچڙا تنهنجي ڀاڳن ۾ به پنهنجي ماءُ پيءُ جو رنگ نه هو.... تون به مون تي ئي ويو آهين." تڏهن رشيدا بيگم جي پڇا ڪرڻ تي مقصودا ٻڌايو ته "منهنجي ماءُ انتهائي سهڻي عورت هئي. هوءَ به نرس هئي هن ئي پاڙي ۾ نندپڻ ۽ جواني گذاريائين ۽ منهنجي جنم کان اڳ هوءَ پنهنجي اباڻي شهر نارووال هلي وئي. جڏهن ٻن ٽن ورهين جي هئس ته امان هن پاڙي ۾ موٽي آئي ۽ پوءِ مرڻ گهڙيءَ تائين هتي ئي رهي." مقصودا جا نيڻ ڏور پولار ۾ پنهنجو ماضي ڦلهورڻ لڳا "پيءُ جو پتو نه اٿم ته ڪير هو جو ڪيس ڪڏهن ڏٺو ئي نه هئم پر امان ٻڌائيندي هئي ته هو ڪٽڪاٽي رنگ جو هو" پيءُ جو ذڪر ڪندي مقصودا هٻڪي رهي هئي ڄڻ سندس يا ماڻس جي ڪا چوري پڪڙجي پوڻ جو ڊپ هجيس.

سچو سارو سوا مهينو مقصودا رشيدا بيگم کي ڪٽ تان هيٺ لهڻ ئي نه ڏنو. ساجهر سوير ٻنهي زال مڙس کي نيرن ڪرائيندي هئي ۽ پوءِ پاڻ ٻهڙ مان ٻارڙي جي تيل مالش ڪري پنهنجي اسپتال رواني ٿيندي هئي. موٽ تي به پهرين سندن گهر جو ڦيرو ڪندي هئي، ٻارڙي سان ڪجهه دير ٽينگ مستي ڪندي هئي ۽ گهر جا ڪم ڪار اُڪلائي پنهنجي گهر جو رخ ڪندي هئي. مقصودا وڏي اُڪير سان ٻارڙي لاءِ پنهنجي هٿن سان سوئيٽر اُڻي ۽ ڪپڙا سبي پهرائيندي هئي. رشيدا بيگم ۽ رشاد صاحب جو پهريون پٽ ماءُ پيءُ کان وڌيڪ مقصودا سان هريو مريو هو.

رشاد صاحب شام جو ڪم ڪار کان موٽي ريڊيو تي بي بي سي اُردو سروس وڏي اُڪير سان ٻڌندو هو. تن ڏينهن ۾ ريڊيو تي صدر اسڪندر مرزا جي حڪومت جي برطرفي ۽ ايوب خان جي مارشل لا مڙهجڻ جو وڏو چرچو هو. صبح سوير سمورا پاڙي وارا پاڻي ڀرڻ کوهه آڏو گڏ ٿيندا هئا ته ملڪي حالتن تي تبصرن ۾ جنبي ويندا هئا. انهن ڏينهن ۾ هر ڪنهن آڏو نئين قائم ٿيل ملڪ ۾ مڙهيل پهرين مارشل لا جو موضوع ئي هو. هيءَ اُهو دور هو جڏهن اڃان پاڻيءَ جون لائنون گهرن تائين نه پهتيون هيون. هر علائقي ۾ هڪ کوهه هوندو هو جتان علائقي واسي پاڻي ڀريندا هئا. صبح سوير پاڙي جا سمورا رهواسي قطار ۾ انهن کوهن سان ڳنڍيل ڏول ذريعي پاڻي ڀري ڇڪي

پنهنجي ضرورت موجب گهرن تي پاڻي ذخيرو ڪندا هئا.

مقصودا ٻه روزانو انهيءَ قطار ۾ موجود ته هوندي هئي پر پنهنجي واري اچڻ تي پنهنجي بالٽي کوهه کان پريرو رکي ويهي رهندي هئي جو اُتي موجود ڪو ٻيو پاڙيسري ڏول ۾ پاڻي پري سندس بالٽيءَ ۾ پلٽائي. ورهين کان اهو ٿيندي پئي آيو ڇاڪاڻ جو مسلمانن جي نظر ۾ جيڪڏهن ڪنهن غير مسلمان کوهه جي ڏول کي هٿ لڳائي پاڻي ڇڪيو ته سڄو سارو کوهه ناپاڪ ٿي ويندو.

تنهن سال برساتون گهٽ پوڻ ڪري کوهه جو پاڻي وڃي تري سان لڳو هو انڪري پاڙي جي سمورن رهواسين پاڻيءَ جو استعمال گهٽائي ڇڏيو هو. اُن ڏينهن مقصودا جي اسپتال ۾ ايمرجنسي ڊيوٽي لڳل هئي ۽ کيس جلدي پهچڻ لاءِ چيو ويو هو. گهر پاڻيءَ جو ڦڙو ئي نه هو ۽ ان مهل کوهه تي ڪو پاڙيسري به نه هو ڪجهه دير اوسيئڙو ڪرڻ ڪانپوءِ مقصودا پنهنجي سر پاڻي ڀرڻ لاءِ اڳتي وڌي. اوسي پاسي ڪوبه نه هو تنهنڪري پاڻ ئي تڙ تڪڙ ۾ ڏول وجهي پاڻي ڇڪڻ لڳي. ايندڙ وقت کان بيخبر هوءَ تيار ٿي معمول جيان رشيدا بيگم جي گهران ٿيندي اسپتال هلي وئي. کيس پتو نه هو ته هڪ پاڙيسريءَ کيس پاڻي ڀريندي ڏسي ورتو هو جنهن کوهه جي ناپاڪ ٿيڻ واري ڳالهه هر ڪنهن کي ٻڌائي. شام جو مقصودا پاڙي ۾ پهتي ته سمورا ماڻهو کيس ڏڪار ۽ ڪاوڙ وچان ڏسي رهيا هئا. پاڙي جي بزرگن وٽ سندس شنوائي ٿي جنهن جي سروائيءَ لاءِ پاڙي واري مسيت جي مولويءَ کي خاص طور تي سڏرايو ويو هو ڇاڪاڻ جودين جو روح ته هو ئي پئي سمجهي سگهيو. اڄ پاڙي وارا جيڪي پنهنجي هر ڏکيائي ۾ بنان ڪنهن هٻڪ جي مقصودا کي پڪاريندا هئا. کيس اوپري نظرن سان ڇتائي رهيا هئا ڇڻ هوءَ ڪنهن ٻئي اپگره جي مخلوق هجي. کوهه جو پاڻي ناپاڪ ڪرڻ تي مقصودا تي لعنت ملامت ڪئي وئي. پاڙي جي ڪجهه ماڻهن جن ۾ رشاد صاحب ۽ رشيدا بيگم پڻ شامل هئا. مقصودا جي حمائت ڪرڻ لڳا پر اهڙي اُپار ۾ ڪير ٿو اهڙي ڳالهه ٻڌي.

مولوي چپ چپات ڪنڌ جهڪائي ڪٽ تي ويٺو رهيو. پاڙي وارن مولويءَ ڏانهن ڏٺو ته جيئن هو پنهنجو فيصلو ٻڌائي سگهي... آخرڪار

مولويءَ مقصودا کان نظر بچائيندي ڪيس پاڙي مان بيدخليءَ جو فيصلو صادر ڪيو.

مقصودا جا ڳوڙها وهڻ لڳا. هوءَ سيني جون تلخ ڳالهيون خاموشيءَ سان ٻڌندي پئي آئي پر مولويءَ جي فيصلي سندس صبر جو چيھ ڪري ڇڏيو هو.

"ٺيڪ آهي اڄ منهنجي هڪ بيجان ڪوهه ۽ ڏول کي ڇهڻ سان پاڻي نجس ۽ ناپاڪ ٿي ويو آهي پر هڪ مسيحي نرس هٿان ملم پٽي ڪرائيندي، پنهنجي زالن جا ٻار ڄڻائيندي، پنهنجي ٻارن کي ٽڪا هڻائيندي، دوا درمل ڪرائيندي ڇا اوهين سيئي ناپاڪ ۽ نجس نه ٿيا آهيو؟ جيڪڏهن ڪوهه ۽ ان جو پاڻي منهنجي ڇُهڻ سان ناپاڪ ٿي ويو آهي ته پوءِ هيءَ سڄو پاڙو ۽ ان ۾ رهندڙ سمورا ماڻهو به ناپاڪ آهن جو اوهان سيني جي بيمارين ۾ مون اوهان کي ڇهيو آهي. اٺون پنهنجي ماءُ ۽ اوهانجي هڪ هم مذهب جي پيار جي يادگار آهيان. جيڪڏهن اٺون نجس عورت آهيان ته اهو نه وسارجو ته منهنجو پيءُ مسلمان مرد هو." اهو چئي مقصودا مولويءَ تي طنز ڀري نظر وڌي ۽ سيني کي گنگ ڇڏي پنهنجي گهر رواني ٿي.

مولويءَ پريل اکين سان مقصودا کي ويندي ڏٺو ۽ پنهنجو ڪنڌ وڌيڪ نمائي ڇڏيو.

رشاد صاحب ۽ رشيدا بيگم اها رات جاڳي گذاري. صبح سوير ٻئي زال مڙس پنهنجي پُٽ کي هنج ۾ کڻي مقصودا جي دروازي تي پهتا ته دروازي تي ڪلف چڙهيل هو جيڪو سڄي پاڙي جا ويچارا ڪڍي رهيو هو.

# ٽي پهر

صبح

سائرن وڄائيندي ايمبولنس تيز رفتاريءَ سان اسپتال جي ايمرجنسي وارڊ ۾ داخل ٿي. اسٽريچر تي رت ۾ ڳهاڙن پريل سٽن ورهين جي هڪ نينگريءَ کي تڙ تڪڙ ۾ آپريشن ٿيٽر ڏانهن نيو پئي ويو. ٻارڙيءَ جي چهري، ڇاتي، ٽنگن ۽ هٿن تي بيرحم تشدد جا نير پيل نشان هئا جڏهن ته تازن ڳهاڙن مان رت ٽمي رهيو هو.

مرٿينگ ٻارڙي آپريشن ٿيٽر ۾ زندگي ۽ موت جي ڪشمڪش ۾ هئي. "اڃان هڪ سال به نه لنگهيو هو مون کي ڳوٺان هتي آئي. بابا کي چاچا ٻڌايو هو ته مالڪ ۽ مالڪياڻي وڏي دل وارا آهن هو مونکي پنهنجي گهر جو ڪم ڪار ڪرڻ عيوض پگهار ڏيڻ ڪانسواءِ پڙهائيندا به. هت اچڻ کان اڳ مون کي سپنن ۾ هر پاسي رنگبرنگي ڪتاب ئي نظر ايندا هئا.

پر مالڪن جي گهر ڪم ڪار ڪندي ڪيترائي ڏينهن لنگهي ويا پر سپنن جو ڪو به رنگبرنگي ڪتاب منهنجي حصي ۾ نه آيو. آهستي آهستي اهي ڪتاب منهنجي سپنن کان رُسي ويا.

انهيءَ گهر ۾ هڪ جيو منهنجو پيڇي هو، منهنجي مالڪن جو طوطو جيڪو سڄو ڏينهن پنجري ۾ رهندي گهرياتين جون ڳالهيون انتهائي اُڪير سان ورجائيندو هو. سندس پنجري ۾ داڻو پاڻي، چُوري ۽ ساوا مرچ رکڻ منهنجي ذميواري هئي. ظاهري طور تي مطمئن نظر ايندڙ اِهو طوطو مون جيان اُداس هو. اسين ٻئي هڪٻئي جون اڻ چيل ڳالهيون پلي پت سمجهندا هئاسين. اِها ڏاڍائي ته هئي جو اسين ٻئي ڪليل فضائن جا پنڇي هڪ جهڙي

خراب ٿي پئي هئي، انڪري دير ٿي..“ مون ٻڌايو.

”مونکي ڪمپلين ڪرڻي پوندي، نالو ڇا آهي تنهنجو؟“ صاحب جو ڪاوڙ ڀريو آواز اڀريو.

”سوري سر! آئينده ايئن نه ٿيندو“ آئون برسات ۾ پڌل هئس ۽ پنهنجي بائيڪ کي پاراٽا ڏئي رهيو هئس.

نيٺ هن جو نوڪر ٻاهر اچي پنهنجو آرڊر وصول ڪري رمندو رهيو .عيدي يا ٽپ ته پري جي ڳالهه، پنهنجي نوڪري وڃائڻ جي ڊپ وچان تڙتڪڙ ۾ پنهنجي بائيڪ اسٽارٽ ڪري اُتان ڀڄي نڪتس.

منهنجو هي ٻيو سال هو گهرن تي کاڌي جا آرڊر پهچائڻ جو. اسين رائيڊرز ماڻهن جا روزانو ڪتا لفظ ٻڌي ڇڻ ته انهن جا عادي ٿي ويا آهيون. دير ٿيڻ تي پنهنجو آرڊر وصول ڪندي جيڪڏهن ڪو تميز جو مظاهرو ڪندو آهي ته سندس ذهني صحت تي شڪ ڪرڻ لڳندا آهيون. صبح کان جو ڪم شروع ڪندا آهيون ته پتو ئي نه پوندو آهي ته ڪيڏي مهل رات ٿي وئي آهي. ٿڪاوٽ جو احساس روز ڪٽ تي ليٽندي ئي ٿي ويندو آهي جڏهن جسم ڪنهن ڳوڙهي، جيان سور ڪرڻ شروع ڪندو آهي. سڄو ڏينهن گهاڻي جي ڏاند جيان پيچ ڊڪ جسم جي سموري سگهه نپوڙي ڇڏيندي آهي ته من چوري چوري پنهنجي ڦٽيچر موٽرسائيڪل تي لڱل ڊبي ۾ پيل طعام کائڻ تي هرڪندو آهي.

سڄي شهر ۾ ماڻهن کي موسم کي آڏو نه رکندي سندن من پسند کاڌو پهچائڻ منهنجي پيشي جو پهريون شرط آهي. اوهين پاڻ فيصلو ڪريو ته ڇا منهنجو من نه ڪندو هوندو بيشڪ ٿورڙي ئي سهي پر اهڙا لذيذ خوراڪ پنهنجي ڪُک ۾ اوتڻ جو پراسانجي پاڳن ۾ فائيو اسٽار هوٽلن، ڪيفي، ريسٽورينٽن ۽ خوراڪ ماڳن آڏو ٻانهون ٻڌي قطار در قطار پنهنجي واري جو انتظار ڪرڻ ئي لکيل آهي جو جيترا وڌيڪ آرڊر ماڳ تي پهچائيندا اسين اوتري ئي وڌيڪ ڪميشن ملندي.

عيد جو پهريون ڏينهن هو ۽ اهو سوچي ئي ڪم ڪرڻ تي راضپو ڏيکاريو هئم ته ٽپ ۽ عيدي ملڻ جو آسرو هو پر برسات سڀڪجهه ڌُڪ ڪري ڇڏيو هو.

”منحوس ڏينهن آهي اڄ منهنجي لاءِ.“ مَن ۾ ويچاريم.

برسات بس نہ پئي ٿي، جنهنڪري ڪيفي جي انتظاميا هوم ڊليوريءَ جا آرڊر وٺڻ کان ڪيٻائي رهي هئي. سڄي ڏينهن ۾ فقط هڪ آرڊر، سو بہ بنان ٽپ جي مليو هئم. شام ٿيڻ واري هئي سوچيم تہ هاڻ گهر هليو وڃان جو برسات ۾ وڌيڪ ڪو آرڊر اچڻو نہ هو. اڃان انهيءَ پڌتر ۾ ئي هئس جو ڪيفي کان فون آيو تہ هڪ آرڊر پهچائڻو آهي ارجنٽ.

پتو جيئن تہ هڪ پُرتعيش اپارٽمنٽ جو هو سو سيگهہ ۾ آرڊر جو پارسل ڪنيم ۽ ٿوري دير ۾ بائيڪ هوا سان ڊوڙڻ لڳي. وقت کان اڳ منزل تي پهتس تہ هڪيرو ڀيهر مناسب ٽپ ۽ عيدي ملڻ جي آس ڪَرُ موڙيا. اپارٽمنٽ جي ٽين ماڙ جو پتو هو لفٽ ۾ داخل ٿيس تہ من ۾ ڀيهر ترنگ اُٿي تہ هن ڀيري چڱي موچاري ٽپ ضرور ملندي.

ٽين ماڙ تي پهچي لفٽ مان نڪري پتو ڳولهڻ لڳس. سامهون شيشي جي ناهوڪي بالڪونيءَ مان هلڪي برسات جون بوندون من موهي رهيون هيون.

گهربل دروازي تي پهچي اڃان گهنٽي وڄائي ئي مس هئم جو سامهون واري فليٽ جو دروازو اوچتو کليو ۽ هڪ خونخوار ڪتو ڪنهن رسيءَ کانسواءِ مونتي ٻاهوڙيو. ڊپ وگهي منهنجي هٿ مان کاڌي جو پارسل ڇڏائجي وڃي زمين تي ڪريو مون بہ ويرم نہ لڳائي ۽ سوچڻ سمجهڻ کانسواءِ وٺي ڊوڙ پاتم. لڳم تہ اڄ انهيءَ بڪايل ڪتي جو کاڄ بڻجي ويندس، ڊپ ذهن ۾ واسو ڪري تہ پوءِ سوچڻ سمجهڻ جي صلاحيت ختم ٿي ويندي آهي. تيزيءَ سان ڊوڙندي وڃي شيشي جي بالڪونيءَ ۾ لڳس. بالڪوني هاڻ منهنجي پويان هئي ۽ اڳتي ڊوڙڻ جي ڪا وٿي نہ هئي. ان کان اڳ جو ڪتو مونتي حملو ڪري، ٽين ماڙ واري انهيءَ من موهيندڙ بالڪونيءَ کان ٽپ ڏيڻ ۾ ئي پنهنجو بچاءُ ڏٺم ڇاڪاڻ جو اڄ واقعي منهنجي لاءِ منحوس ڏينهن هو.

تيز برسات ۾ رت ۽ پاڻي گڏبا رهيا ۽ پارڪنگ ۾ بيٺل ڦٽيچر موٽرسائيڪل پنهنجي پيچيءَ جو اوسيئڙو ڪندي رهي.

## رات

جنوريءَ جي ڪنباڻيندڙ ٿڌي رات جي پٺي پهر ڪنهن معصوم جون

هڏڪيون اونداهي ۾ سانت ڪي ڇيري رهيون هيون. اڄ انهيءَ تيرهن ورهين جي ٻارڙيءَ ڪي مالڪن تمام گهڻي مار ڪٽ ڪئي هئي، سبب ڪم ڪار ۾ ڪوتاهي بلڪل نه هو پر مالڪياڻيءَ جي ننڍي پٽ جي شهوتي خواهش آڏو ڪنڌ نه نمائڻ هو.

ڪو سال کن اڳ سندس پيءُ ڪيس ڪم ڪار ڪرڻ واسطي ڳوٺان شهر وٺي آيو هو ۽ مالڪن کان پيشگي رقم وصول ڪري انهيءَ معصوم ڪي سندس رحم ڪرم حوالي ڪري هليو ويو هو. هُن هڪ لحاظ کان پنهنجي ڌيءَ ڪي وڪڻي ڇڏيو هو. سڄو ڏينهن گهر جو هر ياتي ڪيس ڦرموٽيءَ وانگر ڪم لاءِ هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙائيندو هو ۽ هوءَ به گهر جا سمورا ڪم ڪار ڦڙتيءَ سان ڪندي هئي. سندس وس ۾ هجي ها ته ڪر سڄ لهڻ ئي نه ڏئي ها جو رات جا گهرا ٿيندڙ پاڇا سندس من ۾ هڪ اڻڄاڻ ڊپ پکيڙڻ لڳندا هئا. ڪٽولي تي سمهندي ئي روز هڪ رڙهندڙ پاڇولو سندس هنڌ ۾ گهڙي سندس جسم مهٽڻ لڳندو هو. ٽڪ هوندي به ڪيس پنهنجي بُت تي ڦرندڙ انهيءَ هٿ کان ڪرهت ٿيندي هئي. هوءَ ڊپ ۾ لڄ وگهي اهو سيڪجهه چپ چپات ۾ سهندي رهي، جنهن سبب ننڍي مالڪ کي هشي ملندي رهي.

ٻارڙي گهر جي پوئين حصي ۾ ٺهيل پاڻيءَ جي ٽانڪيءَ پويان ويڙهي سيڙهي ايئن چپ چپات ۾ ويٺي هئي جو ڪنهن جي به مٿس نظر نه پئجي سگهي. جسم تي ٿڌن ۽ ٺونشن جي وسڪاري سبب پيڙاهاڻ ڪليل ۾ ٿڌي آڪاش هيٺان وڌيڪ سخت ٿي رهي هئي. اهڙي صورتحال ۾ هوءَ پنهنجي ماءُ جي ڪوسي هنج بدران پسيل ٿڌي زمين تي وٽيل ستيل ويٺي هئي. معصوم ذهن لاءِ سمورن گهرياتين جو ورتاءُ سمجهه کان مٿيرو هو. پنهنجي ليکي هُن ننڍي مالڪ طرفان هٿ چراند ڪرڻ واري شڪايت ڪري درست ڪم ڪيو هو. نه ڄاڻ ڇو پوءِ هر ڪنهن ڪيس ڊيڄاريو ۽ ڌمڪايو ۽ ڪيهه جيان ڪٽياٺونس؟ سمورا گهرياتي نمازي روزي جا انتهائي پابند هئا. پڙدو ڪرڻ ته ڄڻ سندن ئي ڪٽنب لاءِ فرض ٿيو هو. شايد انهيءَ ڪري ئي پنهنجي لاڏلي پٽ جي بدڪاريءَ تي پڙدو وجهڻ ٿي چاهيائون.

رات جي اونداهيءَ ۾ ٻارڙيءَ جا هڏڪا پساهه پورا ڪندي محسوس ٿي رهيا هئا.

ڪمري ۾ اچي سمهڻ لاءِ ليٽيس ته ننڊ نيڻن کان ڪوهين ڏور هئي. سڄي رات پاسا ورائيندي گذاريم. صبح جو ٻانگ جو آواز ايندي ئي هڪدم اُٿيس ۽ وڃي دروازو کوليم ته ٻبو ڪنڌ ۾ رسي سوڌو چبوتري تي دروازي سان لڳيو ويٺو هو.

دروازو کلڻ جي آواز تي هُن پنهنجو ڪنڌ مٿي ڪندي پيار ۽ پاڀوهه ڀريل التجائي نظرن سان مون ڏانهن نهاريو. سندس اکيون قدرتي ڪجل سان ڀريل هيون. نه ڄاڻ اُهو ڪهڙو پل هو جو اڄ ٻارهن ورهين ڪانپوءِ به وساري نه سگهي آهيان. ٻبو جي نيڻن ۾ هڪ وينتي هئي جيڪا جيڪڏهن اُن ڏينهن نه ڏٺي هجيم ها ته ڪڏهين جانورن جي اکين ۾ وسندڙ ٻيوسي به سڄي زندگي پروڙي نه سگهان ها.

ان پل ئي ٻبو کي رسيءَ مان آجو ڪيم ۽ دروازي جا ٻئي پُٽ کولي گهر جي هڪ وڏيڪ پاتيءَ جو آڌر ڀاءُ ڪيم.

ٻبو شايد انهيءَ انتظار ۾ هو ۽ هڪدم خوشيءَ وچان ٽهڪندي ٽينگ ٽپا ڏيندو لاتونج مان ٿيندو ڪڏهن هڪ ڪمري ۾ ته ڪڏهن ٻئي ڪمري ڏانهن ٿي ڊوڙيو. هر ڪا شئي ٿي سونگهيائين ۽ جتي ڪٿي ٽنگ مٿي ڪري ڪارنامو ٿي سرانجام ڏنائين. اڙي هيءَ ڇا پيو ٿئي؟ آئون پويان پويان پوتڙي سان سندس ڪاروائي صاف ڪندي ٻئي ويس ۽ هو هيڏانهن هوڏانهن وڏيڪ ڦوهارو هٿي رهيو هو. نه صاحب! ايئن معاملو گهڻي دير تائين هلي نه سگهندو. ڪيس ٻاهر ئي رکڻو پوندو پر سندس ڪجل ڀريون معصوم نظرون هڪيرو ٻيهر مونسان ٽڪرايون ته سوچيم ته جيڪڏهن ٽن ڏيئرن جي پالنا ۽ تربيت ڪري سگهان ٿي ته هيءَ ته پوءِ به وري بي زبان جانور ئي آهي. بيشڪ ستن اٺن مهينن جو ٿي چڪو آهي پر اجان وقت ويو ناهي، شايد انهن سمورين ڏنگائين کان پاسو ڪرڻ سکي وڃي. گهر اندر گند نه پکيڙي بس اهو سوچي ڪيس ڊيجارڻ ڏمڪائڻ جا مختلف حربا ڪتب آڻڻ شروع ڪيم، جن مان آخرڪار هڪ ڪامياب ٿيو. جڏهن به ٽنگ مٿي ٿي ڪيائين اوڏي مهل ئي پادر هٿ ۾ کڻي ڏانهس ٿي ڊوڙيس ۽ ڪيس ٻاهر اڱڻ ۾ هڪلي ڪجهه دير لاءِ دروازو بند ڪري ٿي ڇڏيم.

ڪو ڏهن ٻارهن ڏينهن اندر ٻبو اهڙي ڪاروائي ٿيڻ کان اڳ ٻاهر

پئي. تنگ بہ ڪنهن جي هنج مان ڪرڻ تي جُهري هئي. سو ببو هين ڪتن وانگر هر ڪنهن کان پيار ڪرائڻ ۽ هٿ ڦيرائڻ پسند نٿي ڪيو جو ڪيس ڪنهن تي بہ ڀروسو نہ هو، سواءِ ڪجهہ ماڻهن جي. ببو کي ترڻ بدران ممڪن حد تائين سمجهڻ ۽ گهر ڀاتين کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪيم. سندس عادتن پٽاندر پنهنجو پاڻ کي ٺهڪايم ۽ ٿورڙو ڪيس دڙڪو داٻ بہ ڪيم. ببو جيترو ڏکيو پار هو اوترو ئي سمجهو پڻ. ڪيس منهنجي من جي ويجهو ماڻهن کي پروڙڻ ۾ ويرم ئي نہ لڳندي هئي ۽ ساڻن ڪجهہ ملاقاتن ڪانپوءِ دوستاڻو سياءُ رکندو هو.

"هو ڏسو گاڏيءَ ۾ ڪتو پيو وڃي. ڪيڏو نہ سهڻو آهي. ڪيئن نہ مزي سان ڪنڌ ٻاهر ڪڍي هيڏانهن هوڏانهن پيو ڏسي." پرسان لنگهندڙ سمورين گاڏين جا مسافر پوءِ پل ٻار هجن يا وڏا، ببو کي گاڏيءَ جي دريءَ مان مُنڊي ٻاهر ڪڍي ڏسي اهڙائي جملا چوندا آهن. گاڏيءَ جي سواري ببو جي من پسند وندر آهي. گاڏيءَ جي چابي کڻڻ جي دير هوندي آهي، هو بہ پڇ لوڏيندو اچي پهچندو آهي ۽ اُسهڻ کان اڳ ڪَرَ موڙڻ شروع ڪري ڏيندو آهي پوءِ ڀلا ڪيس ڪيئن نہ گڏ وٺي وڃجي، ڀلي علائقي جي مارڪيٽ تائين وڃڻو هجي يا اي ٽي ايم مشين تائين، دوستن جي گهر ڪو ڪاج هجي يا امان جي ياترا، ببو هر وقت تيار، هر هنڌ گڏ هلڻ لاءِ اتاولو. انڪري سنگتي ساٿين بہ ببو کي اسانجي ڪٽنب جي حصي طور قبول ڪري ورتو آهي.

اسان واري سموري سيڪٽر ۾ ماڻهو مونکي ۽ ببو کي "ببو والي باجي" يا "ببو والي آنٽي" طور سڃاڻن ۽ سڏين ٿا جو هو سدائين مون سان گڏ گاڏيءَ ۾ ايندو ويندو آهي. جڏهن نينگريون اسڪول ۾ پڙهي رهيون هيون تہ آئون ئي کين اسڪول ڇڏيندي ۽ واپس آڻيندي هيس ۽ ببو مونسان گڏ کين ڇڏڻ ۽ وٺڻ لاءِ هلندو هو. صبح سوير جڏهن ننڍاڙي اکين ۾ ڀوت ڦنايل هر ڇمار جي ٻارن جي چهرن تي ببو کي ڏسي سرهائي ۽ تازگيءَ جيڪا ٽڙندي هئي سا انتهائي خوشگوار هوندي هئي. ٻار پنهنجي گاڏين يا ويگنن مان رڙ ڪري پڇندا هئا، "آنٽي! هن جو نالو ڇا آهي؟"

"ببو.." آئون وراڻي ڏيندي هئس.

گهڻو تڻو وقت ببو مونسان ئي گاڏيءَ ۾ هوندو آهي تہ لازمي طور

هو جيئن ڪڪڙ پنهنجي چوزن کي ٻلي، کان بچائيندي آهي. گهر موٽي هر ڪنهن کي اهو ٻڌايو هئم."

هو صاحب ڳالهائيندو رهيو، "اصل ۾ اسين پويان ڪيترائي سال دبئي ۾ هئاسين، هاڻ ڪو ٻه مهينا کن اڳ موٽيا آهيون. اڄ اوهان تي نظر پئي ته اهو واقعو ياد اچي ويو. هاڻ ته اوهانجو ڪُتو وڏو ٿي ويو هوندو."

"ڪُتو نه پر سندس نالو ببو آهي" مون زور ڏيندي چيو.

بس انڪانپوءِ پارڪ ۾ ڪنهن به ببو کي ڪُتو نه سڏيو.

هڪ سال تائين ته ببو جي گهچيءَ ۾ پٽو وجهي پارڪ ويندي هئس، پوءِ آهستي آهستي ڪيس ٻنان پٽي جي ٿي وني وڃڻ لڳيس ۽ هاڻ ڏهن سالن کانپوءِ هرهنڌ ٻنان پٽي جي ٿي ويندو آهي شروعات ۾ ڊڪندڙ ماڻهن تي ڀونڪندو هو.

"پٽو! جڏهن سامهون کان ببو ايندو هجي ۽ اوهين تڪو ڊوڙندي ٿا اچو ته هو ليڪي ٿو ته اوهين مٿس ڪاهه ڪرڻ پيا اچو. ان ڪري ڪوشش ڪريو ته ببو جي سامهون اچڻ مهل ڊوڙڻ بدران پسار ڪريو يا ٽريڪ تان هٽي گاهه تي ڊوڙڻ شروع ڪري ڏيو."

آئون ڊوڙندڙ ماڻهن کي مفت مشورو ڏيندي هئس ته منهنجي ڌيءَ جيڪا اڪثر اسان سان گڏ هوندي هئي، اچرج وچان مون ڏانهن نهارڻ لڳندي هئي.

"واؤ.. امان هيءَ ٽريڪ انسانن لاءِ آهي ۽ تون... هائو اسٽرينج." هوءَ اچرج وچان چوندي هئي.

انسانن هزارين سالن کان دنيا ۾ وسندڙ جانورن ۽ پکي پنڇين جي زندگي عذاب بڻائي رکي آهي. آزاد قرڻ، اڏامڻ ۽ رهڻ واري مخلوق کي اسان ترقيءَ جي نالي تي قيد ۾ مجبور بڻائي ڇڏيو آهي.

ببو جي زندگيءَ ۾ اچڻ کانپوءِ، گهٽيءَ ۾ دانهي پانيءَ لاءِ ڀٽڪندڙ رولو ڪتن، گاڏين هيٺان چيڀاجندڙ ٻلين، مٽن جي مقدار ۾ سامان جي بار هيٺان دٻيل گڏهن جي ابتر حالت هاڻ واضح طور تي نظر اچڻ لڳي هئم جيڪا شايد اڳي ڏسڻ کان محروم هيس.

پتو اٿم ته ببو جهڙي ڏکئي ٻار جو ڪنهن پئي گهر رهڻ سولو نه

# احتياط ماٺهن ڪان

پارڪ ۾ پسار ڪندڙن مان هوءِ سڀني کان ڌار لڳندي هئي، جنهن کي نه اوسي پاسي جو ڪو هوش هوندو هو ۽ نه ئي ڪنهن جي پرواهه. اياڻڪيون اکيون، تيل سان سٽيل لهرن جيان اڇا وار ۽ مُک تي اڻچاتل وحشت جنهن سندس ڇهري جي ريکائن کي اجائين وڏيڪ گهرو ٿي بڻايو. ڪڏهن سلام ڪجيس ته عجيب انداز ۾ بڙبڙ ڪرڻ لڳندي هئي. ڪيس ڏسي سدائين اها ولوڙ ٿيندي هئي ته هوءَ انهيءَ حال ۾ ڇو ۽ ڪيئن پهتي.

سندس گهر پارڪ جي سامهون رستي سان لڳو لڳ هو. جينز ۽ ٽي شرٽ پهريل هڪ سنهڙي سپلڪڙي ڏِگهي نوجوان ڇوڪري روزانو ساڻس گڏ ايندي هئي ۽ سختيءَ سان کيس تاڪيد ڪندي هئي ته، "پڦي! پارڪ جو هڪ چڪر لڳائڻ ڪانپوءِ هن بينچ تي ويهي منهنجو انتظار ڪجان" اِهو چئي ڇوڪري ته جڻ اڏامر ڪٽولي تي سوار ٿيندي هئي ۽ هوءَ پنهنجي هوائي چپل گهليندي نڪ جي سڌائي ۾ هلڻ شروع ڪري ڏيندي هئي.

پوءِ اوچتو ئي اوچتو اُها عورت پارڪ ۾ اچڻ نه لڳي ۽ نه ئي اُها ڇوڪري نظر آئي. وقت گذرڻ سان اِهي ٻئي ڪردار منهنجي ذهن تان به ميسارجي ويا. سال کن ڪانپوءِ نوجوان ڇوڪري پارڪ ۾ پسار ڪندي نظر آئي ته کيس ڪيڪاريم. "هيلو.."

پهرين ته ڇوڪري مون کي اوپري نظرن سان ڏٺو ۽ پوءِ شايد سڃاڻي وئي ته مون ڏانهن پير پرڻ لڳي. آئون به واڪنگ ٽريڪ کان هٽي هن ڏانهن

شخصيت جو حصو بڻجي ويندو آهي. چوڪريءَ اپٽار ڪئي.

"جيڪڏهن خراب نہ لڳي تہ مونکي پنهنجي پڦيءَ بابت ٻڌائي. اصل ۾ آئون اهڙن نفسياتي ۽ سماجي موضوعن تي مختلف مقامي ۽ عالمي ادارن لاءِ ڪالم لکندي آهيان." چوڪريءَ کي مطمئن ڪرڻ لاءِ پنهنجو پورو تعارف ڪرائڻ ضروري سمجهيم.

"شايد اوهان جي پڦيءَ جي ڪهاڻي پڙهي ڪيترين ئي عورتون پاڻ سان ٿيندڙ وارتائن کي بهتر انداز ۾ سمجهي سگهن." مون دليل ڏنو.

چوڪريءَ هائوڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيو ۽ چيائين: "سياڻي شام اسانجي گهر اچو اُتي سڪون سان تا حال احوال ڪريون. باءِ دي وي منهنجو نالو فريحا آهي." هُن پنهنجو هٿ وڌائيندي چيو.

"منهنجونالو صنوبر آهي." گرمجوشيءَ سان سندس هٿ جهليندي چيم.

"مون کي پنهنجي ڪالمن جا لنڪ هن نمبر تي موڪلي ڏيو." هُن پنهنجو فون نمبر ٻڌايو جيڪو هڪدم پنهنجي موبائل فون ۾ محفوظ ڪري ڇڏيم ۽ ايندڙ ڏينهن ملڻ جي وعدي سان ڪائنس موڪلائي پنهنجي گهر رواني ٿي ويس.

ايندڙ ڏينهن شام جو فريحا جي گهر تي گهنٽي وڄايم تہ هڪ ملازم دروازو کولي مونکي لائونج ۾ وڃڻ جي واٽ ڏيکاري. فريحا لائونج ۾ ليپ ٽاپ کولي ويٺي هئي. مونکي ويهاري ملازم کي چانهہ آڻڻ لاءِ چيائين ۽ مونکي چوڻ لڳي: "هيءَ ڏسو منهنجي پڦيءَ جي وهان جون تصويرون." ليپ ٽاپ جو رُخ مون ڏانهن ڪندي چيائين.

"ڪهڙي سال ۾ سندس وهان ٿيو هو؟ ان وقت گهڻي ڄمار هئي ۽ هاڻ اوهانجي پڦي جي ڄمار ڪيتري آهي؟." عادت کان مجبور ٿيندي مون پيهر سوالن جي پرمار ڪري ڏني.

"پڦي جو وهان ١٩٩٩ ۾ ٿيو هو. تڏهن شايد ويهن ورهين جي هئي رقيا پڦي. هاڻ ٻس کو چاليهن ورهين کن جي ٿيندي. گذريل ڇهن ورهين کان هوءَ اسان سان گڏ تي رهي. آئون سندس وهان مهل پنجن ورهين جي هئس." فريحا ڏور پولار ۾ ڪجهہ ڦلهوريندي رقيا جي ڪهاڻي ٻڌائڻ شروع

پيو ڪامورو هئڻ ڪري اسلام آباد ۾ ٽانيڪو هو. سچي ڪٿنب مان رقيا لاءِ انيڪ سنگ چڪيا پئي ويا.

رقيا جو وهان سندس سئوٽ سان طئي ٿي چڪو هو جنهن جي پيئڻ سان رقيا جي وڏي پاءُ جو ڪيترائي سال اڳ وهان ٿيو هو. اِهو ڏيتي ليتيءَ وارو وهان هو. رقيا کي پرڻجي ڪراچي ويٺو پيو. هوءَ هڪ قبولڻ جوڳي منهن مهانڊي واري پراعتماد ۽ زندگيءَ سان ڀرپور ڇوڪري هئي جڏهن ته سندس مڙس احسن علي سهٺو پر سدائين ڦونڊيل رهندڙ شخص هو. شايد رقيا جي مالي طور تي سگهارو هئڻ سندس معمولي شڪل ۽ صورت تي پڙدو وجهي ڇڏيو هو. وهان جي شروعاتي ڪجهه سالن دوران ته احسن جو رقيا سان ورتاءُ سٺو رهيو پر آهستي آهستي منجهس تبديلي اچڻ شروع ٿي. انهيءَ دوران رقيا هڪ ڌيءَ جي ماءُ پڻ بڻي. احسن هاڻ ڪمن ڪارين جي سلسلي جي ڪري ڪيترن ئي ڏينهن لاءِ گهر کان ٻاهر رهڻ لڳو. جيئن ته رقيا جي نالي تي چڱي موچاري جائيداد پڻ هئي سو احسن سونو بيضو ڏيندڙ انهيءَ ڪُڪڙ کي هڪدم ذبح ڪرڻ نٿي چاهيو.

قربت اڳي به رقيا ۽ احسن ۾ ڪا خاص نه هئي پر ڌيءَ ڄمڻ ڪانپوءِ اِها به نه رهي. رقيا ڌيءَ جي سارسنڀال ۾ ايتري ته جنبيل رهي جو ڪيس احساس ئي نه ٿيو ته مڙس جي پريروهئڻ جو سبب ڪو ٻيو جيو آهي. پر جڏهن احسن جي ڪپڙن لٽن مان اڪثر زناني سرهاڻ اچڻ لڳي ته هوءَ اِهو ويچارڻ تي مجبور ٿي پئي ته احسن جي زندگيءَ ۾ ڪا ٻئي عورت آهي تڏهن ته هو ڏانهنس نهاري به نٿو. رقيا جي دماغ ۾ شڪ ڪَرَ موڙڻ لڳو انهيءَ شڪ کي هٿي انهيءَ تصوير ڏني جيڪا احسن جي ڪوٽ مان نڪتي. ننڍي ڄمار واري هڪ سهڻي ڇوڪريءَ جي تصوير ڏسي رقيا ٻتال ٿي وئي.

"تون هن وئشيا لاءِ مون کان پريرو ٿي رهيو آهين؟ آئون اڪيلي سر ٻارڙيءَ جي سارسنڀال لهان، گهر جا ڪم ڪار ڪريان ۽ تون ٻاهر عياشيون ڪندو وتين. آئون هڪ پل به توسان گڏ نٿي رهي سگهان." رقيا ڇتاءُ واري انداز ۾ احسن کي چيو.

احسن ڪجهه دير تائين وضاحتون ڏيندو رهيو ۽ آخرڪار پاسو بدلايائين ۽ جوابي وار ڪندي رقيا کي قدير جي ياد ڏياريائين. "ستي ساوتري

تي ٻڌجين. وهان کان اڳ اسڪول جي عاشق قدير سان عاشقي معشوقي ڪندي پنهنجي ۽ ڪٽنب جي عزت جو خيال ته ڪڏهن به نه آيو هوندو. وڃڻ چاهين ٿي پنهنجي گهر ته ڀلي وڃ پر ياد رکجان ته تنهنجي پريم ڪهاڻي سڄي ڪٽنب آڏو رکڻ کان ڪونه ڪيٻائيندس. آئون ته رڳو پنهنجي پيءُ جي ڪري چُپ هئس جيڪا اوهانجي ڪٽنب ۾ پرٿيل آهي نه ته تو جهڙي معمولي شڪل واري عورت سان مون جهڙو مرد ڪيئن وهان ڪري ها. ڪنهن ڏينهن آئيني ۾ ته پنهنجي شڪل ڏس. نه شڪل چڱي اٿني ۽ نه ئي وري سيرت..هونهن..”

احسن جي واتان قدير جو نالو ٻڌي رقيا چڻ ته غش ٿي وئي. ڪيس سمجهه ۾ نه پئي آيو ته قدير ۽ سندس وچ ۾ ناتن جي ڳالهه ڪنهن احسن سان ونڊي هوندي، ناتو به ڪجهه ڇمين ۽ خطن تائين محدود هو. غير ۽ پاڻ کان هيٺين طبقي واري برادريءَ جي ڇوڪر سان ڪجهه ورهين جو ناتو به رقيا جهڙن زميندار گهراڻن لاءِ ڪيتري بيعزتيءَ جو سبب بڻبو آهي، رقيا کي انهيءَ جو پورو اندازو هو، پر ويهن ايڪويهن ورهين جي ڇوڪريءَ ۾ عقل ئي ڪيترو هوندو آهي جو ڪيس پنهنجي اوسي پاسي جو ادراڪ ٿئي. رقيا جي ڪاوڙ پاڻيءَ جي اڇ وانگر ڍهي پئي. هاڻ هوءَ ارڙهن ورهين جي جوان ڇوڪري نه پر هڪ ڌيءَ جي ماءُ هئي.

احسن کي رقيا کي ايذائڻ جو هڪ نئون هٿيار هٿ چڙهي ويو هو. هو ڪيس ايذائي دلي سڪون حاصل ڪندو هو ۽ بي روڪ پنهنجي عياشين ۾ رڌل هوندو هو. اڪيلائپ ۾ ڳالهه ڳالهه تي ڪيس مهڻا ڏيندو هو. دل گهريو ڪاڏو نه ملڻ تي چوندو هو. ”اڄ پڪ سان قدير جي ياد آئي هوندي سو ڪاڏو به ڏيان سان تيار نه ڪيو اٿئي.“ ٻارڙي جي روئڻ تي به ڪيس ذميوار ليکيندي چوندو هو، ”ٻارڙيءَ جو خيال به نٿي رکين، تو جهڙين عورتن کي وهان ڪرڻ ئي نه گهرجي.“ ڪنهن سان فون تي ڳالهائيندي هئي ته چوڻ لڳندو هو، ”پنهنجي يار سان ڳالهائيندي هوندين؟“ ”جيڪڏهن رقيا ڪا فلم يا ڊرامون ڏسڻ لڳندي هئي ته احسن کي هڪ نئون بهانو ملي ويندو هو. مهڻا ڏيڻ جو، ”اهي فلمون ڊراما ڏسي ڪنهن نئين قدير کي ڦاسائڻ جو ارادو اٿئي ڇا؟ تو جهڙيون عورتون پنهنجي ڏيئرن کي غلط واٽ تي لڳائڻ کان به نه هٻڪنديون

آهن.“

رقيا اهڙن الزامن تي هنجون هارڻ لڳندي هئي ته هو وڌيڪ مهڻا ڏيندو هو ”ڊراما ڪوئين آهين تون، توکي ته ڪنهن فلم ۾ ڪم ڪرڻ گهرجي. گهر ۽ ٻار سنڀالڻ تنهنجي وس جي ڳالهه ناهي.“ اهڙا اُگرا الزام رقيا کي نه رڳو ٻڌڻ ۾ خراب لڳندا هئا پر انهن ڪري هوءَ پنهنجو اعتماد، سگهه ۽ پنهنجو وجود پڻ وڃائي رهي هئي.

احسن پنهنجي زال تي مهڻن جا اهي تير ڪڏهن به پنهنجي ڌيءَ يا ڪنهن ٽئين فرد آڏو نه هلائيندو هو. انجي اُبتڙ ڌيءَ ۽ ٻين ڪٽنب ڀاتين آڏو هو سائٽس ايڏي اُڪير جو مظاهرو ڪندو هو جو ڇڻ ڪائنس وڌيڪ ڪو پيائيندڙ مڙس دنيا ۾ ڳولهيو نه ملندو. رقيا پنهنجي مڙس جي اها چالاڪي سمجهي نه پئي سگهي. سندس من ڪندو هو ته هوءَ دانهون ڪوڪون ڪري هنجون هاري پر سندس آواز اندر ۾ ئي نپوڙجي تي ويو ۽ هوءَ پاڻ به ليڪڻ ٿي لڳي ته هوءَ خراب عورت آهي، ڪنهن نه ڪم جي چالو عورت، جيڪا ڊراما ڪوئين آهي.

سندن وهان کي ٻارهن سال ٿيڻ وارا هئا. ورهين کان رقيا پنهنجو خيال رکڻ ڇڏي ڏنو هو. ڪيترن ئي ڏينهن تائين نه ڪپڙا مٽائيندي هئي، نه وينجهندي هئي ۽ نه ئي وري وارن ۾ ڦڻي ڏيندي هئي. سندس جسم ڦوڪجي بي ڊنگو ٿيڻ لڳو هو. ڪاڇن ۾ وڃڻ کان لنوائيندي هئي ۽ جيڪڏهن ويندي به هئي ته ڪا ڪُنڊ جهلي پنهنجي منهن ويلي هوندي هئي. جڏهن ته احسن ڄمار وڌڻ سان اڳي کان وڌيڪ رنگ ڪيڻ لڳو هو. هُن پنهنجي ڌيءَ کي پنهنجي ويجهو ۽ ماءُ کان پريرو ڪري ڇڏيو هو. هو ڌيءَ کي پٽي پڙهائڻ لڳو هو ته سندس ماءُ نفسياتي مريض آهي.

ايئن رقيا پنهنجي ڪمري تائين ئي محدود ٿي وئي. گهر جي ڪمن ڪارين سان ڇڻ ته سندس ڪو واسطو ئي نه رهيو. گهر جي صفائي ستّرائي ۽ کاڌو تيار ڪرڻ لاءِ احسن هڪ سهڻي ۽ نوجوان عورت کي نوڪرياڻي ڪري رکيو. صبح جو ڌيءَ جي اسڪول وڃڻ کانپوءِ رقيا کي گهر جي مٿين ماڙ تان ڪنهن جي هلڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو هو. ڪڏهن زور زور سان روئڻ جو آواز ايندو هو ته ڪڏهن تيز ڊوڙڻ جو، جنهن وگهي سندس انگ انگ ڪنبجي ويندو هو. اهو سيڪجهه تڏهن ٿيندو هو جڏهن هوءَ گهر تي اڪيلي هوندي هئي. هوءَ

زورائتي دانهن ڪري احسن، پنهنجي ڌي يا نوڪرياڻيءَ کي سڏيندي هئي پر ڪيس ورندي ڏيڻ وارو ڪو بہ نہ هوندو هو.

احسن روزانو جڏهن ڌيءَ کي اسڪول مان واپس وٺي ايندو هو تہ هوءَ ڊوڙي ڪيس ڀاڪر پائيندي چوڻ لڳندي هئي، "احسن! مٺي ڪو آهي، خدا جي واسطي مون کي اڪيلو ڇڏي نہ ويندو ڪر."

احسن پنهنجو پاڻ کي رقيا جي پنجوڙ مان آجو ڪرائيندي نرميءَ سان چوندو هو، "نہ، رقيا گهر ۾ تہ ڪو بہ ناهي توکي وهم ٿيو آهي. اِهو سڀڪجهہ تنهنجي دماغ جو خلل آهي."

احسن ڌيءَ سان گڏ رقيا کي مٿين ماڙ وٺي وڃي هرڪو ڪمرو ڏيکاريندو هو، "ڏس.. ڪير آهي هتي؟ تو کي ڇا ٿيندو پيو وڃي؟" هو ڪيس آٿت ڏيندي حوصلو ڏياريندو هو.

پر رقيا بي اعتباريءَ سان ڪڏهن خالي ڪمري ڏانهن تہ ڪڏهن ڌيءَ ۽ مڙس ڏانهن نهاريندي هئي. ايستائين جو سندس ڌيءَ کي بہ پڪ ٿي وئي تہ سندس ماءُ کي پاڳلپڻي جا دورا ٿا پون. صبح جو پيءُ ۽ ڌيءَ جي ويندي ئي اِهي آواز ڏينهون ڏينهن وڌڻ لڳا. هاڻ ڪمري ۾ بجلي بہ اوچتو بند ٿيندي هئي تہ رقيا هراسجي بستري تي ڊرڪي پوندي هئي. جڏهن اِها ڳالهہ احسن سان يا نوڪرياڻيءَ سان سليندي هئي تہ هو ٻئي ڪيس پڪ ڏيارڻ لڳندا هئا تہ بجلي هڪ پل لاءِ بہ بند نہ ٿي هئي. اهڙا ماجرا هاڻ روز مرهہ جو معمول بڻجڻ لڳا هئا. جن وگهي رقيا جي دماغي حالت ڏينهون ڏينهن ابتر ٿيندي وئي.

گذريل ٻن سالن ۾ احسن پنهنجي ڌيءَ کي اِها پڪ ڪرائڻ ۾ مڪمل طور تي ڪامياب ٿي ويو هو تہ اِهي سمورا ماجرا سندس ماءُ جي ذهن جو فتور آهن، ايستائين جو رقيا بہ اِهوئي سمجهڻ لڳي هئي. ڪڏهن ڪڏهن ڪيس لڳندو هو تہ هوءَ سچ مچ ۾ چري ٿي وئي آهي ۽ هاڻ سندس علاج ممڪن ناهي تہ ڪڏهن وري سوچيندي هئي تہ سندس پنهنجو مڙس ئي ڪيس نفسياتي ۽ ذهني دٻاءُ جو شڪار بڻائي رهيو آهي. انهيءَ ڪشمڪش ۾ هوءَ ذهني طور تي ايترو تہ ڪمزور ٿي وئي جو سندس پنهنجي دماغ تي ڪنٽرول رکڻ ناممڪن ٿي ويو هو.

احسن پنهنجي چالبازيءَ سان هڪ تير ذريعي ٻہ شڪار ڪيا. رقيا

تي آهي چاڪاڻ جو پڦيءَ جي جائيداد بہ احسن سندس بيماريءَ دوران پنهنجي نالي ڪرائي ورتي هئي.

پوئين سال پڦيءَ جي ڌيءَ اي ليول ڪرڻ انگلينڊ هلي وئي، جتان اڪثر پنهنجي ماءُ لاءِ فون ڪندي آهي پر پڦي هاڻ اهڙي حالت ۾ نہ ڪونهي جو پنهنجي ڌيءَ جو آواز سڃاڻي سگهي.“ اهو سڀڪجهہ ٻڌائيندي فريحا جي اکين ۾ لڙڪ تري آيا. ”پڦيءَ کي انهيءَ حال تائين پهچائڻ وارو سندس پنهنجو مڙس آهي جنهن پوري رٽابنديءَ سان گئس لائٽنگ ڪري پنهنجي زال جو استعمال ڪيو“ فريحا زور ڏيندي چيو.

هڪيرو بيهر ليپ ٽاپ تي نظرون کپائي ڇڏيم جتي فريحا جي پڦي تصويرن ۾ ڪلندي مرڪندي نظر پئي آئي. گئس لائٽنگ جهڙي مڪروهہ ڪرت پنجيتاليهين ورهين جي رقيا کي پوڙهو جهور ڪري ڇڏيو هو..

رقيا جون تصويرون ڏسندي سوچي رهي هئس تہ اسان جي معاشري ۾ نہ ڄاڻ ڪيتريون ئي عورتون فريحا جي پڦيءَ وانگر گئس لائٽنگ جو شڪار بڻجي پنهنجي ذات جي نفي ڪندي ڪندي پنهنجا حواس وڃائي ويٺيون ويهن... ڪنهن کي پتو؟

گاڏي ايڏي تہ تيز رفتاريءَ سان گرين بيلٽ وارن وڻن سان ٽڪرائي هئي جو ٽڙن جا ذرا پرزا چئني پاسي پکڙيل هئا. نوجوان جو چهرو چاهيندي بہ ڏسي نہ سگهيس. سچي وات اِها ئي دُعا پنندي رهيس تہ شل ويچاري جي حياتي بچي پوي.

ويهڪ دوران هر هر اِهو ڏيک منهنجي اکين آڏو ايندو رهيو ۽ اکيون آليون ٿينديون رهيون. جيئن تيئن ڪري ڪم ختم ٿيڻ تي گهر پهتيس تہ پنهنجي ڌيئرن کي روئندي ڏسي ڪنبجي ويس.

جنهن جوان جو چهرو نہ ڏٺو هئم سو منهنجي ڌيئرن جي ننڍپڻ واري ساهيڙيءَ جو ننڍو ڀاءُ هو، جيڪو سوين ڀيرا انهيءَ ڳاڙهي وڻڙ الٽيءَ ۾ اسانجي گهر اچي چڪو هو.

ڪلنڊڙ ڪڏنڊڙ ٻارڙو صبح جو گهر ڀاتين لاءِ حلوي پوريءَ جي نيرن وٺڻ نڪتو هو پر ڪنهن کي پتو هو تہ سورهن ورهين جو سهڻو ۽ سلڇڻو نينگر تيز رفتاريءَ سبب سيني کي پنهنجي پويان روئندي ڇڏي ويندو.

اکين ڏٺل شاهدن موجب تيز رفتاريءَ ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن تي بہ الزام ڌري نہ ٿي سگهيو.

اڄ بہ جڏهن اُتان لنگهندي آهيان تہ اُهو ساڳيو ڏيک اکين آڏواچي ويندو اٿم.

## ٽيون ايڪٽ

سنگيت جي تيز آواز ۾ پيو ڪجهہ بہ ٻڌڻ ۾ نہ ٿي آيو، ان دوران مسعود عالم نہ ڄاڻ ڇا چيو جو ٻڌي نہ سگهيس.

"هل تہ ٻاهر اڱڻ ڏانهن ٿا هلون، هتي تمام گهٽي گُهٽ آهي." گوڙ گهمسان کان جان ڇڏرائڻ لاءِ بهانو ڪيم.

"شيور" مسعود عالم بنان ڪنهن دير جي هائوڪار ڪئي ۽ اسين ٻاهر اڱڻ ۾ اچي ويناسين.

آئون: اوهان ڪجهہ چيو ٿي جيڪو گوڙ سبب ٻڌي نہ سگهيس.

مسعود عالم: چيم ٿي تہ مرڻ کانپوءِ ماڻهو اسانجو اهوئي چهرو ۽ روپ ياد رکندا آهن جيڪو اسانجي مرڻ تي ڏسندا آهن.

آئون: ظاهر آهي پر سمجهيم نہ تہ چوڻ ڇا ٿا چاهيو.

ويو. سيني دوستن کان موڪلائي پيهر سگهوئي ملڻ جو وعدو ڪري پنهنجي مني پجيرو اسٽارٽ ڪري گهر ڏانهن وڃڻ جو شارٽ ڪٽ اختيار ڪيائين. ٽڪاوٽ ۽ ننڊ جي غلبي سبب سروس روڊ جي لاهين چاڙهين تي گاڏيءَ جو توازن رکي نہ پئي سگهيو پر گهر جلدي پهچڻ جي آنڌ مانڌ ۾ گاڏيءَ جي رفتار وڌائيندو رهيو. جي ٽين واري سروس روڊ جي لاهيءَ تي ڪيتري ئي عرصي کان پيل کڏا کوٻا مرمت جا منتظر هئا پر انتظاميا جي بيحسيءَ سبب اهي انيڪ حادثن جو سبب بڻجي رهيا هئا. مسعود عالم اڻڄاتل نتيجن کان بيخبر گاڏي ڊوڙائي رهيو هو. رستي جي لاهيءَ تي جيئن ئي تيز رفتار گاڏيءَ جو ٽائر کڏي ۾ ويو. گاڏي پَل سان ٽڪرائجي نالي ۾ بيٺل وڻن جي جهڳٽي تي وڃي پئي. گاڏي وڻن جي وچ ۾ اونڌي ٿي پئي هئي ۽ فون جي لاڳيتو وڄندڙ رنگ ٽون اونداهي ۽ سانت کي چيري رهي هئي. چوڏهين مارچ تي پنهنجي ڏيئرن کي اسڪول ڇڏي گهر موٽي آيس تہ مسعود عالم جي ڪمهلي مرتئي جي خبر منهنجي منتظر هئي. روئندي پڇتائڻ لڳيس تہ ڪاش آءٌ ڏينهن سائس گڏ مونال وڃڻ کان انڪار نہ ڪريان ها تہ ڪر سائس ملاقات ٿي وڃي ها.

منهنجي ڪنن ۾ اڄ بہ مسعود عالم جو ڪڙڪيدار ۽ ٽهڪ ڏيندڙ آواز ٻُرندو آهي ۽ هرهر ماڌو بالا واري سندس ڳالهہ ياد ايندي اٿم. مسعود عالم جي آخري ديدار مهل سندس جرڪندڙ ۽ مطمئن چهرو ڏسي سوچڻ لڳيس تہ من جي سهڻن مائهن جي چهرن جي رونق سدائين برقرار رهندي آهي، پل هو ڄمار جي کهڙي بہ حصي ۾ پنهنجي آخري سفر تي روانو ٿين.

حادثو فقط ڪن پل جو کيل هوندو آهي پر زندگيءَ کي موت ۾ بدلائي ڇڏيندو آهي.

مرڻ وارا تہ مري ويندا آهن پر پنهنجي پويان اوسيئڙو ڪندڙ نيڻ، بيوس دليون ۽ رستي تي خوني ٽائرن جا نشان ڇڏي ويندا آهن.

پر اها بہ حقيقت آهي تہ زندگي سچ پچ هڪ اسٽيج آهي جتي اسين سڀئي پنهنجي حصي جو ڪردار نڀائڻ ايندا آهيون ۽ جيئن ئي ڊائريڪٽر ايندڙ ايڪٽ جو اشارو ڪندو آهي. پڙدو ڪرندو آهي ۽ ناٽڪ جا ٻيا ڪردار اسٽيج تي اچي ويندا آهن.

# دشمن ملڪ

سال ٻه هزار عيسوي، ۾ پاڳ پلا هئم جو پهريون ڀيرو ۽ بدقسمتي، سان هيل تائين آخري ڀيرو "پاڪ انڊيا پيس فورم " ۾ شرڪت واسطي انڊيا وڃڻ جوموقعو مليو. ڪراچي، کان بمبئي تائين جي اُڏام هئي. سنڌمان ڪو سٺو ڪن امن جا پانڌيئڙا هئا. جن ۾ شرافت علي مرحوم، ڪرامت علي، شيما ڪرماني، بي ايم ڪُٽي، صالحا اطهر، فرهاد زيدي مرحوم، مسرت جبين ۽ رسول بخش پليجو پڻ شامل هئا. باقي ڏيڍ سٺو ڪن پنجاب ۽ سرحد صوبي سان تعلق رکندڙ هئا جيڪي واهگا واري سرحد رستي پهتا. آءِ اي رحمان مرحوم، مسعود اشعر، ايم بي نقوي،ارشد وحيد، اڪرم وڙائچ ۽ نہ ڄاڻ ڪيترا سارا ماڻهو بنگلور ۾ ڪوناپل انهي، ٽن ڏينهن واري ڪانفرنس ۾ اڳيرا هئا. سيني ڪي پوليس انڪوائري ڪانسوا، وارا ويزا مليل هئا. جن تي اسين سيني پنهنجي من پسند شهرن جو اڳواٽ ئي اندراج ڪرائي چڪا هئاسين.

اسين ٻوڙندي پڄندي ٻہ ڪيترائي وڏا شهر ڏسي سگهياسين، سمورا هڪ کان وڌيڪ هڪ. هر شهر جو پنهنجو ڏار وهنوار، انداز ۽ رنگ ڍنگ، چنائي جو ساموندي ڪنارو، مهابلي پورم جو تاريخي مندر، بنگلور جي جديديت، دلي، جو دلي دروازو، جامع مسجد ۽ ڪينٽ بازار، ميسور ۾ ٽيپو سلطان جو محل ۽ عجائب گهر، حيدرآباد دکن جو سالار جنگ عجائب گهر، موسيٰ ليڪ ۽ مسلم علائقا، ممبئي جو مالا بارهل، جوهو وارو ساموندي ڪنارو، جهونپڙ پٽي ۽ سينيما ۾ ڏٺل فلم "هيرا ڦيري" جڏهن تہ آگري جي تاج

محل ڪانوني دهليءَ جي قطب مينار تائين اچ بہ سيڪجھ منهنجي سارونئين ۾ تازو توانو آهي. جڏهن تہ آئون اڪيلي عورت هئس جيڪا پنهنجي ٻن ننڍڙي ڌيئرن سان گڏ آئي هئي سو سڄ سماءُ جا ذريعا بہ مونسان ئي ڳالهائڻ تي هوڏ پريندا رهيا. ان وقت موبائل فون تہ هئا ڪونہ پر زي نيوز ۽ اسٽارنيوز پاڪستان ۾ بہ ڏنا ويندا هئا سو منهنجي گهر ۽اتين ڪي اسانجي اُتي پهچڻ جو اطلاع انهن چينلن تي منهنجا انٽرويو ڏسي ملي ٿي ويو.

ٽن ڏينهن واري انهيءَ ڪانفرنس ۽ پوءِ مختلف شهرن جي سياحت دوران ڪيترائي قصا ٿيا.

ڪراچيءَ کان ممبئي ڪو ڪلاڪ ڪن جي اڏام هئي ۽ اسين انڊيا جي ڌرتيءَ تي هئاسين جتي ميزبان گلن جون مالهائون ڪڻي اسانجي آڌرڀاءُ لاءِ موجود هئا. ممبئي ايئرپورٽ جي ڊيوٽي فري شاپ تي انتهائي گهڻ اگهہ تي ڀڏي جي حساب سان وڪامجندڙ "سانجھہ مهل جو مشروب" ڏسي اڪثر دوستن جي واڇ اهڙي تہ گودو ٿي وئي جو بوتلن جا سٽ خريد ڪرڻ لڳا جڏهن تہ اسانجا ويچارا ميزبان ٻاهر اسانجو اوسيئڙو ڪندا رهيا.

خير جيئن تيئن ڪري ٻاهر نڪتا جتي هڪ وڏي ۽ آرام دهہ بس اسانکي پنهنجي پهرين منزل تائين پهچائڻ لاءِ بيٺل هئي. ايئرپورٽ کان ٻاهر پير ڌريندي ئي هڪ واضح فرق جنهن سڀ کان اڳ منهنجي نيڻن ڪي اچرج ۾ وڌو سو هزارين عورتن جو رستن تي موٽر سائيڪل يا اسڪوٽي هلائڻ هو. ڪا شلوار قميص ۾ هئي تہ ڪنهن ڪي وري جينز پهريل هئي. ڪا ساڙهي ۾ هئي تہ ڪا لانگ يا مني اسڪرٽ ۾ پر سموريون ٻنان ڪنهن ڊپ ڊاءُ جي موٽر سائيڪلون ڊوڙائي رهيون هيون. انتهائي پلو لڳو عورت جو اهو اعتماد ڀريو روپ.

ڪلاڪ ڪن جي سفر کانپوءِ اسين سيئي هڪ شاندار ريسٽورينٽ پهتاسين. اندر داخل ٿيندي ئي خوشگوار اچرج لڳي جو اُتي انڊين فلم انڊسٽري، سڄسماءُ جي ذريعن ۽ ٻين ڪيترن سان تعلق رکندڙ ساٿي اڳ ۾ ئي موجود هئا. آرٽ فلمون جيڪي اسين ڏسي جوان ٿيا هئاسين، جي اداڪارن کي پنهنجي آڏو ڏسي اسانجو پير زمين تي نہ پئي لڳو. بوفي ۾ وچ ۽ نان ويج کاڌن جا انيڪ قسم ميز تي انتهائي نفاست سان سينگاريل هئا. سمورو

وقت ڪيفي اعظمي، شوڪت اعظمي، علي سردار جعفري، اي ڪي هنگل ۽ جاويد اختر پنهنجي پاڪستاني مداحن جي هشامن ۾ رهيا. سوا نيزي تي چڙهيل اچي اُس وسائيندڙ سج هانءِ هيدو ٿي جهڪو ٿيڻ لڳو هو پر ڳالهيون اڻڀريون هيون جو ختم ٿي نه پئي ٿيون. ورهين کان اڄايل هڪ ٿي ملاقات ۾ اُڃ اُجهائڻ لاءِ آتا هئا.

رات اٺين وڳي راجڌاني ايڪسپريس ذريعي ممبئي کان بنگلور تائين اسانجو سفر شروع ٿيو، اسانجي لاءِ ٻه بوگيون مخصوص ٿيل هيون، هڪ بوگيءَ ۾ سمورا منچلا ستجي ويا ته سڄي رات ڳائيندي وڄائيندي گذاريندا جڏهن ته ٻئي بوگيءَ ۾ بزرگ ٽانيڪو ٿيا. جيئن ته آئون پنهنجي ٻارڙين سان انتهائي ٿڪيل هئس سو پهرين بوگيءَ جي منورنجن کي نظرانداز ڪري هڪدم ٻئي بوگيءَ ۾ ٻارڙين لاءِ جاءِ ناهي ويهي رهيس، ايئرڪنڊيشن جي ڪري سڄي بوگي ٿڌي ٺار ٿيل هئي. هاڻ نئين پريشانيءَ اچي ورايو ته سڄي رات اهڙي ٿڌ ۾ ڪيئن گذاربي. اڃان ويچاريم پئي جو ريل عملي جا ٻه همراهه بوگيءَ ۾ داخل ٿيا هڪ جي هٿ ۾ ويهاڻا، ڪمبل ۽ اڇيون چادرون هيون، جيڪي انتهائي ڍنگ سان برٿ تي رکندا ويا. ٻارڙين کي گرم ڪپڙن جو سيڪ مليو ته هڪدم ننڊ ٻنجي ويون. ٻئي ڪارڪن جي هٿ ۾ هڪ ٽرالي هئي جنهن ۾ چانهه جا ننڍا ٿرماس، ڪوپ ۽ ساسرن سان گڏ سموسن ۽ بالوشاهيءَ جون پليٽون هيون، جيڪي هر ڪنهن کي ڏيندو، ويو سوچيم ته اِهو ٿي رات جو کاڌو هوندو سو ٻه سموسا ۽ بالوشاهيءَ جو هڪ ڳيو چانهه سوڌو هڪدم ڳڙڪائي ويس.

ريل گاڏي هلندي ئي اهڙي رفتار ورتي جڻ هاڻ بنگلور پهچندي ئي بريڪ لڳندو. سفر شروع ٿيندي اڃان اڌ ڪلاڪ کن ئي مس گذريو هو جو ريلوي جو هڪ ملازم مينو ڪارڊ هٿ ۾ جهلي بوگيءَ ۾ آيو "ويج، نان ويج ميڊم؟" ريلوي ملازم قلم ۽ نوٽبڪ هٿ ۾ جهليندي پڇيو. "اڙي ماني به ملندي؟ هيءَ ريل گاڏي ته هوائي جهاز کان به وڌيڪ ايڊوانس نڪتي.." مون من ئي من ۾ سوچيو.

"نان ويج." اِهو سوچڻ ڪانسواءِ ته ايندڙ خوراڪ ڪهڙي ڪُک ۾ وڃهنديس، هڪدم چٽي ڇڏيم. ڪلاڪ کن ڪانپوءِ هر ڪنهن لاءِ هڪ وڏي

شاهي ٽري اچي وئي. ٽري جي مٿان فوائل لڳل هو ته جيئن ڪاڌو صاف سٿرو رهي. اچرج مٿان اچرج پئي لڳم ته ڇا اهو به ممڪن آهي؟ ٻارڙين کي ننڊ مان اُٿاريم ته ٿورڙو ڪجهه کائي ونن ته جيئن صبح تائين سڪون سان سمهي ننڊ ڪن. مون به سموسا ۽ بالوشاهي، کي پيٽ جي هڪ پاسي ڪندي ڪڙي مسالي جو ڀوڙ چانورن سان پيٽ پري ڪاڌو ۽ ڪيرٽي، جي ڪٽوري به چٽ ڪري ڇڏيم. اهو چوڻ ۾ ڪو عيب نه ائين ته مونکي سفر ۾ بک گهٽي لڳندي آهي.

اسانجي بوگي، ۾ آء اي رحمان، بي ايم ڪُٽي، شرافت علي، ڪرامت علي، شيما ڪرماني، ايم بي نقوي، ارشد وحيد، فرهاد زيدي، مسرت جبين، صالحا اطهر، مسعود اشعر ڪانسوا، ڪجهه انڊين دوست پڻ هئا. شايد هاڻوڪين حالتن تي ڪو بحث مباحثو جاري هو جو آئون پنهنجي ڊيٽرن سميت ننڊ ۾ غلطان ٿي ويس. صبح جو به انهن دوستن جي ڳالهين تي اک کلي. آء اي رحمان ۽ مسعود اشعر سان منهنجي اِها پهرين باضابطا ڏيٺ ويٺ هئي.

ٻئي ڏينهن شام جو ڪرناٽڪ رياست جي آء ٽي، واري ڳڙهه بنگلور جي هڪ پُرسڪون ۽ شاندار هوٽل ۾ پنهنجن ڪمرن جون چاٻيون ملڻ جي انتظار ۾ هئاسين. هتي به سڌسماء جا ذريعا موقعي مان ڀرپور لاڀ پرائي رهيا هئا. زي، اسٽار، اين ڊي ٽي وي، دور درشن ڪانوڙي مقامي چينلن جي ريورٽرن تائين هر ڪو ڪنهن نه ڪنهن ڪنڊ پاسي ۾ ڪنهن نه ڪنهن جو انٽرويو ڪري رهيو هو. امن ڪارڪن جي ننڍڙين ٻارڙين جي ماءُ هئڻ ناتي هتي به چينلن وارا هر هر ڪئمرائون ۽ مائيڪ کڻي مون ڏانهن ٿي آيا. هونئن هڪ سبب ٻيو به هو جيڪو ايندڙ ڏينهن اسانجي انڊين دوستن ٻڌايو ته بنگلور يا ايئن چئجي ته ڏکڻ هندستان ۾ دراوڙ نسل رهي ٿو جن جو رنگ روپ انتهائي گهرو، گهاٽو ۽ قد ننڍو هجي ٿو. منهنجون ڊيٽرون جيئن ته پنهنجي رنگ روپ ۽ نيڻ نقشن ۾ پنهنجي ترڪ نسل ڏاڏاڻن تي ويل آهن انڪري سيني ڪان واضح ٿيون نظر اچن.

خير، ٻه ٽي انٽرويو ڏيڻ ڪانپوءِ ڪمري جي چاٻي هٿ آئي ۽ پوءِ ڪمري ۾ پهچي ڪيڏي مهل اک لڳي ۽ ڪڏهن باک ڦٽي، سو پتو ئي نه لڳو. فون جي گهنٽي وڄڻ تي چرڪ ڀري اُٿيس ته پتو لڳم ته نيرن واسطي هر ڪنهن کي نوين وڳي ڊائننگ هال ۾ گڏ ٿيڻو آهي. سيگهه ۾ تيار ٿي ڊائننگ

ٿي ڪا فوجي بيرڪ، تانجو وچي منزل تي رسياسين. اڄرج وڃان ڊرائيور ۽ ڪرسٽوفر کان پڇيم تہ ڪينٽونمنٽ واري ايراضيءَ ڪي باءِ پاس ڪيو اٿئون ڇا؟ پنهي وراڻيو تہ اُتان ٿي تہ لنگهي آيا آهيون تڏهن سمجهہ ۾ آيم تہ ڪجهہ جاين تي جو ڪجهہ نوجوان ڪسرت ڪري رهيا هئا، سي فوجي هئا ۽ اُهو سمورو علائقو چناٿي ڪينٽونمنٽ جو هو.

نہ فوجي چوڪيون، نہ ڪا بيرڪ ۽ نہ ٿي ڪا پڇا ڳاڇا. هڪ پاڪستاني ڪٽنب پنهنجي مسيحي دوست سان گڏ هڪ مسلمان ڊرائيور جي گاڏيءَ ۾ فوجي ڇانوڻيءَ مان لنگهي بنان ڪنهن هڪ جي تفريحي پارڪ پهچي مزا ماڻي رهيو هو... واهہ ري خدا تنهنجو شان! ٻارڙين اُتي انتهائي مزو ماڻيو ۽ مونکي اوسيڙڙو هو سياڻي جي سفر جو.

ايندڙ صبح اسين مهابلي پورم وڃڻ لاءِ تيار هئاسين جيڪو چناٿي کان لڳ ڀڳ پنجاهہ ڪن ڪلوميٽرن جي فاصلي تي پنهنجي تاريخي مندرن جي ڪري ڏيهان ڏيهہ مشهور آهي. ستين صدي عيسويءَ ۾ پالا سلطنت هتي مندر اڏاريا جيڪي اڄ بہ پنهنجو مٽ پاڻ آهن. ايئن ٿي لڳو تہ ڄڻ مندر ۾ رکيل نرتڪين جون مورتيون ڪن پل ۾ نرت ڪرڻ شروع ڪري ڏينديون. نڪرين ڪي ڪپي ايڏي تہ من موهڻي انداز ۾ مجسما جوڙيا ويا هئا جو عقل دنگ رهجيو وڃي. سيتا جو هڪ مڪمل داستان انهن مندرن ۾ اظهار ڪيل هو.

اينڊڙ منزل موسيٰ دريا جي ڪناري آباد تلنگانا رياست جو شهر حيدرآباد دکن هو، جيڪو هندو، مسلم ۽ ٻين مذهبن جو شاندار سنگم آهي. حسين ساگر حيدرآباد دکن کان بہ وڌيڪ اڳاٽي حيثيت رکندڙ آهي، جتي گوتم ٻڌ جو مجسمو مذهبي رواداريءَ جو هڪ شاندار مثال آهي. انهيءَ شهر جي سجاڻپ چار مينار پرسان هڪ مقامي غير سرڪاري تنظيم جي صدر ۽ اسانجي دوست جهانزيب مونکي هڪ خاتون ڪارڪن حوالي ڪيو تہ جيئن لاڏ بازار مان حيدرآبادي ڪنگڻ جا زيور خريد ڪري سگهان، جنھ ۾ مونکي تڪو بہ دلچسپي نہ هئي پر ايمانداريءَ جي ڳالهہ اِها آهي تہ ڪنگڻ جا اهڙا زيور ۽ جڙائو نگيني وارا ڪنگڻ ۽ جوڙيون ان کان اڳ ڪڏهن بہ ايڏي وڏي تعداد ۾ نہ ڏٺيون هئم.

اسين جلد ڪان جلد سالار جنگ ميوزيم وڃڻ لاءِ اُتاولا هئاسين. اُتي پهچي اندازو ٿيم تہ نظام حيدرآباد شاندار ذوق جو مالڪ هو. دنيا جي هر پاڱي جي چترڪارن جا چتر انهيءَ عجائب گهر ۾ رکيل هئا. اُتي سڄو ڏينهن گذاريوسين پر پوءِ بہ تفصيلي طور تي ڏسي نہ سگهيس.

ايندڙ ڏينهن گولڪنڊا قلعي وڃڻ جو بي صبريءَ سان ٿيندڙ انتظار ختم ٿيو. انهيءَ قلعي جا بنياد تہ ٻارهين صدي عيسويءَ ۾ ڪتيا سلطنت دوران وڌا ويا پر ان کي عروج قطب شاهي دور ۾ پلئہ پيو. گولڪنڊي وارو قلعو هڪ جبل تي ٺهيل آهي ۽ لڳ ڀڳ ٽن ڪلوميٽرن جي ايراضيءَ تي پکڙيل اِهو قلعو اڄ بہ پنهنجي انفراديت ۽ جدت جو پنهنجو مٽ پاڻ آهي. اسين شام ڄهين وڳي اُتي پهتاسين. قلعي ۾ روزانو هڪ لائيٽ شو ٿيندو آهي جنهن ۾ انجي سموري تاريخ پيش ڪئي ويندي آهي. گولڪنڊا شو ۾ وڃڻ لاءِ هڪ جبل جي غار يا سرنگهہ مان لنگهڻو پوندو آهي، جيڪا مڪمل اونداهي آهي. غار ۾ داخل ٿياسين تہ هزارن جي ڳاٽيتي ۾ اونڌو لٽڪيل چمڙا گوڙ ڪندي اسانجي اوسي پاسي کان اڏاميا تہ اسين سيٺي ڏڄي وياسين. اڄ بہ اُهو ڏيک منهنجي سارونٽين ۾ تازو توانو آهي.

گولڪنڊا جو شاندار لائيٽ شو هڪ ڪلاڪ تي ٻڌل هو، جنهن ۾ تاريخي واقعا انتهائي سهڻي انداز ۾ بيان ڪيا ويا هئا. رات جي رنگ برنگي روشنيءَ جو آواز جي لاهين چاڙهين سان مناسبت ۾ هلڪو يا تيز ٿيڻ انتها درجي جو ڪمال هو.

شاهجهان ۽ ممتاز محل جي حوالي سان هڪ ٻي تاريخي شهر ذهن تي تري ٿو اچي.. آگرو. آگري ۾ بہ ڏينهن انتهائي پرپور رهيا. عجيب شهر آهي آگرو.. عجيب رومان پرئي اُداسيءَ سان لبريز تاج محل جو شهر...پر جن جي گهر تي اسين ترسياسين، سي انتهائي جيءَ دار قسم جا دوست هئا. منهنجو تہ ساٿن گڏجڻ جو پهريون پيرو هو پر ٻئي زال مڙس منهنجي مڙس جا "لوممبا يونيورسٽي ماسڪو" جا ساٿي هئا. سڌير، سندس روسي پرين زال تانيا ۽ بہ ٽين ايجز ڏيئرون. سڌير پيشي جي لحاظ کان ٻارن جو ڊاڪٽر هو پر مزاح واري حس ڪنهن ڪاميڊين جهڙي هئس. سچي ڳالهہ اِها ئي هوندي تہ ٻارن جون اڌ بيماريون تہ سندس مزاح ڀري طبيعت وڳهي ئي ختم ٿي وينديون

پنهنجي پنهنجي مذهب تي قائم هئا. پڻ جو نالو محمد عمر، هڪ ڏيءُ شالني ۽ پٽي ناديا يا نديا. جميلا اسان لاءِ ڪيترائي افغاني ۽ هندستاني طعام تيار ڪيا هئا جيڪي اسان پيٽ ڀري کاڌا. سيني دوستن سان پهريون ڀيرو ملڻ جي باوجود ايئن پئي محسوس ٿيو ته جڻ ورهين کان کين سڃاڻندي هجان. صبح سوير اسان کي دهلي اسٽيشن تي ڇڏي. سو موڪلايوسين ۽ سڌير سان گڏجي گهر موٽي اچي اگهور ننڊ ۾ پئجي وياسين.

دلي پهچندي لڳو ته جڻ لاهور موٽي آيا آهيون. ساهه نيوڙيندڙ ۽ باهه وسائيندڙ گرمي ٻه لاهور جهڙي ئي هئي. تاريخي حوالي کان ٻه ٿوري گهڻي فرق سان هڪجهڙو ورثو. اجي پون ۾ اسانجو ٽاڪ هو. اجي پون جي ٻه وڏي تاريخي حيثيت آهي. رينا ديدي جيڪا ماسڪو ۾ منهنجي مڙس جي سينئر شاگردياڻي هئي، سان گڏ دل ڪولي دليءَ کي ڏٺوسين. هلندي ڦرندي اُڃ ٿي لڳي ته پاڻيءَ بدران ناريل جو رس ٿي پيتوسين ۽ ڪجهه ڪاڻڻ جو من ٿي ٿيو ته اناناس تي مسالو ٻرڪي مزو ٿي ماڻيوسين. دلي گيٽ ڏسي کن پل لاءِ پئرس جو سينٽ ڊينس گيٽ ياد اچي ويو. نوجوان جوڙا دلي گيٽ جي اوسي پاسي هٿ هٿ ۾ ڏيئي هر پاسي پسار ڪري رهيا هئا. رينا ديدي پاڻ ته پڪي برهمڻ هندو هئي پر اسان کي دليءَ جي بهترين چائينز هوٽل تي مزيدار طعام کارايائين.

دليءَ جي مشهور ڪينٽ بازار مان طرح طرح جون شيفون، ڪاٽن ۽ لان جون مناسب اگهه تي ڪيتريون ئي ساڙهيون خريد ڪيم. هتي هر قسم جا دڪان موجود آهن انتهائي مهانگن اسمن وارا به ته وچولي درجي وارا ٻه. آئون هر ممڪن ڪوشش ڪري گهٽ اگهه وارا اسم خريد ڪري رهي هئس جو رينا ديديءَ ٻين سيني کي ڪنارن جي هڪ دڪان ڏانهن اُماڻي مونکي هڪ پوش دڪان ڏانهن زبردستي وٺي وئي، جتي قيمتي ساڙهين ۽ بلائوزن جا ڍير سينگاريل هئا. ديديءَ چيو ته وڃي پهرين ٽراءِ ڪر پوءِ خريد ڪنداسين. سوچيم ته ٺيڪ آهي ونڊو شاپنگ ئي سهي سوسٽ اٺ ساڙهيون کڻي ٽراءِ روم ڏانهن ويس ۽ واري واري سان پهري ٻاهر ٿي آيس ۽ ديديءَ کي ٿي ڏيکاريم نيٺ هڪ آرڪنڊيءَ جي فيروزي ۽ آسماني رنگ جي ساڙهيءَ تي من هرڪجي پيو سوچيم ته دل تي پٿر رکي انهيءَ مهانگي ساڙهيءَ جو اگهه

چولا چاٽ، ناريل پاڻي ۽ اناس جا ٽڪرا وڪڻندڙ ريڙهيون قطار سان سامونڊي ڪناري تي نظر ٿيون اچن. گراهڪن جو ڌيان ڇڪرائڻ لاءِ ريڙهي وارن جا هوڪا اوهان سان گڏ پسار تا ڪن.

ممبئي جو گيٽ وي آف انڊيا، هاءِ ڪورٽ، ريلوي اسٽيشن، حاجي عليءَ جي درگاهه، مها لڪشمي، ڌوبي گهاٽ مطلب ته ممبئي شهر پنهنجي اندر ڪيترن ئي شهرن جو جهڳٽو آهي.

ڪجهه سال اڳ مرحوم عرفان خان جي فلم "لنچ باڪس" ته هر ڪنهن ڏٺي هوندي، اِها ڪا خيالي ڪهاڻي ناهي پر ممبئي ۾ انهيءَ سروس کي "ڏبي والا" طور سڃاتو ويندو آهي جيڪا منهنجي خيال ۾ 1980 واري ڏهاڪي ۾ شروع ٿي هئي. آفيسن ۽ ٻين ڪاروباري جاين تي گهر جو کاڌو پهچائڻ جو اِهو شاندار ۽ انوکو انتظام آهي. منجهند جو ٻارهين وڳي کان ٻين وڳي تائين اڇو يونيفارم ۽ گانڌي ٽوپي پهريل هزارن جي ڳاڻيٽي ۾ ڏبي وارا هيڏانهن کان هوڏانهن ڊوڙندي نظر تا اچن.

ايندڙ ڏينهن منجهند جو پاسڪر صاحب ۽ سندس گهر واريءَ مونکي ۽ منهنجي ڌيئرن کي سينيما ۾ فلم ڏيکارڻ جو پڪو پهه ڪيو هو. جيئن ته اگري ۾ "باغي" جهڙي بيڪار فلم ڏسڻ جو عذاب سهي چڪي هئي سو سڀ کان پهرين فلم جو نالو پڇيم ته مسز پاسڪر وراڻيو ته "هيرا ڦيري" لڳل آهي ويجهي سينيما ۾.

ترت تڪڙ ۾ تيار ٿياسين ۽ نڪري پياسين هيرا ڦيري ڏسڻ. سينيما ڪلچر انڊيا ۾ تمام گهڻو وڌيو ويجهيو آهي ۽ ڏينهون ڏينهن ترقيءَ جا نوان گس پيو قلهوري. ڪنهن پارٽي شهريءَ جي ڪيسي ۾ پل ڪجهه رپيا ئي هجن ته به هو فلم ڏسڻ نه ڇڏيندو پوءِ پل ان لاءِ ڪيس هڪ ويلو لنگهڻ ڪاٽڻو پوي. اُتي پتو لڳو ته فلم "دل والے دلهنيان لے جائيں گے" رليز ٿيڻ جي پهرين ڏينهن کانوٺي اڄان تائين لاڳيتو سينيما ۾ ڏيکاري پئي وڃي. اِها صورتحال هيءَ سٽون لکڻ تائين برقرار هئي.

خير، ڳالهه پئي ٿي فلم هيرا ڦيريءَ جي واهه، واهه، ڇا ته فلم هئي. اداڪاري، هدائتڪاري، مڪالما ۽ مزاح سڀڪجهه ڪمال جو هو. وڏي ڀڙدي انهيءَ فلم کي جڻ ته چار چند لڳائي ڇڏيا. فلم ڇهين وڳي ختم ٿي.

هاڻ وارو هو ممبئي جا ڪجهه تضاد پنهنجي اکين سان ڏسڻ جو، جن بابت پڙهو به هو ته آرٽ فلمن ۾ ڏٺو به هو.

پاسڪر صاحب جي ماروتيءَ ۾ ويهي اسين ممبئي جي هڪ عجيب دنيا پسي رهيا هئاسين.

رات جا لڳ ڀڳ اٺ ٿيا هئا. هڪ گندي نالي جي ڪناري قطار سان بسون بيٺل هيون ۽ هر بس هيٺان ڪجهه ماڻهو چادرون وڇائي ايئن سُتل هئا جڻ بس جو هيٺيون حصو سندن گهر جي ڇت هجي. بسن جي وچ ۾ جيڪا خالي جاءِ هئي تنهن کي رڌڻي طور استعمال ٿي ڪيو ويو، جتي ڪا عورت اٽو ڳوهي رهي هئي يا سبزي ڪپي رهي هئي يا ورِي ڪا چلهه تي چاڙهيل ديڳڙيءَ ۾ چمچو/ ڪفگير هلائي پاڇيءَ کي سڙڻ کان بچائي رهي هئي. جڏهن ته انهن بسن جي وچ ۾ خالي وٿيءَ ۾ اُهي ماڻهو جيڪي اڃان بسن هيٺان گهڙي سُتا نه هئا، سي ماني داني کائي رهيا هئا. انهن ڪٽنبن جا ٻار ايندڙ ويندڙ گاڏين پويان ڊوڙندي پني رهيا هئا. سندن جسمن تي ليڙن ڪانسواءِ ڪجهه به نه هو. بسن جي انهيءَ قطار کان اڳتي نيڻ نهار تائين هڪ ڳتيل آبادي هئي جتي ڪوڪن جي ماپ وارين کولين ۾ ماڻهن جو ٿاڪ هو، عجيب ۽ غريب گهٽين ۾ جڻ هڪ دنيا آباد هئي. گندگيءَ جا ڍير ۽ انهن مان اُٿندڙ بوءِ انهيءَ آباديءَ ۾ جڻ سرايت ڪيل هئي. انهيءَ وسنديءَ ۾ هر ڪجهه سالن ڪانپوءِ ڪا نه ڪا وبائي بيماري هزارين انسانن کي موت جو کاڄ ٿي بڻائي.

اِها دنيا جي وڏين ڪچي آبادين مان هڪ جهونپڙ پٽي "ڌاراوي" هئي جيڪا ممبئي جو لڳ ڀڳ وچئون وچ آهي، جتي ڏهه لک ماڻهو غربت جي ليڪ کان هيٺ گهارين ٿا ۽ غربت به اهڙي جيڪا لفظن ۾ بيان نٿي ڪري سگهجي.

انهيءَ جهونپڙ پٽيءَ کان نڪري اولهندي پاسي وڌياسين ته ڪجهه ئي ڪلو ميٽرن جي فاصلي تي جڳ مشهور علائقو "باندرا" اچي ويو جتي باليووڊ جي اداڪارن، رانديگرن ۽ چوٽيءَ جي صنعتڪارن، سياستدانن ۽ مذهبي پيشوائن جي عاليشان ۽ طلسماتي گهرن جي ڀرمار هئي. هتي شاهوڪار ٽانيڪو آهن. باندرا جو ڪاروهنوار ڏسي ويساهه ئي نٿي آيو ته ممبئي جي انهيءَ پوش علائقي سان لڳو لڳ ڌارا وي جهونپڙ پٽيءَ جهڙي

ملاقات تي ويندي هئي جيڪي مختلف مذهبن سان تعلق رکندي بہ هڪٻئي سان وهان ذريعي ڳنڍيل هئا.

اُن وقت انڊيا بهرحال هڪ سيڪولر معاشري جو اولڙو ضرور هو. ڪو مڃي يا نہ پر سيڪولر انڊيا ئي پاڪستان واسين لاءِ ڪارائتو هو، جو اسين پنهنجي رياست جي نا انصافين تي اهو چئي تہ پئي سگهياسين تہ پاڪستان کي بہ انڊيا وانگر سيڪولر ملڪ بڻايو. گهاٽي ۾ اسين ئي رهياسين جو هاڻ اهو ڪجهہ آکڻ جوڳا بہ نہ رهيا آهيون انهن ٽيويهن سالن دوران پلين هيٺان تمام گهڻو پاڻي وهي چڪو آهي. اڄ جو انڊيا بيشڪ سال بہ هزار واري انڊيا کان سئو سيڪڙو وڌيڪ اُسريل آهي پر انساني حقن جي پوئواريءَ ۾ انجو حال اسان کان ڪو گهڻو مختلف ناهي.

# انساني حقن جو ڏيهاڙو مبارڪ

هوءَ ڪراچيءَ جي هڪ وهان واري گهر جي رونق ڪان بنهه بي نياز ڪنڌ نوائي مهندي لڳائڻ ۾ رڌل هئي. سندس آڱريون ڪون مهنديءَ سان گُل ٻوٽا ۽ ڊيزائن ٺاهڻ جون ماهر ٿي لڳيون. ڏهن ڪان ٻارهن ورهين جي سانوري رنگ تي تکن مهانڊن واري انهيءَ ٻارڙيءَ جي مٿي تي ٻڌل اسڪارف سندس وارن کي ٻاهر نڪرڻ ڪان روڪي رکيو هو.

واري واري سان هر ڪو پنهنجي هٿن ۽ پيرن تي مهندي لڳرائي رهيو هو. مستقل ڪنڌ نوائي ڪم ڪندي سندس چيلهه پڪ سان سور ڪندي هوندي. مهندي لڳرائيندڙ هڪ عورت ٻئي کي سڏ ڪندي چيو. ”هليا، تون به مهندي لڳرائي“.

”نه. آئون نٿي لڳرايان ورهين ٿيا جو مهندي لڳرائڻ ڇڏي ڏني اٿم“ انهيءَ عورت ورائيو.

”اڙي لڳرائي وٺ اڄ، ڪهڙي پنڙ تي ليڪ واري ڳالهه آهي. هن ويچاريءَ جي به اُپت ٿي پوندي.“ پهرين عورت زور ڀريندي چيو.

ٻئي عورت ڇوڪريءَ تي نظر وڌي ۽ ڪجهه سوچيندي مهندي لڳرائڻ ويهي رهي. عورت جون نظرون مسلسل ٻارڙيءَ کي تاڙي رهيون هيون. هُن ويچاريو ته ان ٻارڙيءَ جو ڏوهه فقط ايترو آهي جو هوءَ غريب آهي انڪري سندس هٿ مهندي لڳرائڻ وارن جي فهرست ۾ نه پر ٻين جا هٿ سينگارڻ لاءِ آهن.

”ڪهڙي ڊيزائن ٺاهيان؟“ ٻارڙيءَ معصوميت وچان ٻئي عورت ڪان

هُن گاڏيءَ ۾ رکيل چاڪليٽ ٻار کي ڏنو تہ جهٽ هٿي وٺي ڇڏيائين ۽ ٿهڪ ڏيڻ لڳو، اوڏي مهل ڪائنس ڪجھ وڏو ٻار سندس پويان اچي بيٺو.

"ڪٿان جو آهين؟" گاڏيءَ واري وڏي ٻار کان پڇيو.

"اسين فاٽا جو آهيان ۽ هيءُ افغان آهي." وڏي ڇوڪري ننڍي ڏانهن اشارو ڪيو جيڪو هاڻ چاڪليٽ کائڻ ۾ رڌل هو.

"گهڻا پئسا ملي ويندا اٿئي؟" گاڏيءَ واري پڇيو.

"ٽي چار هزار." وڏي ڇوڪر ٻڌايو.

"پوءِ گرم ڪپڙا ۽ جوتا ڇو نٿو وٺين؟" گاڏيءَ واري اچرج وچان پڇيو.

"سمورا پئسا اڪرم ڪنيو وڃي، فقط ٻہ چار سئو ٽي ملندا آهن اسانکي." ڇوڪري ورائيو.

"اڪرم ڪير؟" گاڏيءَ واري پڇيو.

"اُهائي جيڪا اسان سڀني کي هتي آڻيندي آهي ۽ وٺي ويندي آهي، ٺيڪيدار آهي اسانجي." ڇوڪري ٻڌايو.

سگنل هيڊو ٿيو تہ گاڏيءَ وارا سئو سئو جا پنج نوٽ ٻارن کي ڏيندي چيو، "هيءُ لڪائي رکو ٺيڪيدار کان."

ڇوڪري زوردار ٽهڪ ڏنو ۽ چيائين، "اڪرم اسانجي چمڙيءَ ۾ لڪايل ڏوڪڙ بہ هٿ ڪري وٺندي آهي."

سائي رنگ جي اشاري گاڏيءَ کي ٻيهر پنهنجي زندگيءَ ڏانهن موٽڻ جي اجازت ڏني تہ گاڏي ٻيهر هوا جيان ڊُڪڻ لڳي.

......................

گڏيل قومن واري اداري تحت هلندڙ انهيءَ اسڪول ۾ غزه تي اسرائيلي بمباريءَ ۾ بچي ويل اُجڙيل ڪٽنب پناهہ ورتل آهن. غزه ۾ ڪاڏي پيتي جا اسر ختم پيا ٿين. ٻئي پاسي اسپتالن ۾ زخمين لاءِ دوا درمل ۽ ٻيو طبي سامان ڏري گهٽ ختم ٿي چڪو آهي. لڳي ٿو تہ جيڪي ماڻھو بمباريءَ وگهي نہ مئا آهن سي اسپتالن ۾ جان بچائيندڙ دوائن ۽ کاڌ خوراڪ وارن اسمن جي کوٽ سبب سگهوئي موت جا راهي بڻبا. اسڪول جي اڱڻ ۾ ايندڙ وقت کان بيخبر ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون راند ڪيڏي رهيا آهن. هو ٽي هم عمر ٻار

اهتمام سان ملهايو ويو. دنيا جي سمورن مهذب ۽ انساني حقن جي علمبردار ملڪن جي سربراهن انهي، موقعي تي انساني حقن ۽ انهن جي پوئواريءَ تي زوردار تقريرون ڪيون ۽ انهن تقريرن تي زوردار تاڙيون پڻ وڄايون ويون.

اوهان سيني کي ٻه انساني حقن جو ڏيهاڙو مبارڪ هجي!!

پيڙا سهڻ پيڪن جو رُخ ٿيون ڪن.

پُلين تان ٽپ ڏئي آپگهات ڪندڙ ڪي ٻيا ته پر اُهي ئي ماڻهو آهن جن جو ورهين تائين انهن پُلين سان ڳانڍاپو رهيو هوندو آهي.

## غذر

دريا تي ٺهيل انهيءَ پل تان موٽر سائيڪل ڊوڙائيندي ڪم تي وڃڻ سندس روزمرهه جو معمول هو جتي هو پهريون ڀيرو انهيءَ پنڌ ويندڙ تازو ئي پرڻيل ڇوڪريءَ کي نظر آيو هو. ڪنهن کي پتو هو ته پُل تي ئي ايندي ويندي ڪيس ڪو اهڙو همسفر ملي ويندو جنهن سان ڪن پل لاءِ هوءِ پنهنجي اڪيلائپ وندي سگهندي. جڏهن ته ٻئي پاسي ڪيس به انهيءَ پرڻيل ڇوڪريءَ سان ڄاڻ اڻڄاڻ ۾ پنهنجائپ پيدا ٿي وئي هئي ۽ هر ٻئي ڏينهن انهيءَ پل تي سندن ٽاڪرو ٿيڻ ڪو اتفاق نه رهيو هو. تازو پرڻيل ڇوڪريءَ جو مڙس وهان کان چار ڏينهن پوءِ ئي ڪيس ساهرن حوالي ڪري ڪمائڻ واسطي شهر هليو ويو هو. ڇوڪري هر ٻن ٽِن ڏينهن کانپوءِ يڪسانيت کان تنگ اچي پنهنجي پيڪن جو رُخ ڪندي هئي جيڪو پُل جي هُن پار هڪ ڳوٺ ۾ هو.

ڇوڪرو هاڻ آفيس وڃڻ لاءِ وقت کان ڪجهه اڳ نڪرندو هو. انهن هلڪي ڦلڪي ملاقاتن ٻنهي کي نئون جيون ڏنو هو پر ٻئي انهيءَ حقيقت کان بيخبر هئا ته بهار جهڙي اِها زندگي مختصر هوندي. ڪيترن ئي ڏينهن تائين ڇوڪري تازو ئي پرڻيل ڇوڪريءَ کي رستي ويندي نه ڏٺو ته بيچين ٿي ويو پر ڪجهه ڏينهن اندر اِها بيچيني ڏک ۾ بدلجي وئي، جڏهن پتو پيس ته ڇوڪريءَ دريا ۾ ٽپو ڏئي آپگهات ڪري ڇڏيو آهي.

ڪجهه ڏينهن کانپوءِ لاش ملڻ ۽ پوسٽ مارٽم رپورٽ سامهون اچڻ تي پتو پيو ته ڇوڪريءَ جي جسم تي انتهائي تشدد جا نشان هئا ۽ سندس مرتيو آپگهات نه پر ڪيس دريا ۾ ڌڪو ڏئي ڪيل قتل هو.

انهيءَ حادثي نوجوان جي زندگيءَ کي انتهائي متاثر ڪيو. تانجو ڪجهه عرصي کانپوءِ انهيءَ ڇوڪري جي آپگهات واري خبر اخباري سُرخين ۾ ظاهر ٿي پر ڄاڻندڙ ڄاڻن ٿا ته سچ ڇا آهي ۽ اُهو ڪجهه ڇا ٿيو جو جنهن پل تي هو ٻئي ملندا هئا، اُتان ئي ٽپ ڏئي ٻنهي پنهنجي حياتيءَ جو انت آندو.

## گلگت

هوءَ بہ روز صبح ساڳ انهيءَ پُل تان لنگهي پنهنجي ساٿياڻين سوڌو پنهنجي ڪاليج ويندي هئي پر واپسيءَ تي سندس همسفر ڪو بيو هوندو هو. اُها چلولي شاگرداڻي جنهن تي ڪاليج جو هر ڇوڪرو مست ۽ فدا هو سا هڪ شيعا ڇوڪري سان پريت ۾ ڳنڍجي وئي هئي.

جيتوڻيڪ ٻنهي جو تعلق هڪٻئي کان ڌار فرقن سان هو پر سندن دل ۽ دماغ هڪجهڙي انداز ۾ ڌڙڪندا ۽ هڪٻئي کي سمجهندا هئا. ڪين اندازو نہ هو تہ جنهن پُل تي هو ٻئي منٽن جو سفر هڪٻئي جي صحبت ۾ مست انداز ۾ ڪلاڪن ۾ تا طئي ڪن، سا سندن موت جو سبب بڻبي.

ڪنهن اسماعيلي ڇوڪريءَ جي شادي ڪنهن شيعا ڇوڪري سان؟ ناممڪن... پر اِهو ڪٿان جو فهم هو تہ ڪا پڙهيل ڳڙهيل ڇوڪري فقط انڪري ڪنهن اڻپڙهيل سان زندگي گهاري جو هو بہ سندس ئي فرقي وارو هجي؟ هُن ويچاريءَ تہ اِهو ئي سمجهيو تہ تعليم پرائڻ ڪانپوءِ ايترو حق تہ ڪيس حاصل ٿي ويو هو جو هوءَ پنهنجي زندگيءَ جي ساٿيءَ جي چونڊ پنهنجي مرضيءَ سان ڪري. هاءِ ڙي خام خيالي!

"هڪ ڇوڪر گلگت دريا جي پُل تان ٽپو ڏيئي آپگهات ڪري ڇڏيو." انهيءَ شاگرداڻيءَ جون نظرون مقامي اخبار ۾ ڇپيل انهيءَ خبر ۾ کُتل هيون. ڪيس پتو هو تہ اِهو آپگهات نہ پر قتل آهي ڇاڪاڻ جو مامرو عزت جو هو جيڪو انتهائي چالاڪيءَ سان اُڪلايو ويو هو. دماغ ۾ واچوڙو هئڻ جي باوجود هوءَ اطمينان سان تيار ٿي پنهنجي ساٿياڻين سان گڏ ڪاليج وڃڻ لاءِ رواني ٿي.

پر پُل جي وچ تي پهچي هوءَ پنهنجي ساٿياڻين کي حواس وڃايل ڇڏي ڪن پل ۾ دريا جي لهرن ۾ گُم ٿي وئي. ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ سندس لاش بہ هٿ ڪيو ويو ۽ ايئن بہ پيار ڪندڙن جو داستان جتان شروع ٿيو هو اُتيئي ختم ٿي ويو.

## هنزا

اڃان تہ سندس ڇهري تي مُڇن جي ساوڪ بہ نہ آئي هئي. رات جو دير تائين امتحانن جي تياري ڪرڻ سبب اڄڪلهہ روز دير سان اک لڳي ڪليس سو

ذريعا ٿي پئي سگهيا سي هُن آزمايا هئا پر ڪو ڪُڙتيل نہ نڪتو. ڪيس سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ ان لاءِ ڪنهن تي ڏوهہ ڏري؟ پنهنجو پاڻ تي؟ مائٽن تي؟ يا وري رياست تي؟ يا رياست جي انهيءَ مدي خارج سرشتي تي جنهن نوجوانن لاءِ ڪي نيون راهون ڪينءِ تہ پري جي ڳالهہ آهي، اڳي جيڪي ڪجهہ ميسر هو اُهو ٿي ناس ڪري ڇڏيو هو.

گهر ۾ داخل ٿيندي ڪيس لڄ ٿيندي هئي. مائٽن جون آس ڀريل نظرون سندس وجود کي ڏينهون ڏينهن ڪوڪلو ڪري رهيون هيون ۽ سندس ذهني تاءُ وڌائي رهيون هيون.

پئي پاسي ڳاتي ٽوڙ مهانگائي چيلهہ ڀڳي ڪري ڇڏي هئي. ننڍن ڀائرن ڀينرن جي اسڪول في ڏيڻ وس ۾ نہ رهيو تہ ڪين اسڪول مان ڪڍرائي گهر ويهاريو ويو.

ڪيس پنهنجو وجود ڪنهن بار جيان محسوس ٿيڻ لڳو. هاڻ سندس ماءُ بہ هر مهل سندس بيروزگاريءَ جا مهڻا ڏيڻ لڳي هئي، جنهن جو پنهي ڪي ڏک ٿيندو هو. ڏينهون ڏينهن سندس ذهني تاءُ ۾ واڌ ايندي رهي.

پُل تان تہ هو روز لنگهندو هو پر اڄ حتمي فيصلو ڪري ورتو هئائين تہ اهو انهيءَ پُل تان سندس آخري سفر هوندو.

# تنهنجون ڳالهيون تنهنجا فسانا

اڄ صبح کان طوفاني برسات سبب پئرس جا سمورا روڊ رستا جل ٿل ٿي ويا آهن. ايفل ٽاور جي ڪيفي جي هڪ پرسُڪون ڪُنڊ ۾ اوڻهويهين صديءَ جو نمائندي اديب گاءِ دي موپاسان ڪٿئي رنگ جي ويسٽ ڪوٽ ۽ پتلون پهري سگار جا سوٽا هڻي رهيو آهي، ان ميز جي ٻئي پاسي ويهين صديءَ جو ناميارو افسانه نگار سعادت حسن منٽو اڇي ڪڙتي پاجامي ۾ هٿ ۾ ڪنيل وهسڪيءَ جي گلاس مان سرڪ ڀري رهيو آهي. ميز تي ڪيترائي ڪتاب پکڙيل آهن ۽ ٻئي ڳالهه ٻولهه ۾ غرق آهن...

منٽو: ميسيور! چا هيءَ اوهانجي پسنديده ڪيفي آهي؟ (منٽو پنهنجي چوڏاري هڪ اچاٽري نظر وجهندي پڇيو.)

موپاسان: (چهري تي گهنج آڻيندي) نہ، قطعي نہ. ها گهڻ ۾ گهڻ هيءَ اُها واحد جاءِ آهي جتان مونکي اڏاوت جي انهيءَ بدذوق نموني کي ڏسڻو نٿو پوي، جنهن کي دنيا ايفل ٽاور طور سُڃاڻي ٿي.

پنهنجو ٽهڪ روڪيندي منٽو سوال ڪيو: سائين! ان تي روشني وجهو تہ اوهان ادب ۾ ڪنهن ٻئي انداز اختيار ڪرڻ بدران حقيقت نگاريءَ کي ئي ڇو چونڊيو؟

موپاسان: همم! مونکي ليکڪ ٿيڻ تي گستاو فلابيغ هرکايو جيڪو پاڻ هڪ حقيقت نگار ۽ فطرت پرست هو، نہ تہ شايد آئون ڪلرڪ ئي هجان ها. تلخ حقيقتن کي ابهام جي پڙدي پويان لڪائڻ کان بهتر آهي تہ صاف ۽ واضح لفظن ۾ ڳالهہ ڪجي. پيو سبب اهو آهي تہ مونکي زندگيءَ جون سچائيون ڦيرائي گهيرائي علامتي انداز ۾ بيان ڪرڻ ڪڏهن بہ پسند نہ

آيو، سو جيڪي ڪجهه محسوس ڪيم سو ڪنهن قلعي هٿڻ ڪانسواءِ لکي ڇڏيم. منٽو! تو به ته پنهنجي افسانن ۾ مون وانگر ئي معاشري ۽ نام نهاد انسانيت تي سڌاسنوان ڪات ڪهاڙا ڪنيا آهن.

منٽو: (پنهنجي عينڪ ٺيڪ ڪندي) جي سائين! مون اوهانجا ڪيترائي افسانا اڙدو ۾ ترجمو ڪيا آهن، اوهانجي لکڻ جي انداز مونکي سماج تي ويڙهيل ليڙون ٿيل بدبودار لباس لاهڻ جو حوصلو ڏنو پر ڇا اهو درست ناهي ته اوهانجي گهڻي ڀاڱي لکڻين ۾ انساني پيڙا ۽ بيوسيءَ کي فطرت جي ستم واري پلڙي ۾ وجهي طبقاتي تضادن ۽ سماجي ناانصافين کي آڏو آڻڻ کان پاسو ڪيو ويو آهي؟

موپاسان: (هلڪو ٽهڪ ڏيندي) ها ڇٺي سگهين ٿو ته منهنجي قلم ۾ اسلوب ۽ قدرتي آهي پر اِها مڪمل سچائي به ناهي. ڇا تو "خوشي"، "زنگ"، "معذرت"، "هڪ پوڙهو"، "ڪانٽر"، "شيطان"، "قبر"، "بهار ۾"، "هڪ چرئي جي ڊائري"، "اياڻي ماني" ۽ "رسيءَ جو ٽڪر" وغيره پڙهيون آهن؟. منهنجي لکڻ جي انهيءَ انداز جا ڪجهه ٻيا به سبب آهن جهڙوڪ منهنجو ٻالڪپڻ ۽ جواني پنهنجي آزاد منش ۽ ادب جي شوقين ماءُ جي اثر هيٺ انتهائي خوشگوار ۽ سڪيا ستابا گذريا آهن. اسانجون سياسي، سماجي ۽ معاشي حالتون اسانجي ڪهاڻين تي اثرانداز ٿينديون آهن. منهنجي اڪثر افسانن جي عورت به تنهنجي افسانن کان مختلف آهي ڇاڪاڻ جو هوءَ آزاد آهي ۽ پنهنجي مرضيءَ سان ڪنهن مرد سان جسماني تعلق رکڻ ۽ ختم ڪرڻ ۾ آزاد ٿي نظر اچي . سگنل، ڇا اهو ڪو سپنو هو ۽ جيولز جهڙيون ڪهاڻيون انجو مثال آهن.

اصل ۾ طبقاتي فرق آئون اُن ريت پنهنجي ڪهاڻين ۾ شامل نه ڪري سگهيس جهڙي ريت تو سولائي سان ڪيو آهي. شايد تو منهنجي پيٽ ۾ زندگيءَ جي ڪوڙاڻ کي پنهنجي سر ڀوڳيو آهي انڪري ئي تون انسان جي بيوسيءَ تي ماتم ڪرڻ بدران معاشري جي لاڳو قانونن تي بيرحم چٽر ۽ تنقيد جا تير وسائيندي ٿو نظر اچين. خير... تنهنجي ڪهاڻين جو مرڪز نندي ڪندِ جو ورهاڱو، جنس ۽ عورت ئي ڇو رهيو؟

منٽو: (سيگهه ۾ ٻچيل وهسڪي ٽڙيءَ ۾ اوتيندي) مون سوچي نه

پر منهنجي من ويجهو "اديلي" آهي. توهانجي ٻوليءَ ۾ انڪي شايد "طلب ۽ رسد" نالي ترجمو ڪيو ويو آهي. انهيءَ لکڻيءَ تي ڏکهي عرصي تائين پابندي مڙهيل رهي ته اها لکڻي جنسي اشتعال جو سبب آهي. پيٽ جي بک ۾ شهوت اهو ئي محسوس ڪري سگهي ٿو جنهن کي ڪڏهن لنگهڻ ڪاٽڻو نه پيو هجي. تنهن سان پريل اُرهن جي پيڙا اها عورت ئي سمجهي سگهي ٿي جنهن وٽ ٻچ ڏارائڻ لاءِ پار نه هجي. اُتي شهوت نه پر مامتا جو اُڌمو ٿو پيدا ٿئي.

اصل ۾ لکڻي اهڙي هجي جنهن تي سوال اُٿاريا وڃن. ڪنهن حقيقت نگار جي بس اها ئي ڪوشش هوندي آهي ته پڙهندڙ ۾ سوچڻ جي هُرکُر شروع ٿئي. مونکي اهو چوڻ ۾ ڪا هٻڪ نٿي ٿئي ته تون هڪ پيدائشي ڪهاڻيڪار آهين، جنهن نه ڪنهن جي پيروي ڪئي ۽ نه ئي ڪنهن ناميارى ليکڪ تنهنجي رهنمائي ڪئي. منٽو! آئون توکي فني ۽ فڪري حوالي سان هڪ جاندار ۽ طرز جو صاحب افسانوي نگار سمجهان ٿو.

منٽو: ميسيور! اهو ته اوهانجو وڏماڻپو آهي. آئون سمجهان ٿو ته سماجي ناانصافين جو ماتم منهنجي افسانن جي سروان وصف آهي جڏهن ته اوهان ڪهاڻين ۾ زندگيءَ جي ڪوجهائپ ۽ سونهن ٻنهي کي واضح ڪرڻ جي فن ڪان پلي پٽ واقف هئا.

بهرحال، اسين ٻئي ٻن مختلف دورن، علائقن ۽ سيڪتائن جا رهواسي هئاسين. اسانجي دورن، انجي مسئلن ۽ ٻوليءَ ۾ ڪا هڪجهڙائپ ناهي ته پوءِ اسين اڄ هتي ڇو گڏ ويٺا آهيون؟ (منٽو ڪيفي جي پٽين تي لڳل وڏن شاهي آئينن تي برسات جي ڦڙن تي نظرون کپائيندي پڇيو)

برسات اڃان وسي رهي آهي پر زندگيءَ جو وهنوار هلي پيو. موپاسان گهري نظر سان منٽو کي ڇتائي ڏٺو ۽ پنهنجي ٽاءِ ٺيڪ ڪندي چوڻ لڳو.

موپاسان: اسان ٻنهي کي ٻائيتاليهن ورهين جي مختصر زندگي پلئه پئي پر اسانجي لکيل مختصر ڪهاڻين اسانکي امر ڪري ڇڏيو. جيڪڏهن ورهاڱي ۽ لڏپلاڻ جو خوني دور تنهنجي نظرن آڏو گذريو ته مون به جرمني ۽ فرانس وچ ۾ لڙائي دوران انسانن کي انجو ٻارڻ ٻڻجندي ڏٺو. اسين ٻئي حقيقت پسند هئاسين انڪري ادب ۾ حقيقت نگاري اختيار ڪئي سين. اسانجون ڪهاڻيون انهيءَ طبقي جي اُڌمن ۽ پيڙائن کي واضح ٿيون ڪن جن

# اچو تہ تصور ڪريون

## پهريون تصور

ڪڏهن اسان تصور ڪيو آهي تہ اسين پنهنجي گهر ڀاتين سان گڏ ٽي وي ڏسي رهيا هجون يا ماني داني کائي رهيا هجون يا ڪا هلڪي ڦلڪي ڳالهہ ٻولهہ ڪري رهيا هجون ۽ اوچتو ڪيترائي هٿياربند بندوقون تاڻي اسانجي گهر جي چار ديواريءَ ۾ اجازت کانسواءِ گهڙي اچن ۽ گهر جي مرد کي جيڪو اسانجو پٽ، پاءُ، مڙس يا پيءُ هجي، کي بندوقن جي ڪنداڪن سان ڪٽيندي، ٻوٽن سان چيڀاٽيندي، وارن مان گهليندي اسان سيني جي نظرن آڏو، ڪجهہ ٻڌائڻ کانسواءِ گاڏيءَ ۾ وجهي هليا وڃن ۽ اسين بيوسيءَ وچان روڄ راڙي کانسواءِ ڪجهہ بہ نہ ڪري سگهون. ٿورڙو سوچيو تہ اهو ڪيڏو نہ روح ڪنبائيندڙ ڏيک هوندو؟ بلوچستان جي لڳ ڀڳ سمورن علائقن جي ماڻهن جون زندگيون اهڙن انيڪ واقعن سان ڀريون پيون آهن. جن بلوچستان ڏٺو آهي سي ڄاڻن ٿا تہ اُتان جا گهڻي ڀاڱي علائقا انتهائي پوئتي پيل آهن. آواران، خاران، واشڪ، چاغي، خضدار، ڪوهلو، بارکان ۽ شيراني فقط ڪجهہ مثال آهن جتي زندگيءَ جون بنيادي ضرورتون تہ ڇڏيو، گهر بہ ڪچي مٽيءَ جا اڏيل آهن، جيڪي ڪڏهن ٻوڏ تہ ڪڏهن ڌرتي ڌٻڻ ڪري ايئن ميسارجي ويندا آهن ڄڻ تہ اُتي ڪڏهن ڪجهہ هو ئي ڪونہ.

مئي 1998 ۾ چاغي ضلعي ۾ ائٽم بم جو تجربو ڪيو ويو، ٻن ڏهاڪن کان وڏيڪ جو عرصو گذرڻ کانپوءِ بہ اڃان تائين اُتي ڇسندڙ ٻارن ۾ چمڙيءَ جون مختلف بيمارين ۽ جسماني نقص ملن ٿا. چاغيءَ جي سرزمين

تي ٿيل ائٽمي ڌماڪي جي تجربي سبب انهيءَ علائقي جي رهواسين ۽ جانورن تي تابڪاريءَ جا اثر اڃان تائين موجود آهن جڏهن ته ائٽمي تجربي ڪانپوءِ چاغيءَ ۾ سوڪهڙي سان گڏوگڏ پاڻي به اٿليو ٿي ويو آهي.

حالتن جي مار ڪاڌل بلوچستان جي رهواسين جي زندگي گذريل ستر ورهين کان غربت ۽ بيوسيءَ جو شڪار ته آهي ئي، پر هاڻ ته بلوچ مردن کي زوري کڻڻ، اغوا ڪري گم ڪرڻ ۽ چٿريل لاشن جو ملڻ به روزمره جو معمول بڻجي ويو آهي. جڏهن چوطرف ناانصافي هجي ته پوءِ آزادي ۽ بغاوت جا نعرا لڳڻ ۾ ويرم ئي نه لڳندي آهي. جيڪڏهن ڪو فرد رياست جو ڏوهاري آهي ته ڪيس ملڪي آئين ۽ قانون تحت قانوني ۽ عدالتي ڪارروائي ذريعي سزا ڏني وڃي نه ڪي زوري کڻڻ جو سلسلو جاري رکيو وڃي.

## ٻيو تصور

تصور ڪريو ته ڊسمبر ۽ جنوريءَ جي هڏيون ڇيرينڌڙ ٿڌ ۾ لکين ماڻهو کليل آسمان هيٺ بمباريءَ سبب تباهه ٿيل پنهنجي گهرن جي ملبي تي بيوس ۽ بي مدد ويٺا آهن. نه کائڻ لاءِ خوراڪ، نه پيئڻ لاءِ پاڻي. گئس ۽ بجلي ته هونئن ئي اٿليو هئي. اسپتالن، ٻارن جي اسڪولن ۽ گڏيل قومن جي ادارن کي به بمباري ڪري ناس ڪيو ويو هجي ته جيئن اُتي ڪو پناهه وٺندڙ رهي نه سگهي. هڪ سئو ڏينهن ۾ ٽيهه هزار ماڻهو اجل جو شڪار ٿين، جن ۾ سورهن هزار ته رڳو معصوم ٻار هجن. ٿورڙو حساب ته لڳايو ته هڪ ڏينهن ۾ 250 انسان موت جي ننڊ سمهاريا وڃن ۽ پوءِ به انکي نسل ڪُشي نه سڏجي. هيءَ اُها سرزمين آهي جيڪا آهستي آهستي فلسطينين تي سوڙهي ڪئي وئي. غزه واري پٽيءَ جي لڳ ڀڳ اسي سيڪڙو ايراضي ٻن کان ٽن مهينن اندر کنڊر بڻائي وئي آهي. ڪو رستو، بازار، اسپتال يا اسڪول باقي نه بچيو آهي. ڪجهه عرصي اندر باقي بچيل ويهه سيڪڙو آبادي کي به ڌرتيءَ جي گولي تان ميسارڻ جو عزم اُن قوم جو وزيراعظم پيو ڪري جنهن جي ٻين مهاڀاري لڙائي دوران هٽلر نسل ڪشي ڪئي هئي ۽ قوم اڄ به اُن تي گريازاري وساري ناهي.

فلسطين ۾ ايتري ساري تباهي ۽ برباديءَ ڪانپوءِ اسرائيلي

حڪومت جي رتوڇاڻ واري اُج اُجهائي ناهي. مٿان وري حماس جا حملا، ڇڻ تہ هڪ ڦلجهڙي ڇڏي نٽين سر اسرائيل کي ڀيهر هٿين خالي فلسطينين کي نيست ۽ نابود ڪرڻ جي راهہ ڏيکارڻ آهي. اڄرج جوڳو مامرو آهي تہ ايڪويهين صديءَ ۾ جڏهن عالمي جنگي ۽ انساني حقن جا قانون موجود آهن، ان هوندي بہ دنيا جون سڌريل ۽ اُسريل حڪومتون خاموش تماشائي بڻيل آهن.

"توکي فراڪ آئون پنهنجي هٿن سان سُبي پهرائيندي هئس. ٻانهين کانسواءِ پولڪا ڊاٽ وارا فراڪ. اکين ۾ اونهو ڪجل، ٻه چوٽيون ۽ پيشانيءَ تي فرينچ ڪٽ وارن جي لهر. ڪو توکي ٻچڪاريندو هو، ته ڪو ڳل ٺڪڪيندو هو ته ڪو وري تنهنجي وارن ۾ هٿ ڦيريندو هو. توکي پاڻ سان گڏ بازار وٺي وڃڻ ٿي ڏکيو ڪم هو." امان اُڪير سان ٻڌائيندي هئي.

"امان! اوهان برقعو نه اوڍينديون هيون؟ سموريون ماسيون ته اوڍينديون آهن."

"وهان ڪان اڳ آئون به برقعو اوڍيندي هئس پر شاديءَ جي پهرين ڏينهن ئي نفيس پڇيو ته شاهدا! اجان به برقعو اوڍڻ چاهين ٿي يا نه؟ ته هڪدم وراڻيم ته، "نه!" تنهنجي پيءُ اوڏي مهل ئي ڪليءَ تي ٽنگيل برقعو لاٿو ۽ سدائين لاءِ صندوق ۾ بند ڪري ڇڏيائين. "شاهدا اڄ کان برقعو نه اوڍيندي." گهر ڀاتين کي فيصلو ٻڌائڻ ڪان پوءِ منهنجي پيءُ ڪڏهن به پوئتي مُڙي نه ڏٺو جيتوڻيڪ ڪيترن ئي مٽن مائٽن ان ڳالهه تي مُنهن ڦونداريو. امان رازداريءَ واري انداز ۾ ڄاڻ ڏني.

امان ۽ بابا جي جوڙي سڄي پاڙي ۾ نديم ۽ شبنم جي جوڙيءَ طور مشهور هئي. ٻئي انتهائي سهڻا ۽ ڍنگ سان ڪپڙو لٽو پهرڻ جو ڍنگ رکندڙ هئا. گهر جو سودو سلف آڻڻ لاءِ به ٻئي گڏجي هوندا ففٽيءَ تي ويندا هئا.

منهنجي ڏاڏاڻن ورهاڱي ڪان هڪ سال پوءِ جئپور مان لڏپلاڻ ڪئي هئي ۽ سڌو ڪراچي اچي خيما کوڙيائون. ملير انهن ڏينهن ۾ ڪراچيءَ جي پسگردائي وارو علائقو ليکبو هو ۽ هٽ ڏور ڏور تائين باغ پکڙيل هئا.ملير جي زيتونن، انبن، پپيتن ۽ ٽماٽن جو ڪو ثاني نه هو. آبهوا به باغن جي ڪري تازي ۽ شفاف هئي جيڪا وقت سان گڏ بي روڪ آبادي ۽ ڪنڪريٽ جي اٽڪٽ سمونڊ ۾ ڪٿي گُم ٿي وئي.

ڏاڏا ڏاڏي پنهنجي ستن ورهين واري پٽ سان گڏ آيا هئا جيڪو منهنجو وڏو چاچو آهي، ڏاڏيءَ کي ٻيو ٻار ڪُک ۾ هو جيڪو منهنجو پيءُ هو. ڏاڏا جا نقش نگار دراوڙي جڏهن ته ڏاڏي آريائي نسل جي لڳندي هئي، آئون بابا کانپوءِ ڏاڏيءَ جي انتهائي ويجهو هئس. ڏاڏي انتهائي سلجهيل ۽ روشن خيال عورت هئي. جنهن وقت عورتون ڏهه ٻارهن ٻار ڄڻي يا ته فخر وچان

”چوي ٿو تہ مونکي صنوبر وٽي ٿي. هاڻ ڪيس سبق سيکارڻو ئي پوندو.“ فهيم ڪاوڙ وچان چيو. بس، پوءِ تہ منهنجي سنوڻن جي غيرت جاڳي پئي. ايمانداريءَ جي ڳالهہ آهي تہ ڪاوڙ تہ مونکي بہ تمام گهڻي آئي هئي، بئي ڏينهن ڇا ٿيو تنهن جو پتو نہ هئم تانجو بابا اسان سينني کي پنهنجي ڪمري ۾ گهرايو.

”ڇا تو فهيم ۽ عاصم کي عرفان کي مارڪٽ ڪرڻ جو چيو هو؟“ بابا ڪاوڙ وچان پڇيو.

”نہ، بابا!“ مارڪٽ جو ٻڌي آئون تہ ڊچي وٺي هئس.

”پوءِ، هنن هن ويچاري کي مارڪٽ ڇو ڪئي ۽ هن جي عينڪ بہ ٽوڙي ڇڏيائيون.“ بابا پڇاڻو ڪيو.

”بابا! قسم ٿي ڪاوان، مونکي ڪجهہ بہ پتو ناهي.“ آئون روئڻهارڪي ٿي ويس.

بابا جو ڏنو تہ مونکي سڄي معاملي جو پتو ناهي تہ مونکي ويهڻ جو اشارو ڪندي چوڻ لڳو، ”ڏس پٽ! ڪو بہ ڪنهن کي پسند يا ناپسند ڪرڻ جو پورو حق ٿو رکي ۽ ڪنهن کي بہ انهيءَ حق کان محروم نٿو ڪري سگهجي. ها، زور زبردستي ڪرڻ جو ڪنهن کي بہ حق حاصل ناهي. جيڪڏهن ڪو شخص توکي پسند ٿو ڪري پر هو توکي پسند ناهي تہ تہ ڇا انکي سزا ڏبي؟ انتهائي غلط ڪيو آهي توهان سينني، عرفان سان. آئيندي اهڙي ڪا حرڪت نہ ٿيڻ گهرجي، درگذر ڪرڻ سکو. عرفان جي عينڪ ناهڻ لاءِ ڏئي آيو آهيان، سياڻي تائين ملي ويندي، باقي ڳالهہ آئون ڇوڪرن سان پاڻ ٿو ڪريان، تون يلي وڃ.“

ڊوڙي ڪمري مان نڪري آيس پر اِها ڳالهہ ڪڏهن بہ نہ وساريم. بابا مئٽرڪ پاس هو پر انگريزي فرفر ڳالهائيندو هو. بابا وهان کان اڳ هڪ اخبار ”آزاد“ ۾ ڪم ڪندو هو، جنهن جي هيڊ آفيس ڍاڪا ۾ هئي. بابا شروعات کانوٺي جديديت جو قائل رهيو آهي. کيس احساس هو تہ انگريزي سکڻ کانسواءِ اڳتي وڌڻ ممڪن ناهي، سو انگريزي اخبارون پڙهڻ ۽ ريڊيو تي بي بي سيءَ جون خبرون ٻڌڻ سندس معمول بڻيل هو. ٽائيپ رائٽنگ بہ گڏوگڏ سکي ورتائين. بنگلاديش ٺهڻ کانپوءِ اخبار جي نوڪري ختم ٿي ويس تہ

هيڏانهن هوڏانهن هتوڙايون هڻڻ شروع ڪيائين جو وهان اچي پهتو هو. جيئن تہ ڪيس چڱي موچاري انگريزي آئي تي سو سگهو ئي ڪيس "جنرل اليڪٽرڪ" نالي هڪ عالمي اداري ۾ نوڪري ملي وئي، جيڪو جهازن جون انجڻيون ٺاهيندو هو.

شڪل صورت ۾ بابا هونئن ئي سهڻو هو، مٿان وري امريڪين جو ساٿ، سو بابا جا انداز ئي بدلجي ويا. سگهو ئي بابا آفيس جي ماحول ۾ رنگجي ويو. عيد براد تي بابا کي آفيس جي گاڏي ڊرائيور سوڊو ملندي هئي تہ اسانجي سڄ ۾ عيد ئي ويندي هئي. بابا ننڍپڻ ۾ مونکي ڪهاڻيون ۽ گانا ٻڌائيندو هو ۽ فلمون ڏيکارڻ لاءِ وٺي ويندو هو. سهڻين تصويرن وارا سولي انگريزيءَ ۾ ڪهاڻين جا ڪتاب، انگريزي گانن جون ڪيسٽون ۽ روسي ڪهاڻين جا ترجما آڻي ڏيندو هو. "هيءَ ڏس، تنهنجي لاءِ ڇا آندو اٿم؟" ڪيترائي ڪتاب هٿ ۾ کڻي گهر ۾ داخل ٿيندي ئي بابا مونکي سڏيندو هو. مئڪسم گورڪيءَ جي ڪتابن، جن ۾ "ماءُ" ۽ "منهنجي يونيورسٽي" بہ شامل هئا، ڪانسواءِ بابا گهر تي ٻارن جي روسي ڪهاڻين جي ڪتابن جا ڍير لڳائي ڇڏيا هئا. امان ۽ بابا ٻنهي کي سنگيت جو چاهہ هو. ڏاڏا اڪثر بابا کي انگريزي گانو جهونگاريندي ٻڌي چوندو هو تہ منهنجي گهر انگريزن جو اولاد پئدا ٿي ويو آهي.

ايوري شالا لالا ايوي ود هووو!
آءِ جسٽ ڪال تو سي آءِ لو يو!
هيلو... از اٽ مي، يو آر لڪنگ فار!
شيري شيري ليڊي!
ڊانسنگ ڪوئين!

ڪيترن ئي اهڙن مشهور گانن سان بابا ننڍپڻ ۾ ئي متعارف ڪرائي ڇڏيو هو. ٻئي پاسي امان جي ريڊيو تي وڄندڙ هندي ۽ اڙدو گانا بہ ياد ٿي ويا هئم.

آنے گا، آنے گا، آنے گا آنے والا
پیا تو سے نینا لاگے رے
کبھی آر کبھی پار

يڪدم وڏي تي وٺي آهيان.

اسانجو پاڙو مختلف قوميتن جي ماڻهن تي ٻڌل هو. اسانجي گهر منهنجي ننڍپڻ کان سائيڪل تي کير ڏيندڙ خالد انڪل پنجابي هو. چيڪ پرنٽ واري لنگيءَ تي ڊگهي قميص پهريل ۽ مٿي تي پوتڙو ٻڌل. روز صبح ساڻ اسانجي گهر جي دروازي تي گهنٽي وڄائڻ بدران مخصوص انداز ۾ آواز ۽ سائيڪل جي گهنٽي هڪ ئي وقت ۾ وڄائيندڙ... دودھ ٽڻ ٽڻ ٽڻ... دودھ والا ٽڻ ٽڻ ٽڻ...

انتهائي ننڍي ڄمار کان رڌڻي جي ڪمن ڪارين ۾ امان جو هٿ ونڊائڻ شروع ڪيو هئم. اڪثر پنهنجي من کي وڻندڙ ڳڙهڙ گهوٽالي قسم جا طعام ناهڻ جي ڪوشش ڪندي هئس. جڏهن ڪجهه منو ناهڻ جو من ٿيندو هو ته خالد انڪل کان گهر جو کير وٺڻ کانپوءِ پنهنجي ننڍڙي ديڳڙي سندس اڳيان رکي چڏيندي هئس. هو مرڪندي هڪ پاءُ واري چل سان مفت ۾ کير منهنجي ننڍڙي ديڳڙيءَ ۾ اوتي ڇڏيندو هو. ڪراچي ۾ انجي رهواسين انتهائي ڏکيون حالتون ڀوڳيون آهن. اسيءَ واري ڏهاڪو به ڪراچيءَ لاءِ رت هاڻو دور هو. جڏهن کان ٻوليوار فساد شروع ٿيا هئا، خالد انڪل صبح بدران رات جي اونداهيءَ ۾ کير ڏيڻ ايندو هو. جيئن ته ڪجهه ڏينهن اڳ اسانجي پاڙي جي سيڻ کان وڏيڪ شريف نوجوان مُنا ڀائيءَ جو بيرحم قتل ٿيو هو. انکري سڄي علائقي ۾ پنجابين خلاف انتهائي ڪاوڙ ۽ ڏڪار پکڙيل هئي. مُنا ڀائي جي قتل کانپوءِ ڪيترن ئي ڏينهن تائين خالد انڪل ڊپ وگهي کير ڏيڻ نه آيو پر آخر ڪيستائين؟ هڪ رات ڪو ڏهه سوا ڏهه ٿيا هوندا جو دروازي واري گهنٽيءَ جي آواز تي اسين سيئي ڇرڪي پياسين. جيڪي علائقا وڳوڙن جو شڪار هوندا آهن انهن ۾ شام ڪانوئي موت جا پاڇولا لامارا ڏيڻ لڳندا آهن، سو رات جو دير سان گهنٽي وڄڻ حيرت جوڳي ڳالهه هئي.

"ڪير آهي؟" بابا دروازي جي سِير مان جهاتي وجهندي هلڪي آواز ۾ پڇيو.

امان به بابا جي پويان بيٺي هئي ۽ آئون امان پويان لڪي دروازي ڏانهن ڏسي رهي هئس...

"خالد... کير وارو..." گهبرايل آواز ۾ ورائي آئي.

خالد انڪل جو جسم سُڪل پن جيان ڪنبي رهيو هو. ڊپ وگهي سندس لُنگي آلي ٿي وئي هئي ۽ هو ٻئي هٿ جوڙي فرش تي اُپ ڪڙين ويهي ٻاڏائي رهيو هو.

انسان ڪي ايترو لاچار ۽ بيوس پنهنجي پندرهن ورهين واري حياتيءَ ۾ پهريون ڀيرو ڏٺو هئم.

"منهنجي هوندي ڪو خالد جو وار به ونگو نٿو ڪري سگهي..." امان ڪنهن ڊپ ڊاءُ ڪانسواءِ چوڪرن کي للڪاريو "هو منهنجي گهر ۾ آهي ۽ آئون ڪنهن انسان جي ناحق موت جو ذميوار نٿو بڻجڻ چاهيان." بابا به انهن چوڪرن کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي.

"مُنا ڀائي ۽ ٻيا مهاجر ڦوڪٽ ۾ ڪلٽي ٿيا ڇا؟" طنز ڀريو آواز آيو.

"گهڻي ڀرم بازي نه ڪر آنٽي! هونئن به اڄڪلهه هر ڪنهن جو ميٽر ڦريل آهي... ڪيو ٻاهر هن حرامزادي کي..." ڪيترائي آواز هڪ ئي وقت ۾ ڪنن تي پيا.

"ٺيڪ آهي، پهرين اسان کي ماريو پوءِ جيڪو وڻيوَ سو خالد سان ڪريو." امان ۽ بابا ٻئي دروازي تي بيٺا رهيا.

"هن ويچاري کي ڇو ٿا قرباني جو ٻڪرو بڻايو... جن مُنا ڀائي کي قتل ڪيو آهي، وڃي تن کي پڪڙيو..." امان ڪين لچارو ڪندي چيو.

"پنجابي، مهاجر، سنڌي، پختون ٿيڻ کان اڳ انسان بڻجڻ سکو. پنهي پاسي وحشياڻو کيل پيو کيڏايو وڃي ۽ ياد رکجو ته انهيءَ بربريت کان توهين به بچي نه سگهندا." امان ۽ بابا ٻيو به گهڻو ڪجهه چيو هو پر مونکي اهيئي جملا ياد رهيا آهن. آخر ۾ بابا پنهنجو حتمي فيصلو ٻڌايو ۽ امان ٺڪاءُ سان دروازو بند ڪري ڇڏيو.

امان مذهبي هئي پر بابا نه هو پر اسان پروڙيو ته ٻنهي ۾ انسانيت وارو جذبو اُتم هو. جنهن جو وقت بوقت اسانکي پاٺ پڙهائيندا هئا ۽ پنهنجي عمل سان ثابت پڻ ڪندا رهيا. بابا ڪڏهن به امان يا ڪنهن ٻئي کي ڪنهن مذهبي رسم ادا ڪرڻ کان نه جهليو ۽ نه ئي وري امان ڪڏهن بابا تي ڪا تبليغ ڪئي.

پاڙي ۾ تعلق اوڏي مهل نڀايو ويندو هو جڏهن پاڙي جون ٻاجيون

مٿان سوال ڪيا.

"پارڪنگ مان چوري ٿي. ٻاهر آيس ته بائيڪ غائب هئي." بابا ورائيو.

"اڙي ايئن ڪير ٿو ڪٽي وڃي سگهي." اِهو چوندي اسان ڏري گهڻو روئڻ لڳي هئي... سچي ڳالهه آهي ته ويساهه ته مونکي به نه پئي آيو. ان ڪري ڊوڙي اڱڻ ۾ ويس جتي بائيڪ بيٺل هوندي هئي پر اڄ نه هئي. دروازي مان جهاتي پائي نهاريم ته گهٽي سنسان هئي ۽ بائيڪ جو ڪو وجود ئي نه هو.

اُها شام ۽ رات نٿي وساري سگهان. اسان سيني تي هڪ عجيب قسم جي سوڳواري ڇانيل هئي ڄڻ گهر ۾ ڪنهن جو قضيو ٿيو هجي. جنهن جي ڪُل ڀاڃي هڪ ڏڪ ۾ ڦرجي وڃي تن لاءِ اهڙو حادثو ڪنهن مرتئي کان گهٽ ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ اُها هونڊا ففٽي جيڪا بابا سنهنجي ڄمڻ جي ڪجهه سالن ڪانپوءِ وڏي چاهه سان خريد ڪئي هئي، جنهن جي اڳيئن ڏگيءَ تي بيهي سفر ڪندي ننڍپڻ گذاريو هئم، وڏي ٿيس ته بابا جي ڇيلهه جهلي ۽ پويان ويهي مختلف ڪاڄن ۾ ويندي هئس... اڄ اُها اسانجي ورهين پراڻي ساٿياڻي اسان کان ڪنهن ڪم ظرف ڪسي ورتي هئي. بائيڪ ڇا وئي، بابا جي غير آفيسي سرگرمين تي ڄڻ ته تالو لڳي ويو. ڪجهه مهينن ڪانپوءِ، بابا پئسا ميڙي سيڙي هڪ سيڪنڊ هينڊ هونڊا سيونٽي خريد ڪئي پر جيڪو مزو ففٽيءَ ۾ هو سو سيونٽيءَ ۾ ڪٿي. بهرحال زندگي هڪ هنڌ بيهجي وڃڻ لاءِ نه هئي، هڪ ڦيرو هلي پوي ته حالتون پل ڪهڙيون به هجن هلندي رهندي آهي.

نار واري لڙائي بابا جي زندگيءَ ۾ هڪ اهم موڙ ثابت ٿي. 1991 ۾ اِها لڙائي شروع ٿي ته سمورا امريڪي پاڪستان کان به ڀڄي نڪتا. آفيس جي ڏهن ٻارهن امريڪي عملدارن ۾ بابا اڪيلو پاڪستاني هو، سو هاڻ آفيس جي ڪمن جي سموري ذميواري بابا کي اچي مٿي ۾ لڳي. بابا محنتي ته هو ئي، سندس ايمانداريءَ جا به مثال ڏنا ويندا هئا. نار واري لڙائي سان گڏ بابا جي گهرج ۾ پڻ واڌ اچڻ لڳي. ڪجهه ئي مهينن اندر بابا کي جنرل اليڪٽرڪ پاڪستان جو عيوضي مقرر ڪيو ويو ۽ پوءِ ته ڄڻ بابا جي پيرن ۾ ڦرمونٽي لڳي وئي. بابا دنيا جي لڳ ڀڳ پنجاسي ملڪن جو دورو ڪيو، جن مان ٽيهن

آهن، بغل ۾ ڇري، چين تي رام رام...

پنهنجي ناني، جي گهر ڪڏهن کان آهيان سو ته پتو نه اٿم پر جڏهن کان هوش سنڀاليو اٿم پنهنجو پاڻ کي امان ڪانسواءِ ناني، جي اوسي پاسي ئي ڏٺو اٿم. نانا ته اڳڀائو گذاري ويو هو سو امان ۽ ناني ئي منهنجي ڪُل ڪائنات آهن.

اسان جو تعلق وچولي طبقي سان هو يا شايد انکان به گهٽ. ننڍپڻ ۾ مونکي ساهه کڻڻ ۾ ڏکيائي ٿيندي هئي. جڏهن ساهه پرجي ويندو هو ته تڪليف برداشت کان ٻاهر ٿي ويندي هئي. پوءِ امان مونکي هڪ ڊاڪٽر کان پئي تائين وٺي ويندي هئي پر وقتي آرام کان وڌيڪ افاقو ڪڏهن به نه ٿيو.

پوءِ ڪنهن صلاح ڏني ته دل جي ڪنهن ماهر ڊاڪٽر کي ڏيکاريو، تڏهن امان ۽ ناني، تي انڪشاف ٿيو ته منهنجي دل مڪمل طور تي ڪم نه پئي ڪري.

منهنجي لاءِ دل جي بيماري لاءِ مخصوص دوائن تي انحصار لازمي ٿي پيو هو.

اسڪول کان گهر موٽندي هئس ته ناني ئي گهر تي منهنجون سموريون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ هوندي هئي ڇو جو امان ته شام ڌاري ئي آفيس مان موٽندي هئي.

"ڊيئڙي! اڄ ايتري دير ڪري ڇڏيئي؟.ماني ڪائي وٺ. اڄ تنهنجي پسند جا پسندا ناهيا اٿم." ناني، پاڀوهه مان چيو.

"پسندا هممم... ناني! رات جو ڪائيننڊيس مزي سان.هينئر ته پيٽ پريل آهي." مون چيو

"ڇا ڪائي آئي آهين؟ وري ڪا الم غلم شئي ڏوڪي آئي هوندين؟" ناني، جو چوڻ هو.

"اڙي ته ناني... اسانجي اسڪول پرسان ئي هڪ ڇوڪري رتنا ديدي، پائو ڀاڄي ۽ وڙا پائو جو گاڏو لڳايو آهي. ناني قسم سان ايڏو ته مزيدار ۽ ذائقيدار آهي جو بس ڪٿي ڪجي... ايتري پيهه هوندي آهي ان جي گاڏي تي جو وارو ايندي ايندي ايتري دير ٿي وئي." هٿ منهن ڌوئيندي ناني، کي سڄي ڳالهه ڪري ٻڌايم.

هوءِ اڪيلي نہ پر پاڻ سان بہ ٻيا جيوَ آڻي ڪاڏي پيتي جي منتظر وينڻي هئي. هڪ ٻنهي اُجو تہ ٻيو ڇڻ ڪارو جيو. صبح ساڻ ننڊ مان اُٿي رنڌڻي جو رُخ ڪندي هئس تہ اُهي ٽيئي ماڻ ۽ ڏيئرون اڳ ۾ ئي حاضر هونديون هيون.

هاڻ هو ٻئي تيزيءَ سان وڏيون ٿي رهيون هيون. ڪاري ماءُ جيان گونگي هئي جڏهن تہ اڇي ماءُ جي اُبتڙ تيز آواز ۾ مياٺون ڪندي هئي. مونکي ڪوئلي رنگ واري ڪاري پسند هئي.

هڪ ڏينهن رات جي ڪنهن پهر ٻاهران ڪنهن جي روئڻ جو آواز آيو پر آواز انتهائي جهيڻو هو ۽ مونکي ننڊ بہ گهري هئي سو رات ايئن ئي گذري وئي. ايندڙ صبح هو ٽئي غير متوقع طور تي نظر نہ آيون. اڄرج لڳم تہ رنڌڻي جو دروازو کولي جهاتي پاتم پر ٻاهر ڪاريءَ وارا ڪک هئا. ڪجهہ ڪانئي ورتو هونداٺون ڪنهن ٻئي گهر مان. سوچي پنهنجي لاءِ نيرن تيار ڪيم ۽ ڪانئي پيئي واندي ٿي لائونج ۾ ويهي فون تي برائوزنگ ڪرڻ لڳيس. هڪ ڪانپوءِ ٻيو ويڊيو اسڪرين تي اچڻ لڳو.

ڦٽ ڦٽ ڦٽ... ڦوڪٽا ڦاٽڻ آواز تي ٻي ڊنگا ٽهڪ ڏيندڙ هر ڄمار جا مرد ۽ فقط مرد، ڏور ڏور تائين ڪنهن عورت جو وجود ئي نہ هو. رڳو مردن جو غير منتظم هجوم هڪ ننڍي ڄمار واري ڦوڪٽا وڪڻندڙ جي روزي روٽي ڦاڙي مزو وٺي رهيو هو. ڦوڪٽي وارو ڪڏهن هڪ کي جهليندو هو تہ ڪڏهن ٻئي کي، هڪ ٽولي کان پنهنجا ڦوڪٽا بچايائين ٿي تہ ٻئي پاسان ٻين ڇوڪرن جو هجوم ڦوڪٽا ڦاڙي پنهنجي تسڪين ماڻي رهيو هو. ڦوڪٽي واري ڇوڪري جي ڪاوڙ آهستي آهستي بيوسيءَ ۾ بدلجڻ لڳي جو هاڻ ڦوڪٽن جو تعداد بہ اڌ وڃي رهيو هو. ٽرڙائپ ڪندڙ نوجوانن کي ڏسندي وڏي ڄمار وارن مردن جي بہ بيغيرت ٽرڪ جاڳي پئي. هاڻ ڦوڪٽن وارو ڇوڪرو مردن جي هجوم ۾ گم ٿي ويو هو، بس رڳو هڪ هٿ سان پنهنجا ڦوڪٽا انهن ظالم مردن کان بچائڻ جي ڪوشش ڪندي ٿي نظر آيو. جڏهن سمورا ڦوڪٽا ڦاٽي چڪا ۽ بچيل ايڪڙ ٻيڪڙ هوا ۾ اڏامي ويا تہ هجوم بہ ٽهڪ ڏيندو ڦوڪٽي واري کان هٽڻ لڳو. هاڻ ڦوڪٽي واري جا هٿ خالي آهن پر نيڻ ڳوڙهن سان ڀريل. خدا جي ٻندن پنهنجي وندر خاطر هڪ غريب جي اُجرت سندس اکين آڏو ڦوڪٽن جي صورت ۾ هوا ۾ اُڏائي ڇڏي هئي...

سندس بشن سنگھ ۽ پر مريم ۽ سندس قاتل ٽا ذهن تي ڦري اچن.

دماغ چرخ هو پر آڱريون تيزيءَ سان اسڪرين تي اسڪرولنگ ڪري رهيون هيون ته ڪا نه ڪا چڱي شئي نظر اچي.

"ٽي وي ناٽڪن ۽ فلمن ۾ نڪاح حقيقي ليکجڻ گهرجن." بيهر اسڪرولنگ

"بيبي! اوهانجو مڙس ڪمائي يا نه ڪمائي پر سندس تابعداري اوهانجو فرض آهي."

وري اسڪرولنگ!

"روزي جي حالت ۾ استنجا ڪرڻ جو درست طريقو."

اسڪرولنگ ڪر!

"نماز پڙهندي پيرن جون مريون هڪٻئي سان ڳنڍيل هئڻ گهرجن. نه هيءَ مولانو غلط پيو ٻڌائي. مريون مليل نه هئڻ گهرجن.

ملڻ گهرجن!

نه ملڻ گهرجن!

گهرجن!

نه!

ها... نه... ها!"

منهنجو دماغ سُن ٿيڻ لڳو هو. پاڪستان واقعي اُها جاءِ آهي جتي پاڪيون نهنديون آهن. موبائل بند ڪري ٻاهر نڪري آيس. يڪدم اکين آڏو اُهي ٻه ڪارا نيڻ تري آيا. گهر جي پوئين اڱڻ ۾ وڃي ڏٺم ته اُتي ٻه نه هئي. پوين ٻن سالن ۾ اِهو ڪڏهن ٻه نه ٿيو هو جو ڪاڏي جي وقت تي هو ٽئي نظر نه اچن.

اڃان اندر اچي ويٺي ئي مس هئس جو اسانجي باورچيءَ سڏ ڪيو...

"باجي! سگهو اچ." دروازو کولي هڪدم پورچ ۾ آيس ته باورچيءَ بيهر سڏ ڏنو..."باجي! ٻاهر اچو." ٻاهرين دروازي کان ٻاهر نڪتيس ته وڻ جي ڇانوري ۾ گاهه تي ڪاري بيجان پئي هئي ۽ مکيون سندس بيجان جسم کي ڀنيوڙي رهيون هيون. اف! هن کي ڇا ٿيو؟ منهنجا نيڻ لوڙيائي پاڻيءَ سان ڀرجي ويا. دريءَ ۾ ٽڪ ٻڌي انهن معصوم اکين جو نهارڻ ياد ٿي آيم... ڪاريون اکيون

هاڻ بند هيون. پوئين رات ننڊ ۾ ٻڌل انهن ٻلين جي آهه زاريءَ جو سبب هاڻ سمجهه ۾ آيم.

ڏيءَ کي فون تي ٻڌايم ته روئڻهارڪي آواز ۾ چيائين، "امان! ڪاريءَ کي ڪچري جي ڍير تي نه اڇلائجان، انکي دفن ڪجان ڪٿي."

ڪاري ٻليءَ جي مرتئي ڪاٺيوءَ ۾ ڏينهن ٻئي ٻليون نه چاڻ ڪٿي گُم رهيون، شايد جانورن ۾ ئي هاڻ احساس جي ڪا حس بچي وئي آهي.

ٽوبا ٽيڪ سنگهه يا پشاور واري واقعي سان ڪاري ٻليءَ جي موت جي پلا ڪهڙي ڀيٽ، سواءِ ظالمائي بيحسيءَ جي.

# سيما جا سپنا ۽ پنهنجا

ڪجهه سال اڳ پيش آيل هڪ واقعي جو پڙاڏو ڪيتري ئي عرصي تائين ملڪ تي ڇانيل رهيو. اهو قصو نه رڳو پاڪستاني پر انڊين سڌسماءُ جي اليڪٽرانڪ ۽ پرنٽ ميڊيائي ذريعن تي به هر پاسي چوهول مچائيندو رهيو. منهنجو اشارو جيڪب آباد سان تعلق رکندڙ سيما حيدر بابت آهي. سيما پنهنجي ڇهن ٻارن سوڌو پارت جي راڄڌاني دليءَ کان لڳ ڀڳ ستر ڪلوميٽرن جي فاصلي تي هڪ ننڍين آيرندڙ شهر نائيڊو جي رهواسي سچن جي پريت ۾ اهڙي گرفتار ٿي جو نيپال رستي وڃي سچن سان ملي. ڪو ان کي محبت جي ميخ ليکي رهيو هو ته ڪو وري بدديانتي. جت پاڪستان ۽ انڊيا جا بااثر ڪاتا ۽ فرد ڪيس "را" يا "آءِ ايس آءِ" جو ايجنٽ قرار ڏيڻ تي ڳنڍ ڏيو ٻيٺا هئا ته اُتي ڪجهه ماڻهن جو خيال هو ته اهو سڀڪجهه انڊين فلم انڊسٽريءَ ۾ پنهنجو پاڳ آزمائڻ جي هڪ دليرائي ڪوشش آهي. خير، معاملو جيڪو به هجي، هت منهنجو موضوع ته اهو ئي آهي پر انهيءَ سموري قصي ۾ ڪردارن کي ٿورو بدلائي ٿا ڏسون.

سنڌ سان تعلق رکندڙ سيما ۽ حيدر ٻنهي جو پاڻ ۾ پيار هو پر ٻنهي جا گهر ڀاتي سندن وهان جا مخالف هئا. نتيجو اهو نڪتو جو ٻئي پنهنجي پنهنجي گهران ڀڄي نڪتا ۽ ڪراچي پهچي وهان ڪري اُتي ٽانيڪو ٿيا. سيما جيڪي ڪجهه پئسا ڏوڪڙ پاڻ سان آندا هئا تن مان هنن هڪ سستو گهر مسواڙ تي ورتو ۽ ٻئي راضي خوشي رهڻ لڳا. سيما ڪمائيندي هئي ۽

حيدر گهر سنڀاليندو هو. هڪٻئي پويان ڪين چار ٻار ڄاوا. حيدر ٻارن جي پالنا ۽ ڪندو رهيو پر وقت سان گڏ وڌندڙ مهانگائي سندن جيئڻ جنجال ڪيو ته ٻئي گوڏو ڪوڙي ويٺا ته زندگيءَ جو گاڏو اڳتي ڪيئن ڌڪجي. نيٺ پاڪستان جي معاشي بدحاليءَ کي آڏو رکندي فيصلو ڪيائون ته سيما هن ملڪ ۾ رهندي ته نه پنهنجي گهر جون حالتون بهتر ڪري سگهي ٿي ۽ نه ئي ٻارن کي چڱيرڙي تعليم ۽ تربيت ڏياري سگهي ٿي سو ڇو نه سعودي عرب وڃي پنهنجو ڀاڳ آزمائجي. اِهو سوچي گهر واسطي ضرورت پٽاندر سامان سڙو خريد ڪرڻ ۽ راشن وغيره وٺڻ کانپوءِ هُن پنهنجي مڙس کي هڪ اسمارٽ فون به خريد ڪري ڏنو ته جيئن رابطي ۾ ڪا ڏکيائي پيش نه اچي. پوءِ هوءِ پنهنجي مڙس ۽ ٻارن کي آسائش ڀري زندگي ڏيڻ جا سپنا من ۾ سانديي سعودي عرب اُسهي. اُتان جي لنگ ساڙيندڙ گرميءَ ۾ هوءَ رات ڏينهن محنت ڪري وقت سر گهر پئسا ڏوڪڙ اُماڻڻ لڳي.

سيما جي سعودي عرب واري ڪمائيءَ مان گهر جون حالتون آهستي آهستي بهتر ٿيڻ لڳيون. اُهي شيون جيڪي حاصل ڪرڻ ڪجهه مهينا اڳ تائين ممڪن نه هو، سي هاڻ حيدر ۽ ٻارن جي هٿ وس هيون پر سيما کي سڀڪجهه ٺيڪ هوندي به ڪجهه ٺيڪ نه پئي لڳو ڇاڪاڻ جو ڪجهه عرصي کان سيما کي حيدر جا تيور بدليل پئي لڳا. سيما جڏهن موڪلن تي ڪراچي آئي ته حيدر جو سياءُ اڳي جهڙو نه هو ۽ سندس گهڻي ڀاڱي وقت فون تي پب- جي کيڏندي پئي گذريو. سيما حجت ڪرڻ مناسب نه سمجهيو ۽ موڪلون ختم ٿيندي ئي سعودي عرب موٽي وئي.

ٽيرهن مئي تي سيما واٽس ايپ تي حيدر جي خير خيريت پڇڻ لاءِ معمول جيان هڪ ٻه پيغام اُماڻيا پر جواب ۾ ڪاريءَ وارا ٽڪ. سوچيائين ته متان مصروف هجي. رات جو سمهڻ کان اڳ ٻيهر پيغام اُماڻيائين پر فقط هڪ ئي "ٽڪ" مان سيما اندازو لڳايو ته حيدر آن لائين ناهي. ٻه چار ڏينهن ڪنهن رابطي ڪانسواءِ لنگهي ويا ته سيما کي ڳڻتي اچي ورايو سو گهر جي مالڪ کي فون ڪري حيدر ۽ ٻارن جي خيريت پڇيائين. جنهن تي پتو پيس ته حيدر ته چار ڏينهن اڳ ٻارن سوڌو ٽئڪسيءَ ۾ سوار ٿي ڪنهن پاسي هليو ويو آهي. مالڪ مڪان ٻڌايو ته چار پنج پيٽيون به هيون سو هنن سمجهيو ته

ڪرڻ ناهي. ڪنهن کي بہ ڪنهن سان ڇمار جي کهڙي بہ حصي ۾ پيار ٿيڻ، ڪنهن بہ سبب ڪري وهان ختم ڪرڻ يا ٻئي شادي ڪرڻ ڪو ڏوهہ ناهي، نہ عورت لاءِ ۽ نہ ئي مرد لاءِ. پر ڇا ايڏو وڏو فيصلو ڪنهن کي ٻڌائڻ کانسواءِ ڳجهہ ڳوهہ ۾ ڪرڻ يا لڪ ڇپ ۾ پرچي وڃڻ ۽ پوءِ سمورو الزام ٻئي ڌُر تي ڌرڻ کي ڪنهن بہ حوالي سان درست مڃي سگهجي ٿو؟ منهنجي راءِ ۾ اهڙو ڪو بہ عمل اخلاقي طور تي قطعي درست ناهي.

بيشڪ اسانجي معاشري ۾ اڪثر مرد ئي عورتن سان ڏاڍائي جا جوابدار هجن ٿا پر ڪنهن مامري ۾ مرد بيڏوهي بہ ٿي سگهن ٿا.

# دلي دروازو ۽ منو ميان جو حلوو پوري

چوندا آهن ته ”جنهي لهور نئين ويکهيا او جميا اي ننئين“ اِهو سوچي سوئٽزرليند کان موڪلن تي اسلام آباد آيل ننيو ياءُ هوڏ پڏي بيٺو ته ”[illegible]“ پر جهڙي ريت سياري ۾ لاهور جي سموگ جو حال ٻڌڻ لڳو آهي ته لڳي ٿو ته هاڻ ته انهيءَ موسم ۾ شهرواسي به لاهور کي عرصي کان ڏسڻ کان قاصر هوندا. سو اسين چا ڏسي سگهنداسين. خير، پائرن ۽ پينٽرن سان گڏ لاهور ياترا جو پنهنجوئي هڪ ڌار مزو هوندو, اِهو سوچي نڪري پياسين اسين سموگ ۾ به لاهور ڏانهن.

اسين ٽي پينٽرون ۽ هڪ ياءُ جڏهن ته هڪ پينٽ جو پٽ ۽ پٽي جي ڌيءَ به گڏجي پيا. اسلام آباد ۾ سج پنهنجي پوري جوڀن سان آسمان تي موجود هو. ٽپ ٽاپ تيار ٿي اکين تي عينڪون چاڙهي اسين سيٺي گاڏيءَ ۾ ويٺاسين ته امان پنهنجي ٻارن جي مذهبي لاڙن کان واقف هئڻ ڪري گاڏيءَ پرسان آئي ۽ شايد آيت الڪرسي ۽ درود شريف پنهنجي منهن پڙهي اسان سيٺي تي ڦوڪارياتين، پوءِ گاڏيءَ تي به دائرو ڪڍيائين ۽ اسانکي سموگ ۾ گاڏي آهستي هلائڻ جو چتاءُ به ڏنائين. اسين سيٺي گاڏيءَ ۾ بلڪل چپ چپات ويٺا هئاسين ته امان جي اِها ڪاروائي جلد کان جلد پوري ٿئي ته اسين اسپوٽي فاءِ تي وڏي آواز سان پنهنجا وڻندڙ گانا لڳايون ۽ گاڏيءَ کي جي ٽي روڊ تي ڊوڙايون.

جي ٽي روڊ جو سفر موٽر وي کان هر لحاظ کان منفرد ۽ مختلف آهي پر جڏهن اوهان وٽ فقط چوويهه ڪلاڪ هجن ته من چاهيندو آهي ته جلد کان جلد پنهنجي منزل تي پهچجي. سوچيو ته اِهو هو ته جي ٽي روڊ تي سموگ نه هوندي پر جهلم جي حد ختم ٿيندي ئي اهڙي سموگ شروع ٿي جو هڪ

فرلانگ جي فاصلي تي بہ ڪجهہ نظر ئي نہ پئي آيو. گاڏي آهستي هلائڻي ٿي پئي. پاڪيجي رانيا هر هر پنهنجي ماءُ جي معمول جي ابتڙ سُست ڊرائيورنگ تي اچرج ڪائيندي چوندي رهي، "امان! واءِ ڊونٽ يو ريس دي ڪار؟" اصل ۾ نينگريءَ کي پنهنجي ساهيڙيءَ سان ملڻ جي تڪڙ هئي جيڪا تازو ئي لاهور لڏي وئي هئي. خير، پنجن ڪلاڪن جو سفر نيٺ انن ڪلاڪن ۾ پورو ٿيو. رانيا کي سندس ساهيڙيءَ جي گهر ڇڏيوسين ۽ اسين پنج ئي پهتاسين ڊاڪٽر مبارڪ عليءَ جي گهر. ڊاڪٽر مبارڪ ۽ ذڪيا آنٽيءَ جو لاهور ۾ گهر منهنجو پيڪو آهي. سندن ٻن ڪمرن واري فليٽ جو وڏو ڪمرو سدائين مهمانن لاءِ مخصوص هوندو آهي. اُتي اسان پنج ئي ڄڻن پنهنجو سامان سڙو رکيو ۽ هٿ منهن ڌوئي لائونج ۾ آياسين تہ ذڪيا آنٽي ڪيتليءَ ۾ دم ڪيل چانهہ ۽ چاڪليٽ ڪيڪ سوڌو اسانجو اوسيئڙو ڪري رهي هئي. ڊاڪٽر مبارڪ سان ڪجهہ دير ڪچهري ڪري سندن ننڍي ڌيءَ نينيءَ کي پاڻ سان گڏي نڪري پياسين اندرونِ لاهور جي سئر لاءِ، جنهن واسطي خاص طور تي سجي ساري چنگچيءَ جو ڀاڙو ئند جا جهوٽا کائيندڙ ڊرائيور سان طئي ڪيوسين ۽ ويهي رهياسين سيئي اُن ۾.

اوهين سوچيندا هوندا تہ گاڏي هوندي بہ چنگچي ڇو؟ اي صاحبلوڪو! اندرونِ لاهور گهمڻ جو مزو رڪشا يا چنگچيءَ ۾ ئي ايندو آهي. اسپيڪر جيئن تہ گڏ هو انڪري گانا ٻڌندي حويلي ريسٽورنٽ پهتاسين پر هر پيري لاهور جي ٽريفڪ وڌيڪ غير منظم ۽ بي لحاظ ئي نظر اچي. رات جو سڄو شهر ڌنڌ جي گهاٽي چادر اوڍيل هو ۽ ان ۾ عجيب قسم جي ساهہ ٻوسٽ محسوس ٿي رهي هئي. ريسٽورنٽ جي ڇت تان رستي جي ڪناري تي ئي موجود بادشاهي مسجد ۽ مينار پاڪستان ميرانجهڙا نظر اچي رهيا هئا.

اوچو دڪان، ڦڪو طعام واري چوڻي انهيءَ مهانگي ريسٽورنٽ تي سچ ثي ثابت ٿئي. هر پيري پراٺو لاهور ڏسڻ جي قيمت اگهي ڪان وڌيڪ بدمزو ۽ مهانگو کاڌو کائي ڏيڻي پئي پر عملي جي ڦڙتي ۽ بهتر سيباءُ جي واکاڻ نہ ڪرڻ زيادتي ٿيندي. اسين پنهنجي ميز تي پنهنجا وٽندڙ گانا جهيڻي آواز ۾ اسپيڪر تي ٻڌي رهيا هئاسين. ريسٽورنٽ ۾ هلندڙ لائيو ميوزڪ اسان جهڙن ڪيترن ئي ٻين ڪسٽمرن تي بار وانگر ڪڙڪي رهيو هو، انڪري پرسان

رهي هئي. وات تي ڪيترائي حلوي پوريءَ وارا آيا پر اسان نڪ جي ڏاڍائي سان ڪانئن ئي سندن رقيب جو ڏس پڇندا رهياسين ۽ هو چهرو بگاڙي اسانکي اڳتي وڃڻ جو اشارو ڪندا رهيا. جيئن تہ اسانجي حواسن تي منو ميان ٿي سوار هو انڪري انهن دڪاندارن جي چهرن جا تاثر نظرانداز ڪندي مسڪيني واري شڪل سان سندن ٿورا مڃيندي اڳتي وڌندي ۽ ڪجهہ وڪون اڳتي ڪٽي ٿهڪن ۾ ٿي پياسين.

وزير خان مسجد جي ڪاٻي پاسي ويندڙ اندرين گهٽين مان لنگهي ٺيٺ وڃي پنهنجي منزل تي رسياسين. اهو هڪ عام صاف سٿرو دڪان هو جنهن تي هڪ پاسي هڪ وڏي شاهي ڪڙائي ۾ مناسب باهہ تي تيل ٽڙڪي رهيو هو. هڪ ڇوڪرو ويلڻ سان اٽي جي پيڙي کي پوريءَ ۾ تبديل ڪري انهيءَ ڪڙائي ۾ ٿي وڌو تہ پوري ڦلڪي جيان گول گپول ٿي پئي وئي. ٻئي پاسي هڪ وڏي جمار وارو خوش شڪل همراهہ ويٺو هو جيڪو هڪ وڏي شاهي گول تسلي ۾ ڪفگير سان حلوو اٿلائي پٿلائي رهيو هو. پرسان ئي چڻن جو ٻوڙ ۽ پٽاٽن جي ڀاڄي رکيل هئي جڏهن تہ وچئون وچ هڪ ٻئي تسلي ۾ ڪچورين جو ڍڳ پڻ رکيل هوجيڪي ماپ ۾ ڪراچيءَ وارين ڪچورين کان تمام گهڻيون وڏيون هيون.

"هيءَ منو ميان جو دڪان آهي؟" اسان سيني هڪ ئي وقت پڇيو.

"جي بلڪل" خوش شڪل همراهہ خوشدليءَ سان ورائيو.

دڪان تي ڪجهہ ٻيا گراهڪ پڻ ويٺا هئا. ٻہ عورتون ۽ ٽي چار مرد. سيني اسان ڏانهن ڌيان ڏريو پر ڪنهن بہ اسانجي روپ ۽ پوشاڪ تي تنقيدي نظر نہ وڌي جيتوڻيڪ اسانکي جينز ۽ هوڊي پهريل هيون.

"هونئن تہ اسين آهيون ڪراچيءَ جا، پر رهندا اسلام آباد ۾ آهيون ۽ منو ميان جي جڳ مشهور حلوو پوري کائڻ لاهور آيا آهيون." پنهنجو مڪمل تعارف اڳواٽ ئي ڪرائڻ مناسب سمجهيم.

اهو همراهہ ۽ ٻيا گراهڪ بہ پنهنجائپ ۾ مرڪڻ لڳا. همراهہ چيو تہ، "اچو، اچو، اندر هليا اچو."

"ڪٿان اچون؟" دڪان آڏو تسلا، ديڳڙيون ۽ ٽهڪندڙ باهہ تي چڙهيل ڪڙائي کي عجب وچان ڏسندي پڇيوسين تہ هڪ گراهڪ دڪان جي ڪاٻي

ڏانهن اشارو ڪندي چيائين ته اِها تيلهي مونکي لاهي ڏي، سو چوڻ تي اِها تيلهي لاهي خوش شڪل همراهه حوالي ڪئي. ان ۾ آچار هو.

"اوهين مهمان آهيو، انڪري اوهان کي خاص قسم جو آچار ٿا کارايون." هُن اهو چوندي پليٽ ۾ آچار وڌو ۽ اسان ڏانهن وڌايو.

ڪيڏيون نه نرم ۽ پوريون پُٺيون پڪل پوريون هيون جي وات ۾ وينديئي ڳري ٿي ويون. آچار چٽڻ ۽ پٽاٽن جي ڀوڄ جو مزو وڌائي ڇڏيو جو اسين پنج ئي پليٽون کن پل ۾ چٽ ڪري وياسين. سوجيءَ جو ذائيدار حلوو مناسب مٺاڻ سبب اسانجي زبان جي ذائقي جي حساب سان شاندار هو. وڏي عرصي کانپوءِ اڄ پيٽ ڀري حلوي پوريءَ جي نيرن ڪئي سين نه ته اسلام آباد جي هڪ پوري کائڻ کانپوءِ ئي ارواح ڪڇيو وڃي.

پوءِ اسانجي فرمائش تي تازي کير پتي چانهه گهرائي وئي. حلوي پوريءَ کانپوءِ من پسند چانهه جي گرم ڪوپ جو سواد اهي ئي ڄاڻن ٿا جن کي ادرڪ جو مزو نه پتو هجي. واهه سائين واهه! چا ته ڪئي ڳالهه ڪجي. سيڪجهه اُميد کان بهتر هو. کائڻ پيئڻ مان فارغ ٿي جڏهن سيني شين شگلين جو مُلهه پڇيوسين ته خوش شڪل همراهه انتهائي پنهنجائپ مان چيو ته اوهين اسانجا مهمان آهيو سو اوهان کان کهڙا ڏوڪڙ وٺون.

ڪجهه خاص سياڻ ۽ پنهنجائپ مخصوص ملڪن ۽ علائقن واسين ۾ ئي ملندي آهي. پندرهن پورين ۽ پنج پليٽون ڀوڄ ۽ حلوي جي هڪ پليٽ جو مُلهه فقط ڇهه سئو رپيا هو. خير، ان کان پيٽا اسان راضي خوشي کين ڏنا ۽ سندن ٿورا مڃيندي اُنهيءَ ٻاهرين رستي ڏانهن پير کنياسين جتي تاريخي دلي گيٽ ٻاهران اسانجي گاڏي پنهنجي مسافرن جو انتظار ڪري رهي هئي.

# رفعت ۽ بوٽا

صبح سوير دروازي جي گهنٽي وڳي ته جنوريءَ جي هڏيون ڇيرينڌڙ ٿڌ ۾ مونکي گهنٽي وڄائيندڙ تي انتهائي ڪاوڙ آئي، گهر جي اندرين دروازي مان رڳو چهرو ٻاهر ڪڍي بيزاريءَ وچان پڇيم "ڪير آهي؟" ٻاهرين گيٽ جي ٻاهر کان هڪ عورتاڻو آواز ڪنن تي پيو، "ڪچري وارا، ڪچرو ڏيو، باجي!" اڄڪلهه ته اسانجي گهٽيءَ ۾ به بوٽا نالي صفائي ڪندڙ همراهه آهي سو هيءَ عورت ڪير آهي ۽ سو به ايترو سوير...

دروازو کوليم ته سامهون وچولي قد جي هڪ سهڻي عورت بيٺل هئي جنهن جا ڳل ٿڌ جي شدت سبب ڳاڙهن ٽماٽن جهڙا ٿيل هئا ۽ سندس هرڻيءَ جهڙا نيڻ آلا هئا. مٿي تي گول ڦنڊڻي واري اون جي ٽوپي ۽ ڊگهو بي ڍنگو سوئيٽر پهري به هوءَ انتهائي موهيندڙ پئي لڳي.

سونهن دولت جي محتاج نه هوندي آهي. ويچاريون وڏن شهرن جون ميم صاحبيائيون سڄو سڄو ڏينهن بيوٽي پارلرن ۾ گذارڻ ڪانپوءِ به گهربل نتيجا حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿيون رهن ۽ هيءَ صفائي ڪندڙ عورت ڪنهن هار سينگار ڪانسواءِ به انهن سڀني کي مات ڏيو بيٺي آهي. ڪيس غور سان ڏسندي سوچيم.

اهو رفعت سان منهنجو پهريون تعارف هو. هوءَ بوٽا جي زال هئي. سي ڊي اي ۾ خاڪروب طور ڀرتي ٿيڻ لاءِ اڄ هوءَ پنهنجي مڙس سان گڏ آئي هئي. اڄ ڪم تي سندس پهريون ڏينهن هو ۽ پوءِ اهو روز جو معمول بڻجي ويو. ٻئي زال مڙس اسانجي گهٽيءَ جي صفائي ڪرڻ ۽ هر گهر تان ڪچرو

ميڙڻ واري ڪم سان لڳايل هئا. منهنجي نيرن تيار ڪرڻ ۽ سندن ڪچري ميڙڻ جو وقت لڳ ڀڳ ساڳيو هو. سو ڪين جيڪي ڪجهه ٽهيل هوندو هو چانهه سان ڳڻ ڏئي ڇڏيندي هئس. ٻنهي زال مڙس جو اسانجي گهر جي اڳڻ ۾ رکيل ڪرسين تي ويهي نيرن ڪرڻ معمول بڻجندي بڻجندي عادت بڻجي وئي. انڪري اچر ڏينهن گهر ويران لڳندو هو. ٻئي مونکي باجي سڏيندا هئا ۽ مونکي به هنن سان انسيت ٿي وئي هئي ڇاڪاڻ جو هڪ ته ٻنهي جي جوڙي ڀلي هئي ۽ ٻيو ته هو پنهنجو ڪم به انتهائي محنت ۽ اُڪير سان ڪندا هئا.

اسلام آباد کي سائو ستابو ۽ صاف سٿرو شهر هئڻ ڪري سهڻن شهرن ۾ ڳڻيو ويندو آهي. ساوڪ ته قدرت جي ڏنل سوکڙي آهي پر شهر کي گندگيءَ کان آجو رکڻ اسانجن انهن ئي خاڪروبن جو ڪارنامو آهي جيڪي لڳ ڀڳ نوانوي سيڪڙو مسيحي برادريءَ سان تعلق رکندڙ آهن. انهن خاڪروبن پنهنجي اڻٿڪ محنت وسيلي اسلام آباد کي چار چنڊ لڳائڻ ۾ وسان نه گهٽايو آهي.

بوٽا ۽ رفعت به ٻين خاڪروبن وانگر ٻاهر جا اُلا ٻڙيل گرمي هجي يا لڱ ڪانڊاريندڙ سيارو، تيز بارشون هجن يا طوفان واچوڙو، هر منڊ جي سختين ۽ عذابن کان بي نياز صبح ڇهين وڳي ئي اسلام آباد جي گهٽين ۾ صفائي ڪرڻ پهچيو وڃن، سواءِ آچر جي موڪل جي. اسانجن سمورن تهوارن 14 آگسٽ، 23 مارچ، عاشوري ۽ ايسٽائين جو ٻهرين مٿي تي پورهيتن جي عالمي ڏهاڙي تي به اِهي محنتي خاڪروب پنهنجي ڊيوٽي تي موجود هوندا آهن. مسلم تهوارن تي سندن ڊيوٽي اجائين وڌيڪ سخت ڪئي ويندي آهي ۽ ڪم ڪار جا ڪلاڪ وڌايا ويندا آهن ته جيئن اسانجو پکيڙيل گند اِهي خاڪروب رات دير تائين ميڙي سگهن. ياد اٿم ته جڏهن ڪوروڊ آيو ۽ حڪومت سڄي ملڪ ۾ لاڪ ڊائون ڪيو تڏهن به هو پنهنجي ڊيوٽي ڪندا رهيا.

"باجي! سياڻي کان اسانکي نيرن نه ڏجان." رفعت ڏکاري آواز ۾ چيو ته بوٽا به هائوڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيو.

"ڇو؟ اسانجي ڪا ڳالهه خراب لڳي ڇا؟" مونکي سمجهه ۾ نه آيو ته مرڪندي پڇيومانس.

"باجي! ڪرونا جي بيماري پکڙيل آهي سو خدا تعاليٰ اوهانکي

ڪان ان ماهري جي تصديق ڪرائجي.

اُتي وجي اندازو ٿيو تہ سچو انبو ئي اونڌو آهي. جيئن تہ خاڪروبن جي اڪثريت اڻپڙهيل هئي انڪري ڪين اندازو ئي نہ ٿي سگهيو تہ ڊوميسائل نہ هئڻ سبب سندن جاءِ تي نوان ۽ پڪا ملازم ڀرتي ڪيا ويا آهن. تڏهن ڪجهہ دوستن، انساني حقن جي ڪميشن ۽ مزدور يونين جي صدر ۽ ٻين لاڳاپيل ماڻهن سان رابطو ڪيم. ڪراچيءَ جو اسانجو مانوارو دوست نعيم صادق جيڪو سڄي ملڪ ۾ خاڪروبن جي چڱيلائي لاءِ پتوڙيندڙ طور ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو، ان ڏس ۾ اسانجي تمام گهڻي رهنمائي ڪئي.هت آئون سي ڊي اي جي هڪ آفيسر شاهجهان صاحب جو ذڪر ضرور ڪنديس جنهن نہ رڳو سدائين ڏيان سان اسانجون شڪايتون ٻڌيون پر منهنجي ڪجهہ سخت جملن تي بہ تحمل جو مظاهرو ڪندي سمورن خاڪروبن جي بحاليءَ جو وعدو پڻ ڪيائين.

سوين، عورتون ۽ مرد ٽن مهينن تائين سينيٽيشن آفيس ٻاهران لڳ ساڙيندڙ گرميءَ ۾ احتجاج ڪندا رهيا پر نہ تہ ڪنهن شنوائي جا آثار نظر آيا ۽ نہ ئي وري سڌ سماءَ جي مرڪزي ذريعن انهيءَ مسئلي تي چپ چوريا. هاڃو اهو هو تہ اهو طبقو ڪنهن مان ڪا اُميد بہ ڪيئن رکي جو ڪنهن بہ حڪومت انهن خاڪروبن جي بهتريءَ لاءِ ڪڏهن بہ ڪي اُپاءَ نہ ورتا آهن ڇاڪاڻ جو هو عارضي ۽ ڪچي ٺيڪيداري سرشتي تحت ڪم ڪري رهيا هئا.

رفعت ۽ ٻوتا سان گڏ درجنين خاڪروب روز منهنجي گهر جي دروازي تي انهيءَ اُميد سان ايندا هئا تہ ڪو تہ هجي جو اسانجي ڳالهہ ئي ٻڌي، نہ تہ سچي ڳالهہ آهي تہ منهنجون اُميدون بہ پورين پساهن ۾ هيون جو ڪاموراشاهي هڪ مڪمل گهن چڪر آهي. انهيءَ دوران جي سالڪ بہ امريڪا کان پهتو ۽ سمورو وهنوار پنهنجي هٿ وس ڪيائين. اسانجي حڪومت ۽ سي ڊي اي کي بہ شايد ياد آيو تہ هيءَ ئي پيشو آهي جنهن جي ڪري اسانجا علائقا رهڻ جوڳا بڻيل آهن ڇاڪاڻ جو خاڪروب ئي پلٽجندڙ گٽرن ۽ ڪچري سان ستيل گهٽيون صاف ڪندا آهن ۽ اسلام آباد جي آبادي جنهن تيزي سان وڌي رهي آهي تنهن لاءِ وڌيڪ خاڪروب ڀرتي ڪرڻ اٽڪر آهي.

انهن ساڳين ٽن مهينن جي پڄ ڏک سان مونکي نہ رڳو سرڪاري ادارن ۽ ڪاموراشاهيءَ جي پٽ پٽان سان واقفيت ٿي پر ان دوران مسيحي خاڪروب برادريءَ جي ڳنڀير مسئلن جو پڻ ادراڪ ٿيم. اسانجي شهر جي گهٽين جي بنان ڪنهن موڪل جي ٿيندڙ صفائي سترائي تي اسانکي پنهنجي هزارين مسيحي خاڪروب ڀائرن ۽ ڀينرن جو ٿورائتو هئڻ گهرجي. جيڪڏهن سي ڊي اي کين ڪنهن بہ سبب ڪري نوڪرين تان هٽائي ڇڏي ها تہ نہ ڄاڻ ڪيترائي ڪٽنب انهيءَ پيشي سان لاڳاپيل پنهنجي گذر سفر کان محروم ٿي وڃن ها. خاڪروبن جو انتظاميا سان اهو شڪوو آهي تہ سندن اهو ئي واحد پيشو آهي جيڪو ڪانئن ڦريو نہ وڃي. انهن خاڪروبن جا بہ معصوم سپنا آهن تہ سندن ايندڙ نسل پڙهي لکي ڪنهن بهتر پيشي سان سلهاڙجن. انهيءَ پيشي سان لاڳاپيل اقليتن جي نہ رڳو داد رسي ٿيڻ گهرجي پر کين اُهي سموريون سهولتون ملڻ گهرجن جيڪي سندن بنيادي حق آهن.

بوٽا ۽ رفعت جي تہ سي ڊي اي ۾ نوڪري پڪي ٿي وئي پر جيئن تہ هو نيڪيداري سرشتي ذريعي سي ڊي اي ۾ آيا هئا ان ڪري کين اسلام آباد جي هڪ پسگردائي واري علائقي ۾ رکيو ويو. ٻئي زال مڙس اڄ بہ ايندي ويندي منهنجي گهر جو ڦيرو ضرور ڪندا آهن ۽ ڪرسمس ۽ عيد جي ڏيهاڙي تي ڪيڪ آڻڻ نہ وساريندا آهن. آئون سڄي ڄمار سڄي دل سان سندن ٿورائتي رهنديس.

# زمانا تو سامهون هاڻ ڪا ڪمزور عورت ناهي

ليڊي ڊاڪٽر جي انڪشاف منهنجي دل ڦسائي مونکي اُداس ڪري ڇڏيو هو ته آئون ڪڏهن به ماءُ بڻجي نه سگهنديس. منهنجي زندگيءَ جي سڀ کان وڏي سڌ ئي ”ماءُ“ بڻجڻ هئي. ڪيترين ئي راتين بستري تي روئندي ۽ پاسا بدلائيندي گذريون ۽ آخرڪار هڪ اهڙي ئي رات هڪ نينگري هنج وٺڻ جو فيصلو ڪيم. ماءُ نه بڻجي سگهڻ جو ممتا سان ڀلا ڪهڙو تعلق؟

ڀلي پت ڇاتم ٿي ته اڪيلي عورت لاءِ ٻار هنج وٺڻ ڪو سولو ڪم نه هوندو ڇاڪاڻ جو اڄ به اسانجي معاشري ۾ عورت کي هڪ انفرادي حيثيت ۾ قبول نٿو ڪيو وڃي. عورت جو پيءُ، ڀاءُ، مڙس يا پٽ سان ڳنڍيل هئڻ لازمي ٿو ليکيو وڃي. عورت پنهنجي مرضيءَ سان وهان ڪرڻ، نه ڪرڻ، ماءُ بڻجڻ، نه بڻجڻ يا ڪڏهن بڻجي ۽ وهان ڪانسواءِ ٻار هنج وٺڻ جو اختيار اڄ به نٿي رکي. عورت کي ڪمزور ۽ گهٽ عقل وارا لقب ڏيندڙ انهيءَ حقيقت کان اکيون ٿا ڪن ته عورت تخليقڪار به آهي ۽ نسلن جي واڌويجهه ۽ پالنا جو هنر پڻ ڄاڻي ٿي. تخليقڪار لاءِ دنيا جو ڪوبه ڪم ناممڪن ٿي نٿو سگهي.

خودمختيار پڙهيل ڳڙهيل ۽ هڪ عالمي اداري ۾ ورهين تائين اعليٰ عهدن تي ڪم ڪرڻ سبب ايترو اندازو ته ضرور هئم ته معاشري ۾ ڪنهن عورت کي ”سنگل مدر“ جي حيثيت ۾ ٻار هنج وٺڻ لاءِ ڪهڙين ڏکيائين جو منهن ڏسڻو پوندو پر ڏکيائين جي نوعيت ايتري شديد ۽ پيڙا ڀري هوندي سو منهنجي سوچ ۾ ئي نه هو.

اباڻي شهر لاهور يا اسلام آباد جنهن ۾ ڪيترن ئي سالن کان

ٽانيڪو آهيان، ڀنهي شهرن ۾ اهڙو ڪوبہ ادارو يا اسپتال ناهي جتان اڪيلي ماءُ کي ٻار هنج وٺڻ جي سهولت حاصل ٿي سگهي. ان ڏس ۾ جتي بہ درخواست ڏنم سا ڪاغذي ڪاروائي جي شروعاتي مرحلي ۾ ئي رد ڪئي وئي. انڪري ڪراچي وڃڻ جو فيصلو ڪيم. ايڌي فائونڊيشن جهڙو ادارو پاڪستان جهڙي پوسٽ پرئي ملڪ ۾ ٿڌي هوا جو جهوٽو آهي. ڪراچيءَ ۾ ايڌي فائونڊيشن ڪانسواءِ "امڪان ويلفيئر آرگنائزيشن" بہ قانوني شرطن ۽ ضابطن کي آڏو رکندي سنگل مدر کي ٻار هنج وٺڻ ۾ مڪمل سهڪار فراهم ڪندڙ ادارو آهي.

ايڌي فائونڊيشن جي انتظاميا ڪنهن ميل حجت ڪانسواءِ مونکي فارم ۾ ڇاڇايل سمورا تفصيل ڏيڻ جو طريقو سمجهايو ۽ ڪجهہ عرصو انتظار ڪرڻ جو مشورو ڏنو ڇاڪاڻ جو منهنجي خواهش هئي تہ ڪا تازو ڄاول ڇوڪري هنج وٺان. آخرڪار ٻن مهينن جي اوسيئڙي ڪانپوءِ مونکي ايڌي فائونڊيشن مان فون آيو تہ هڪدم ڪراچي پهچان جو هڪ تازو ئي ڄاول ڇوڪريءَ جي ماءُ گذاري وئي آهي ۽ پيءُ غربت سبب ڇوڪري سانڍڻ جو ٻل نٿو رکي. هڪ بہ پل وڃائڻ ڪانسواءِ جهاز جو ٽڪيٽ حاصل ڪيم ۽ ڪجهہ ڪلاڪن اندر ڪراچي پهچي ايڌي هوم ۾ ٻارڙي هنج وٺڻ جي رسمي ڪاروائي ۾ رڌل هئس.

ايڌي فائونڊيشن ذريعي ٻار هنج وٺڻ وارو عمل انتهائي ڳانڍاپيل ۽ شفاف هو. ڪين ان سان ڪو سروڪار نہ هو تہ منهنجو وهان ٿيو آهي يا نہ، مڙس ڪير هو؟ طلاق ڇو ٿي؟ آئون اڪيلي سر ٻار ڪيئن سانڍي سگهنديس؟ ڪين هڪ ڳالهہ جي ضمانت گهربل هئي تہ ڇا آئون سماجي، نفسياتي ۽ مالي حوالي سان ٻارڙي سانڍڻ لائق آهيان يا نہ. ايڌي فائونڊيشن ڪان ٻارڙي هنج وٺڻ جي اها ڪاروائي هفتو ڪن هلي.

ٻيو مرحلو سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪان اجازت نامو حاصل ڪرڻ جو هو. ايڌي فائونڊيشن جو هڪ عيوضي قانوني ڪاروائي دوران هر وقت مون سان گڏ رهيو. سنڌ هاءِ ڪورٽ جو ورتاءُ، سنگل مدر جي حوالي سان انتهائي مثبت ۽ اڻ ڏريو هو. هڪ ڀيرو بہ مون ڪان منهنجي سماجي حيثيت بابت ڪو سوال نہ ڪيو ويو. جيتوڻيڪ اهي مرحلا ڏکيا ۽ ٿڪائيندڙ هئا پر مونکي ڪراچيءَ

۾ ڪنهن بہ اداري طرفان ڪنهن توهين پرئي ورتاءُ جو منهن نہ ڏسڻو پيو، جنهن مان اندازو ٿيم تہ سنڌ پاڪستان جو اڃان تائين هڪ روشن خيال خطو آهي.

پاڪستان ۾ ٻار هنج وٺڻ سان لاڳاپيل ڪو قانون ناهي جڏهن تہ ٻار کي پنهنجي سرپرستيءَ ۾ آڻڻ بابت 1890 جو قانون موجود آهي. انهيءَ قانون تحت منهنجو نالو بہ ٻارڙيءَ جي فارم ۾ سرپرست طور لکيو ويو.

لڳ ڀڳ هڪ مهينو ڪراچيءَ ۾ سمورين قانوني ڪارواين پورين ڪرڻ ڪانپوءِ جڏهن خير خوبيءَ سان ٻارڙيءَ کي اسلام آباد آندم تہ هڪ ٻئي پيڙا پري صورتحال منهنجي اوسيئڙي ۾ هئي.

ٽيون مرحلو نادرا آفيس مان ٻارڙيءَ جو "ب" فارم حاصل ڪرڻ هو. ڪيترن ئي ڏينهن جي مغز ماري ۽ هڻ هٽان ڪانپوءِ "ب" فارم منهنجي هٿ ۾ آيو تہ سندم چوڏهن طبق روشن ٿي ويا. ڪيترن ئي ڏينهن جي ڀڄ ڊُڪ جي باوجود "ب فارم "تي ولديت جي خاني ۾ هڪ فرضي نالو درج ٿيل هو جڏهن تہ ڪاروائي دوران نادرا انتظاميا کي ڪيترائي ڀيرا ٻارڙيءَ جو ڀيءُ نہ هئڻ بابت ٻڌائي چڪي هئس ۽ سمورن فارمن ۾ پنهنجو اسٽيٽس سنگل ئي لکيو هئم.

منهنجي پڇا ڪرڻ تي نادرا وارن مونکي ولديت جي اهميت تي ليڪچر ڏيڻ شروع ڪري ڏنو جڏهن تہ مون پنهنجي سموري سگهہ ڪين اِهو سمجهائڻ تي ڪپائي تہ جناب! آئون هڪ عالمي اداري ۾ ڪم ڪندي آهيان ۽ ايندڙ هفتي پنهنجي ٻارڙيءَ سان گڏ پرڏيهہ وڃڻ واري آهيان. ولديت جي خاني ۾ ڪوڙي نالي تي مونکي هوائي اڏي تي ئي جهليو ويندو ۽ هيومن ٽريفڪنگ جو الزام ڏار لڳندو پر سندن ڪن تي جون بہ نہ سُري ۽ آئون جذباتي ٿي روئڻ لڳيس ڇاڪاڻ جو هيل تائين سمورا مرحلا قانون موجب ئي طئي ڪندي پئي آيس پر هن مرحلي تي منهنجي همت جواب ڏيڻ پئي لڳي.

انهن سمورن صبر ٽوڙ مرحلن دوران منهنجا ماءُ ڀيءُ هر ڏکئي پل منهنجي ڪلهي سان ڪلهو ملائي بيٺا. سندن ئي صلاح تي نادرا جي اعليٰ عملدارن کي ٽڪرڙ ۾ فون ڪيم جن مان ڪن سان ڪيترائي سال اڳ مختلف منصوبن تي ڪم ڪري چڪي هئس. هُنن ذاتي طور تي جلد کان جلد

ٻارن جو پيٽ پالي رهيون آهن. انڪري انهن سوالن تي بہ ضرور ويچارڻ گهرجي تہ جنهن ملڪ ۾ پئدا ٿيندڙ هر ٻار اڄ لڳ ڀڳ ہ لک اسي هزار رپين جو قرضي آهي، جتي ٻارن جي تعليم، صحت ۽ بنيادي سهولتن جي کوٽ آهي، جتي اڄ بہ پوليو جو مرض موجود هجي ۽ انساني زندگي سستي هجي اُتي آباديءَ جي روڪٿام لاءِ قانون ڇو نہ بڻايا وڃن؟ ۽ اولاد کان محروم ماءُ پيءُ يا سنگل پيرنٽ لاءِ ٻارن کي هنج وٺڻ جي قانون ۽ مرحلن کي نسبتاً سولي عمل ۾ تبديل ڇو نہ ٿو ڪري سگهجي؟

# گهائل آڱريون پنهنجون

نومبر جي وچ ڌاري سياري واري مُند جي پهرين برسات ئي ڪوئيٽا ۾ گرمي داپ ڪيرائي ڇڏيندي آهي، جنهن ڪري ٿڌ جي شدت ۾ هڪدم اضافو ٿي ويندو آهي. بلوچستان جا خشڪ سيارا انتهائي ماٺيهو-مار هوندا آهن. تيرهن ورهين جي آمنا بيبيءَ کي اهڙي مُند ۾ غاليچا اُڻڻ لاءِ صبح سوير ننڊ مان اُٿي غاليچا ناهڻ واري ماڳ پهچڻ انتهائي ڏکيو لڳندو آهي.

آمنا بيبي پنهنجي پاڙي جي ٻن ساهيڙين سوڌو ڪوئيٽا جي جڳ مشهور سرياب روڊ جي پويان هڪ ڳتيل آباديءَ واري علائقي جي رهاڪو آهي جتي ڏينهن رات غربت، ڏکيائين ۽ جهالت جو تماشو هلندو رهندو آهي. غربت جي ڏيڍ ۾ قاتل هوندي به ڪٽنب جا مرد ٻه ٽي وهان ڪرڻ ۽ درجن ڪن ٻار ڄڻڻ ۾ ڪو عيب نه پائيندا آهن. ظاهري طور تي ان جا سبب جهالت، شعور ۽ ادراڪ نه هئڻ ۽ مدي خارج روائتن تي فخر ڪندو رهڻ آهن.

انهن سمورين حالتن ۾ سڀ کان وڌيڪ مظلوم طبقو عورتون آهن، پوءِ پل هو زال، ماءُ، ڀيڻ يا ڌيءَ هجن. بيون رحم جوڳيون اُهي ننڍي چمار واريون ڇوڪريون آهن جيڪي پيدا ته ڪيون ٿيون وڃن پر سندن وجود سڄي حياتي هئڻ، نه هئڻ وچ ۾ لٽڪيل ئي ٿو رهي، ايستائين جو گهر ۾ به سندن ڪا سارسنڀال نه هوندي آهي.

بلوچستان جي صوبائي حڪومت غاليچا ناهڻ واري صنعت کي نئين سر هٿي ڏيڻ لاءِ هڪ مثبت قدم کنيو آهي ۽ ڪوئيٽا شهر جي پسگردائيءَ ۾ درجنن جي ڳاڻيٽي ۾ غاليچا ناهڻ جا مرڪز قائم ڪيا آهن. هر

محروم ۽ غاليچا اُڻڻ تي مجبور آهن. جن آگرين ۾ قلم هئڻ گهرجي سي گهاوَن وگهي گهايل آهن.

آمنا بيبي انهن سمورن ۾ سڀ کان ننڍي آهي. اهو سندس انهيءَ مرڪز ۾ ڇهريون سال آهي. سال جي ڇهرين خشڪ تڏ پوندي ئي سندس ننهي هٿن جون نازڪ ۽ سنهڙيون آگريون فريم تي ٻڌل غاليچي جي تاڻيل ڌاڳن کي لاڳيتو ڪپيندو رهڻ ڪري چلجي زخمي ٿي چڪيون اهن ۽ خاص طور تي هن مُنڊ ۾ آمنا بيبيءَ جي آگرين جي زخمن مان رت ڳمڻ ڪري وڏيڪ پيڙا جو سبب بڻجي ويون آهن. ٻيون ٻارڙيون جيئن تہ اڳي کان انهيءَ ڪرت ۾ آهن انڪري هو اهڙا گهاوَ سهڻ جون عادي ٿي چڪيون آهن يا وري ڪين اندازو آهي تہ انهيءَ پيڙا کان ڇاڄ ممڪن ناهي.

هٿ سان اُڻيل غاليچن جو ڪو مَٽ نہ هوندي بہ اِها صنعت هاڻ زوال پذير آهي. مشيني غاليچن جي سستي موجودگي ۽ حڪومت طرفان نظرانداز ڪرڻ وارو سياءُ هن صنعت سان لاڳاپيل پورهيتن ۽ هنرمندن لاءِ ڳڻتيءَ جو پل اهي.

آمنا بيبيءَ ۽ ٻين ٻارڙين کان جڏهن سندن اُجرت بابت پڇيا ڪئي وئي تہ اِهو ڄاڻي شديد اچرج لڳو تہ اهڙي نفيس ۽ من کي ڇهندڙ غاليچن جن جي اُڻت لاءِ مهينن جا مهينا گهربل هوندا آهن ۽ آگريون زخمي ڪرڻيون پونديون آهن، جي هڪ مهيني جي پورهئي جو معاوضو فقط ٻہ هزار رپيا؟ انهن ٻن هزار رپين کي ٻاويهن ڏينهن ۾ ونڊي ڏسو. مهانگائي واري هاڻوڪي راڪاسي دور ۾ معصوم ٻارن کي ملندڙ اُجرت فقط نوي روپيا ڏيهاڙي ۽ سا بہ ماهوار نئي ڏني وڃي پر ڪڏهن ڇهن مهينن ۽ ڪڏهن ڪڏهن تہ سال جي پڄاڙي ۾ تي ڏني وڃي. انهيءَ ڪري ڪيترا ئي ٻار وقت سر اُجرت نہ ملڻ ڪري ٿوري ئي عرصي ۾ تراس ٿي انهن مرڪزن تي اچڻ ئي ڇڏيو ڏين. ٻارڙين کان جڏهن اِهو پڇيو ويو تہ حڪومت طرفان اوهانکي ڪيترو معاوضو ملڻ گهرجي تہ هو ڪنڌ نمائي اڌ اُڻيل غاليچن جي اُڻت ۾ ئي جنبيل رهيون.

انهيءَ مرڪز جي هڪ ماسترياڻيءَ ٻڌايو تہ ڪيترائي ڀيرا اسان اُستادن ۽ ٻارڙين انتظاميا کي اجرتن ۾ واڌ جي وينتي ڪئي آهي پر ڪا شنوائي نہ ٿي آهي. انهيءَ ڪري هر ڪجهہ عرصي کانپوءِ ڪجهہ ٻار ڪم

ڪار ڇڏي گهر وڃي ويهي رهندا آهن، وري اسين ٻوڙ ڏک ڪري سندن گهرن تي وڃي کين پرچائي وٺي ايندا آهيون. غاليچا اُڻڻ جو ڪم سيکاريندڙ انهيءَ ماستريائيءَ جو اها ڳالهه ڪندي هر هر ساهه ٽي پرجي آيو ۽ کيس کنگهه جو جڻ دورو ٿي پيو. پڇا ڪرڻ تي ٻڌايائين ته کيس ساهه جي اها بيماري ٻه سال کن اڳ لڳي ۽ سياري جي مُند ۾ اِها ايتري شديد ٿي ويندي آهي جو ڪيترن ئي ڏينهن تائين نڙيءَ مان آواز ئي نه نڪرندو آهي. ڊاڪٽرن موجب کيس دم جو اِهو مرض غاليچا اُڻڻ سبب ئي ٿيو آهي. اِها ماستريائي اڄ کان ڇهه سال اڳ هن ئي مرڪز ۾ غاليچا اُڻڻ سکڻ آئي هئي ۽ سگهو ئي بهترين ڪاريگر بڻجي ساڳي مرڪز ۾ سيکارڻ لڳي.

غاليچن جي اُڻت دوران ريشمي يا اوني ڌاڳن يا سُٽ جي اڏامندڙ ذرڙا فضا ۾ هر پاسي وکريل نظر ٿا اچن جيڪي ساهه ذريعي اُتي موجود سمورن ڪاريگر ٻارن ۽ استادن جي ڦڦڙن ۾ داخل ٿي دم ۽ ساهه جي بيمارين جو سبب بڻجي رهيا آهن. انجي تدارڪ لاءِ ڪو به عملي اُپاءُ نظر نٿو اچي، ايستائين جو اُڻت دوران ٻارن ۽ اُستادن جي چهري تي ماسڪ به نٿو هجي، انڪري غاليچي سازيءَ ۾ رُڌل ڪاريگر ٻارن ۽ انهن مرڪزن جي عملي کي ان حوالي سان باقاعدگي سان ڄاڻ فراهم ڪرڻ جي ضرورت آهي، خاص طور تي غاليچا اُڻڻ دوران سموري عملي ۽ ڪاريگرن کي چهري تي ماسڪ چاڙهڻ جي شديد ضرورت آهي. غاليچي سازيءَ ۾ مهارت حاصل ڪرڻ لاءِ لاڳيتو چار پنج سال ڪشالا ڪڍي ڪم سکڻو ۽ ڪرڻو پوندو آهي، جنهن ڪانپوءِ ڪاريگر ان لائق بڻبو آهي جو غاليچو اُڻي سگهي ۽ هڪ ٻن مهينن ۾ غاليچو تيار ڪري سگهي. بهرحال گهٽ اُجرت سبب جڏهن ٻار ڪم ڇڏي ويندا آهن ته مرڪز کي ڪيترائي پيرا بند به ڪرڻو پئجي ويندو آهي. ڪرونا جي وبا به هن صنعت تي انتهائي ناهڪاري اثر وڌا. ٻن سالن تائين غليچا اُڻڻ جا سمورا مرڪز بند رهيا جنهن سبب عملو ۽ ڪاريگر ٻار بيروزگار ٿي ويا جڏهن ته مرڪزن ۾ رکيل مشينون ۽ ٻيو لوهي سامان زنگ لڳڻ سبب بيڪار ٿي ويو. ڪو سوا ٻه سال غاليچا اُڻڻ وارو ڪم بند رهڻ ڪانپوءِ عملي جي انتهائي زور پرڻ تي حڪومت انهن مرڪزن کي نئين سر بحال ڪيو. هاڻ انهن ادارن ۾ غاليچا اُڻڻ سان گڏوگڏ اوسي پاسي رهندڙ ٻارڙين کي سلائي ۽

پرت وغيره سيکارڻ وارين ڪلاسن جو پڻ بندوبست ڪيو ويو آهي، جيڪو هڪ چڱو قدم آهي پر حڪومت کي انهن مرڪزن ۾ غاليچا اُڻڻ يا سلائي ۽ پرت سکڻ لاءِ ايندڙ ٻارن کي بنيادي تعليم فراهم ڪرڻ جو پڻ جوڳو بندوبست ڪرڻ گهرجي ته جيئن هنر سان گڏوگڏ ٻار گهٽ ۾ گهٽ لکڻ پڙهڻ به سکي سگهن.

حڪومت جيڪڏهن واقعي غاليچا اُڻڻ واري صنعت کي پيهر پنهنجي پيرن تي بيهارڻ چاهي ٿي ته اهڙن مرڪزن جو عملي دائرو اجائين وڌائڻو پوندو. مرڪزن کي جديد سهولتون فراهم ڪرڻ سان گڏوگڏ ڪاريگر ٻارن جي اُجرت ۾ اضافو ڪرڻ انتهائي ضروري آهي نه ته ٻارن ۾ پنهنجي محنت جو پورو اُجورو نه ملڻ تي اِهو هنر سکڻ جو چاهه نه رهندو. اسانجي رياست ۽ حڪومتون پوين پنجهتر سالن دوران ٻارن جي لڳ ڀڳ ٽين حصي کي تعليم ۽ صحت جهڙيون بنيادي سهولتون مفت فراهم ڪرڻ ۾ مڪمل طور تي ناڪام رهيون آهن. سو گهٽ ۾ گهٽ اهڙن ادارن جي بجيٽ ۾ ئي واڌ ڪن ته جيئن گهٽ ۾ گهٽ انهن غريب ٻارن کي هنرمند شهري ته بڻائي سگهجي.

ٻئي پاسي پاڪستاني معاشري ۾ روزانو اهڙا ڪيترائي واقعا پيش ٿا اچن جن ۾ نام نهاد شريف ماڻهو ٻارڙن سان ڏاڍاين واريون حرڪتون ڪندي پڪڙجي ٿا پون. ڪيترين ئي معصوم ٻارڙين کي بالغ ٿيڻ کان اڳ ئي جنسي ڏاڍائي جو نشانو بڻائي ڪچري جي ڍير تي يا ڪنهن ويراني ۾ اڇلائڻ وارا سندن پنهنجا ئي ويجها مٽ مائٽ يا پاڙيسري هوندا آهن. پنهنجي ملڪ واسين کي کلئي عام اقليتن خلاف ڀڙڪائڻ تي، سندن گهر ٻار ساڙڻ ۽ قتل ڪرڻ تي سندن ڪنڌ لڄ وگهي نٿا جهڪن. ظاهر آهي تہ هيءَ قوم پنهنجي ڪرپ ڏيارينڌڙ عملن تي لاڳيتو ايترو ڪرندي آئي آهي جو هاڻ تہ اِها بيحس ٿي زمين تي ڦهڪو ڪري چڪي آهي. پر ڇوڪرين جو سوٽهن جي چٽاڀيٽيءَ ۾ حصو وٺڻ؟ توبهن زاري، انهن مخصوص ذرين جي فردن جي نظر ۾ اِهو نہ رڳو گناهہ ڪبيرہ آهي پر استغفرالله اِها تہ کلئي عام ملڪ ۽ ثقافت خلاف سازش پڻ آهي.جيئن ئي اِها خبر سامهون آئي بس پوءِ ڇا هو جو سڄو ملڪ جيڪو ان کان اڳ روزگار جي فڪر ۽ مهانگائي جي طوفان جي ور چڙهيل هو، هڪدم گوگل سرچ تي لڳي ويو ۽ سوٽهن جي چٽاپيٽيءَ جي سمورن اُميدوارن جو بڻ بڻياد کوٽي لهڻ ۾ جُنبي ويو.

اچرج تہ ان ڳالهہ جو آهي تہ ٻيا مسلمان ملڪ جهڙوڪ ترڪي، ملائشيا، مصر، بنگلاديش، بحرين، قازقستان، انڊونيشيا، ڪوسوو، ڪرغزستان، لبنان ۽ مراڪش ڇا غير مسلم ملڪ آهن؟ اهڙن مسلمان ملڪن جي هڪ ڊگهي فهرست آهي جتي ڇوڪريون رياستي سرپرستيءَ ۾ سوٽهن جي اهڙين عالمي چٽاپيٽين ۾ ڪنهن هڪ ڪانسواءِ اوڇي ڳالهہ شامل ٿينديون آهن تہ پوءِ پاڪستان مان ايريڪا رابن جهڙي دلير ۽ پراعتماد ڇوڪريءَ تي ڏمرپٽو ڇو؟.

ارڙهين صديءَ جي هڪ فرانسيسي ناٽڪ ۾ "ڊمب بلونڊ" جو اصطلاح استعمال ٿيو هو. انهيءَ اسٽيريو ٽائيپ سوچ کي 1950 ۽ 1960 وارن ڏهاڪن دوران هاليووڊ هٿي ڏني، بهرحال وقت گذرڻ سان انهيءَ مدي خارج سوچ ۾ گهٽتائي بہ آئي آهي ۽ اهڙو اصطلاح استعمال ڪندڙن تي ڇوهہ بہ ڇنڊيا ويا آهن. پر انهيءَ اسٽيريو ٽائيپ سوچ کي ختم ڪرڻ لاءِ انهن فردن تمام گهڻي محنت ڪئي جن رڳو سوٽهن جي بنياد تي ڊمب يا بيوقوف ۽ رڳو

سيڪس سيمبل ڪي سمجهيو ٿي ويو جڏهن ته اسانجي معاشري ۾ اڄ به اها ساڳي سوچ رائج آهي. سهڻي يا معمولي شڪل صورت وارو انسان معمولي عقل ڏاهپ وارو به ٿي سگهي ٿو ته انتهائي ذهين پڻ، ان ڪي رڳو سونهن سان ڳنڍڻ چسائپ آهي. ظاهري سونهن يا ڪوجهائپ جو دماغي يا جسماني صلاحيتن سان پلا ڪهڙي ڏيتي ليتي؟

انهيءَ سموري پڙهاڙ جو مقصد اِهو ٻڌائڻ آهي ته اِهو رڳو جسماني نماءُ جو شو ناهي پر سونهن جي اهڙين چٽاپيٽين ۾ حصو وٺندڙ سندريون نه رڳو ظاهري طور تي پر ذهني طور تي به سهڻيون ۽ تيز ترار هونديون آهن، پراعتماد هونديون آهن، پنهنجو پاڻ تي پروسو رکندڙ هونديون آهن. دنيا ۾ هر عمل تي سولائي سان چوهه چندي سگهجن ٿا پر جهڙي ريت ڪجهه اڻنگيون تصويرون ۽ ويڊيو اڪثر وائرل ٿا ٿين ۽ جن کي ڏسي ڪرهت ٿي لڳي ۽ لڄ وچان ڪنڌ جهڪي ٿا پون، گهٽ ۾ گهٽ سونهن جون اهڙيون چٽاپيٽيون ڏسي اهڙي ڪيفيت ته هرگز نٿي ٿي سگهي. سادي سودي ڳالهه آهي ته جيڪڏهن سماج جي ٺيڪيدارن کي اهڙن ڪاڄن ڪا ڪو مسئلو آهي ته ڪين پنهنجي ڪم سان ڪم رکڻ گهرجي نه ڪي ٻين جي معاملن ۾ ٽنگ ڦاسائڻ.

هئڻ ته اِهو گهربو هو ته انهن سهڻين ۽ حوصلي پرئي ڇوڪرين کي همٿائجي ها ۽ سندن اعتماد کي ساراهجي ها پر افسوس اسانجو معاشرو اهڙين سهڻين، ذهين ۽ پُراعتماد ڇوڪرين کي ڪارنهن جو ٽڪو بڻائي ٿو ڇڏي.

# جنريشن زي-پوئٽي پيل يا اُسريل

جيڪڏهن هن وقت اوهانجي ڄمار پنجاهه ورهيه آهي ۽ اوهانجا ٻار ويهن کان پنجويهن ورهين جي ڄمار وارا آهن ته يقيني طور تي ٻنهي نسلن جي فڪري لاڙن، نظرين ۽ سماجي قدرن ۾ هڪجهڙائپ نه هئڻ ڪا اچرج جوڳي ڳالهه ناهي. اصل ۾ انکي ئي جنريشن گيپ چئبو آهي. جنريشن گيپ اصل ۾ ٻن نسلن وچ ۾ مذهبي، سماجي، ثقافتي ۽ سياسي عقيدن ۽ نظرين ۽ روين ۾ تضاد جو نالو آهي.

اسيءَ وارو ڏهاڪو اسانجي ننڍپڻ جو دور هو جڏهن گڏيل ڪٽنبي سرشتي جو رواج هو ۽ پورو گهراڻو هڪ شخص جي ڪمائيءَ تي گذر سفر ڪندو هو. انفرادي ڪٽنب ايڪڙ ٻيڪڙ ئي نظر ايندا هئا. بزرگن جي ڳالهه حتمي ليکي ويندي هئي ۽ ان سان ڪنهن قسم جو اختلاف بد تهذيبي سمجهي ويندي هئي. گهٽيءَ جي ٻارن جون سائيڪلنگ ڪرڻ، اکپوت، پٺو، ڪوڪو ۽ ڊوڙڻ ڊڪڻ واريون رانديون کيڏڻ وٺندڙ وندرون هيون. ٽيليويزن تي پي ٽي ويءَ کانسواءِ ڪنهن ٻئي چينل جو هئڻ تصور کان ئي ٻاهر هو. ڪنهن گهر ۾ ٽيليفون ۽ رنگين ٽي وي هئڻ سندن سگهه ستابي هئڻ جي نشاني هئي. گهر جو ڪاڌو پيتو مزي سان کائبو هو ۽ ان ۾ پسند يا ناپسند جي ڪا گنجائش نه هئي. آئوٽنگ، هوٽلنگ ۽ سينيما ۾ فلم ڏسڻ عياشيءَ جا ڪم هئا جڏهن ته هينگ آئوٽ جو لفظ اڃان ايجاد نه ٿيو هو. جيئري رهڻ يا معاشي بقا جا مسئلا اُن وقت به هئا پر انهن جي نوعيت هاڻوڪي حد جهڙي خطرناڪ نه

هئي.

ڇا اوهين سمجهو ٿا تہ ماضيءَ جي انهن ڳالهين سان اسانجا پار ڪو تعلق محسوس ڪري سگهن ٿا؟ شايد نہ!

زندگيءَ جا رنگ ڍنگ مليني‌م ڪانپوءِ سڄي دنيا ۾ بدلجي چڪا آهن. يورپ ۽ امريڪا ۾ 1997 کان 2012 تائين واري عرصي دوران پيدا ٿيندڙ نسل کي محققن جنريشن زي (Generation Z) جو نالو ڏنو آهي ۽ جيئن تہ پاڪستان ۾ ٽيڪنالوجي ڪجهہ دير سان آئي آهي انڪري هتي اِهو نسل سال 2000 کانپوءِ وارو آهي. جنريشن زي کي ڪيترن ئي حوالن سان اُداس نسل سڏي سگهجي ٿو. ڊجيٽل دور جو انقلاب، مالي عدم استحڪام، معاشي عدم توازن، گلوبل وارمنگ سبب خراب ٿيندڙ موسمياتي تبديليون ۽ ڪووڊ 19 جهڙي وبا ۾ اُسريل انهيءَ نسل جا سياسي، سماجي ۽ مذهبي لاڙا پنهنجي پوين نسل کان بنهہ مختلف آهن. سوچڻ جوڳي ڳالهہ اِها آهي تہ اِهو نسل هڪ اهڙي دور ۾ پنهنجي ڄمار جون منزلون طئي ڪري رهيو آهي جڏهن هر پاسي غير يقيني صورتحال آهي. ان هوندي بہ جنريشن زيءَ جون خصوصيتون هر ملڪ ۾ پنهنجي پنهنجي مخصوص حالتن پٽاندر آهن ۽ انکي عموميت جو رنگ ڏيڻ ڪنهن بہ ريت درست نہ ٿيندو.

مليني‌م يا جنريشن واءِ، جنريشن زي کان اڳ وارو نسل ليکجي ٿو جنهن پنهنجي اکين آڏو ڊجيٽل انقلاب ايندي ڏٺو پر ڪين اُهو دور بہ ياد آهي جڏهن هو انهن ڊجيٽل اوزارن کانسواءِ بہ پنهنجي زندگي ڀرپور ريت گذاري رهيا هئا. جڏهن تہ جنريشن زيءَ وٽ انٽرنيٽ، سوشل ميڊيا، واءِ فاءِ، اسمارٽ فون، ليپ ٽاپ کانسواءِ دنيا جو تصور ئي ممڪن ناهي. جتي ان نسل ۾ صبر ۽ ڌيان ڌرڻ جي کوٽ، گهٽ عرصي واريون دلچسپيون، ڪاوڙ ۽ سماج ويري ورتاءُ معمول جون ڳالهيون آهن، اُتي ئي جنريشن زيءَ کي وڌيڪ لبرل، سيڪولر ۽ روشن خيال پڻ ليکيو ٿو وڃي. ڪين نہ رڳو پنهنجي سڃاڻپ جو ادراڪ آهي پر جن طبقن ۽ پرتن سان پوين نسل وارا ڌڪار ڀريو ورتاءُ رکندا آهن، تن جي حق ۾ هيءُ نسل سدائين آواز اُٿاريندو ٿو رهي. مثال جي طور تي امريڪا ۾ بليڪ لائيف ميٽرز ۽ ٽرانس جينڊر حق ذڪر جوڳا آهن. گلوبل وارمنگ جا مسئلا ۽ ايل جي بي ٽيءَ جا حق هن نسل کي از بر ياد آهن ۽ هو

انهن ماهرن تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه جي مهارت به رکن ٿا. آن لائين چانڊ ميسر هئڻ ڪري ڪين ڪيترن ئي پاسن پهلوئن جو پلي پت پتو آهي.

اُسريل ملڪن ۾ زي نسل جا فرد پنهنجي ذاتي زندگيءَ ۾ ڪنهن به مداخلت جا قطعي حامي ناهن ۽ نه ئي وري اهو نسل ٻين جي معاملن ۾ ٽنگ اٽڪائڻ چاهي ٿو، انجو سبب شايد ان نسل جي خود پسندي ڪي ليکي سگهجي ٿو پر انجو اهو به مطلب ناهي ته ڪو هو پنهنجي گهر ڀاتين، دوستن يارن يا اوسي پاسي رهندڙن جي مسئلن ۾ ڪا دلچسپي نٿا رکن پر انهيءَ پهلو تي وٽن اهو جواز موجود آهي ته پنهنجي بقا، ترقي ۽ خوشيءَ جا ذميوار جيئن ته هو پاڻ آهن انڪري سڀ کان پهرين پنهنجو پاڻ تي ڌيان ڏيڻ ضروري آهي.

دنيا ۾ جنريشن زي جي اڪثريت وهان جي اداري کان پاسو ڪندي ٿي نظر اچي، وهان ڪرڻ انهيءَ نسل لاءِ مرڪزي نه پر ثانوي حيثيت اختيار ڪري چڪو آهي، انجي اُبتڙ ڪي ن پنهنجي شخصي آزادي ۽ ڪيريئر ناهڻ ۾ وڏيڪ دلچسپي هجي ٿي، خاص طور تي ڪووڊ ١٩ ڪانپوءِ جنريشن زيءَ ورڪ فرام هوم، آن لائين شاپنگ ۽ فوڊ ڊليوريءَ کي سولائي سان قبول ڪيو آهي جڏهن ته ڪاپي جي سڀ کان وڏي مارڪيٽ به انهيءَ نسل جا فرد آهن. حالتن ۽ بقا جي مسئلن سبب جنريشن زي پنهنجو پاڻ کي بند گهٽيءَ ۾ ٿي محسوس ڪري، جنهن ڪري اهو نسل ذهني دٻاءُ، نراسائي ۽ انيڪ نفسياتي مونجهارن ۽ مرضن جو به ٻين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ شڪار آهي.

پاڪستان جو ڳاڻيٽو انهن ملڪن ۾ ٿئي ٿو جن ۾ جنريشن زي وڏي تعداد ۾ موجود آهي. جيڪڏهن پاڪستان جي جنريشن زيءَ جي ڀيٽ دنيا جي ٻين اُسريل ملڪن سان ڪئي وڃي ته ملڪ اندر ئي انهيءَ نسل سان تعلق رکندڙ مختلف لاڙن ۽ نظرين وارا فرد ملي ويندا.

پاڪستان جي ابتر معيشت ۽ بيروزگاريءَ سبب جنريشن زي انتهائي مايوسي ۽ مونجهاري جو شڪار آهي. جڏهن رياست طرفان تعليم ۽ روزگار جا موقعا فراهم نه ڪيا ويندا ته هيءُ نسل پنهنجو پاڻ کي غير محفوظ تصور ڪندو. غربت سبب نوجوانن جو هڪ وڏو تعداد تشدد ۽ مذهبي ڪٽرپڻي ڏانهن مائل آهي، اهو ئي سبب آهي جو پاڪستاني زي نسل جي

اڪثريت ٻين جي مذهبي عقيدن، روائتن ۽ ڪلتبي معاملن ۾ نہ رڳو تنگ اتڪائڻ پنهنجو فرض ٿي ليکي پر ڪنهن بہ قسم جي تشدد کان بہ نٿي ڪيٻائي. جڙانوالا واقعي کانوٺي اسلام آباد سبزي منديءَ ۾ پيار جو پرٽو ڪرڻ تي پاءُ هٿان پيڻ جي قتل تائين، جهڙا واقعا روزانو اسانجي معاشري ۾ ٿيندا ٿا رهن. ٽرانس جينڊر ۽ گلوبل وارمنگ جهڙن حساس موضوعن تي اسانجي نوجوان نسل جي اڪثريت جا ويچار انتهائي دقيانوسي ۽ پوئتي پيل آهن. هاجو اِهو آهي تہ پاڪستان ۾ ان نسل جي رسائي ۾ ايڪويهين صديءَ جي ٽيڪنالوجي تہ آهي پر ذهني بلوغت ۽ شعور جي ڏسا ۾ نہ رڳو هيءَ نسل پر پوين نسلن جي اڪثريت بہ اجان تائين چوڏهين صديءَ ۾ ڦٿڪي رهي آهي.

ٻئي پاسي پاڪستان ۾ جنريشن زيءَ جو تمام ننڍڙو حصو هڪ اهڙي اعليٰ طبقي جي فردن تي ٻڌل آهي جيڪي ڪجھ وڌيڪ تعليم پرايل، روشن خيال، روزگار سان لڳل ۽ مالي طور تي مستحڪم آهن ۽ سندن مسئلا لڳ ڀڳ اُهي ئي آهن جيڪي ٻين اُسريل ملڪن جي جنريشن زيءَ وارن کي لاڳو آهن، يعني والدين ۽ ٻارن وچ ۾ وٿي ۽ فاصلو وڌندو پيو وڃي. منهنجون بہ ننڍيون ڌيئرون پڻ انهيءَ نسل سان تعلق رکن ٿيون ۽ مونکي سندن سمورن مونجهارن، فڪرن ۽ سوالن انهيءَ نسل کي سمجهڻ ۾ تمام گهڻي مدد فراهم ڪئي آهي. هاڻ سوال اِهو ٿو سامهون اچي تہ جنريشن زي ۽ پوين نسلن وچ ۾ انهيءَ وٿيءَ کي جيڪڏهن ختم نہ تہ بہ گهٽائي ڪيئن سگهجي ٿو؟ انجي سڀ کان وڏي ذميواري تہ رياست تي آهي تہ ملڪي معيشت کي بهتر بڻايو وڃي، مذهبي ڌڪار ۽ ڪتريٽو ڀڪيڙڻ کان پاسو ڪجي ۽ روزگار جا هڪجهڙا موقعا فراهم ڪرڻ سان گڏوگڏ شهري ڏاهپ واري تعليم کي لازمي قرار ڏنو وڃي. ٻئي پاسي گهر جو ماحول ٻارن لاءِ نهڪندڙ بنائڻ ضروري آهي. شايد اسانکي پنهنجي دور جي چڱاين ۽ اعليٰ روائتن جو روڄ پٽڪو ڪرڻ بدران نئين نسل جي ڳالھ تي ڌيان ڌرڻ جي ضرورت آهي نہ تہ اِهو نسل پنهنجي والدين کان اجائين وڌيڪ پرپرو ٿي ويندو.

هڪ ننڍڙو مثال ئي وٺو تہ اسين اڪثر نئين سنگيت ٻڌڻ کان لنوائيندا آهيون ۽ پنهنجي ماضيءَ ۾ ئي قائل رهندا آهيون. جيڪڏهن اسين

پنهنجي ٻارن کي وٽندڙ سنگيت، فلمون ۽ ناٽڪ ساڻن گڏجي ويهي ڏسڻ ۽ ڳالهائڻ سان اسين پنهنجو پاڻ کي توانو ۽ زندگيءَ سان ڀرپور محسوس ڪنداسين ۽ انهيءَ ريت ٻارن سان به اسانجو ڳانڍاپو جڙندو. جڏهن پنهنجي ٻارن جي پسند کي ترجيح ڏينداسين ته يقيني طور تي جلدي يا دير سان هو به اسانجي پسند کي ضرور واکاڻيندا. ٻئي اهم ڳالهه اها سمجهڻ گهرجي ته جيستائين اسين سندن روزمره وارا مسئلا ڌيان ۽ دلچسپيءَ سان نه ٻڌنداسين تيستائين اسانکي سندن نفسياتي مونجهارن جو به اندازو ٿي نه سگهندو ۽ نه ئي اسين کين ڪا بهتر صلاح ڏئي سگهنداسين. انڪري ڳالهه ٻولهه جا دروازا سدائين کليل رکو.

جنريشن چاهي ايڪس، وائي، زي يا الفا هجي، اصل ۾ هر دور جون پنهجون گهرجون هونديون آهن جيڪي وقت جي لحاظ کان بدلبيون رهنديون آهن. جيڪڏهن ٻن نسلن وچ ۾ وٿي گهٽائڻي آهي ته پوئين نسل کي نئين نسل سان نهڪي اچڻ ۾ پهل ڪرڻي پوندي.

ليڪين،

پيرد، پري مينوپاز يا مينوپاز عورت جي زندگيءَ جا اهم دور آهن جيڪي هر عورت کي فخر ۽ مثبت انداز سان قبولڻ گهرجن. ماهواري ۽ مينوپاز شروع ٿيڻ کان اڳ ئي ان سان لاڳاپيل سمورن مسئلن تي ڪنهن هيڪ ڪانسواءِ ڳالهائڻ سان ئي عورتون وقت اچڻ تي انڪي بهتر نموني سان حل ڪري ٿيون سگهن.

مينوپاز بابت مردن ۽ عورتن جي اڪثريت انهيءَ تاثر جو به شڪار آهي ته عورت انڪانپوءِ جيئن ته ٻار ڄڻڻ لائق نٿي رهي سو هوءَ بيڪار بڻجيو وڃي. سڀ کان پهرين عورتن کي انهيءَ سوچ کان آجپو حاصل ڪرڻ ضروري آهي ڇاڪاڻ جو زندگيءَ ۾ سيڪجهه مڪمل نه هوندو آهي، انڪري جيڪو ڪجهه حاصل آهي تنهن ۾ بهتري آڻڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

اِها ياد رکڻ جي ڳالهه آهي ته مينوپاز عورت جي زندگيءَ ۾ مثبت ۽ منفي ٻنهي اثرن واري ٿي سگهي ٿي پر اوهان ڪهڙو اثر قبولڻ چاهيو ٿيون، سو طئي ڪرڻ عورت هئڻ ناتي اوهان جي پنهنجي ذميواري آهي.

# ڪهڙي عجائب گهر ۾ تو رهان

اڄ چنڊ جي چوڏهين تاريخ آهي ۽ جمعي جو ڏينهن... وڪٽوريا البرٽ ميوزيم لنڊن فقط جمعي ڏينهن صبح ڏهين ڪان رات ڏهين تائين کليل هوندو آهي ۽ هاڻ ساڍا ڏهه ٿيڻ وارا آهن. پڻي شفٽ تي موجود عملي جي ذميواري ميوزيم بند ڪرڻ کان اڳ پيا ڪر اُڪلائي ميوزيم جون سموريون بتيون ۽ مين سوئيچ وغيره بند ڪرڻ پڻ آهي.

"هيئي ميٽ! ميڪ شوئر ٽو سوئيچ آف آل لائٽس" هڪ ملازم پنهنجي ساٿي کي هڪل ڪئي.

"شيورلو!" عورت ملازم ورندي ڏني.

ڪٽ ڪٽ ڪٽ... سمورا مين سوئچ بند ٿيندي ئي ميوزيم جي سمورين گيلرين ۽ ڪاسٽ ڪورٽ ۾ به اونداهي ۽ سانت ڇانئجي وئي.

وڪٽوريا البرٽ ميوزيم جو ڪاسٽ ڪورٽ اُهو حصو آهي جتي سڄي دنيا جي ناميارن مجسمي سازن جي مجسمن جا هوبهو نقل رکيا ويا آهن جن مان ڪي ته اصل کان به وڌيڪ من موهيندڙ آهن. سڄي ميوزيم جيان ڪاسٽ ڪورٽ ۾ اونداهي ڇانجندي ئي هلچل پيدا ٿي وئي. گيلري ۾ رکيل دنيا جي ناميارن مجسمي سازن جي مجسمن ۾ جڻ ڪنهن حياتيءَ جو روح ڦوڪي ڇڏيو هجي.

"اڄ منهنجي پنهنجي خالق سان ملاقات ٿيڻي آهي. هو بس اجهو ئي پهچڻ وارو آهي."

ڊيوڊ جي مجسمي ٽنگون سڌيون ڪندي ڪلٽي انداز ۾ ڪَرَ موڙيا ۽ چيو، "جمعي جي ڏينهن ٻارهن ڪلاڪ بيٺي بيٺي ٽنگون ساڻيون ٿيو پون."

"ڪهڙو خالق؟ مائيڪل اينجلو يا ڪليمنٽ پاپِي؟" اسڪول آف اٿينس جي هڪ مجسمي ٻاهر نڪرندڙ ڊيوڊ سان چرچو ڪيو.

"ہٺي..." ڊيوڊ اعتماد سان ورائيو.

"ٺيڪ آهي، پوءِ تون ڪر انتظار. اسين ته ٻين مجسمن سان گڏ ٻاهر کليل فضا ۾ ساهه کڻڻ ٿا وڃان." مجسمي وڪٽوريا البرٽ ميوزيم جي باغيچي ڏانهن ڊوڙندي چيو، جتي چنڊ جي چانڊاڻ پکڙيل هئي. ڊيوڊ بيچيني ۽ وڃان پاسا ورائڻ لڳو ڇاڪاڻ جو هو اڄ پنهنجي ٻنهي خالقن سان ملڻ واسطي اتاولو هو.

ميوزيم جي ڀتين تي ٽنگيل نشا ۽ ثانيا ڪان وني هاٿوڪي دور جي جڳ مشهور چترڪار سيلي ۽ ٽنٽو ريٽو ڪانوٽي بائيبل چترڪار جان بروفيل، انجليڪا خوفمين، امپريشن آرٽ جي ڊيگال. لينڊ اسڪيپ جي ماهر ٽرنر ۽ پري ريفلائيٽ چترڪاري؛ جي باني مانتي جون تصويرون جڻ ڳالهائڻ لڳيون هيون ۽ سمورا ڪردار جيئرا ٿي پيا هئا. لنڊن جو وڪٽوريا البرٽ ميوزيم جيئرو ٿي پيو هو. انهيءَ پل ميوزيم جي ٻاهرين دروازي کان مائيڪل اينجلو ۽ پاپِي داخل ٿيا ۽ اسٽيٽ ڪورٽ گئلري ڏانهن پير پرڻ لڳا.

"اسانجو شاهڪار اسانجي اوسيئڙي ۾ هوندو. تڪڙو هل پاپِي..." مائيڪل اينجلو ڪنهن قدر ڪاوڙ وڃان ڏگها ڏگها قدم کڻندي چيو.

"سينيور! اوهانجي ڪاوڙ اڄ به اڳي جيان ئي آهي." پاپِيءَ آهستي سان ورائيو.

"ڪاوڙ... همممم... حالتن جو جبر ۽ مٿان وري گهٽ عقلن طرفان تخليقي ڪمن ۾ بيجا ٽنگ اڙائڻ دماغ کي گرم رکڻ لاءِ ڪافي هجي ٿو، منهنجا پيارا..."

"پلا هو سليپنگ ڪيوپڊ وارو مامرو ڇا هو؟" پاپِيءَ پڇيو.

"هونهن! سو تون به انهيءَ ڳالهه کان واقف آهين؟"

"جي، ٿورا گهڻا افواهه ته اڏامندي اڏامندي ڪنن تي پئجي ويندا آهن." پاپِيءَ هٻڪندي سرٻاٽ ۾ ورائيو.

"پر هيءُ ڊيوڊ تہ مون تراشيو هو." پاپيءَ هٻڪندي چيو.

"اڇا... ها واقعي... پر بهرحال آهي تہ منهنجي مجسمي جو نقل ئي نہ... جيڪو تو راڻي وڪٽوريا لاءِ لڳ ڀڳ ساڍا ٽي سئو سال پوءِ 1859 ۾ تيار ڪيو هو. پتو اٿئي ايپي! جڏهن اهو پراجيڪٽ ورتو هئم تہ ڪنهن بہ سنگمرمر کي ڏسي منهنجو ڊيوڊ کي تراشڻ جو من نہ پئي ٿيو. هڪ ڏينهن انهيءَ ڀڄتر ۾ بازار مان پئي لنگهيس تہ هڪ گهوڙي گاڏيءَ ۾ هڪ وڏي ڇپ پيل ڏٺم جيڪا بيڪار هئي يا اڇلائڻ پئي ويا پر مونکي اُن پل سنگمرمر جي انهيءَ ڇپ ۾ پنهنجو ڊيوڊ نظر آيو هو."

مائيڪل اينجلو اُڪير مان پنهنجي ڊيوڊ جي نقل جا پنا لپرينڊي ٻڌايو. ڊيوڊ کن ڏيو بيٺو هو.

"ڪليميت پاپي! هاڻ تون پنهنجي ڪٿا بہ ٻڌائي جو آئون تہ 1564 ۾ عالم برزخ پهچي چڪو هئس."

"محترم! اوهان جهڙي مهان فنڪار آڏو ڇا تو چئي سگهان. آئون تہ هونئن بہ پنهنجي عروج وارن ڏينهن ۾ بہ گوشي نشين هوندو هئس. اِهو ئي سبب آهي جو دنيا مون بابت انتهائي گهٽ ڄاڻ ٿي رکي.

ميسيور! هونئن بہ مونکي ڪنجهيءَ جا مجسما ناهڻ ۾ وڏيڪ دلچسپي هئي پر نشاط ثانيا جي ڪيترن ئي نامور مجسمي سازن جا نقل ناهڻ لاءِ آڳاٽو طريقو استعمال ڪيم جنهن ۾ ميڻ ۽ ڌاتو کي پگهرائي ۽ گڏائي ڪيترن ئي ناميارن مجسمي سازن جي تخليقن کي نئين سر جيئرو ڪيم." پاپيءَ انڪساريءَ سان ٻڌايو.

"تنهنجي ڪم جي نفاست ڏسي نقل تي اصل جو گمان ٿئي ٿو. پر تو پنهنجو ڪجهہ چو نہ تخليق ڪيو؟. نقل تي ئي چو ڌيان ڌريندو رهين؟ ان جو ڪو خاص سبب؟". مائيڪل اينجلو پڇيو.

"سينيور! معذرت سان، آئون سمجهان ٿو تہ اوهان جهڙي چيهہ تي رسندڙ مجسمي سازجي مجسمن جو نقل ناهڻ وڏيڪ ڏکيو ڪم آهي، پنهنجي نئين تخليق جي ڀيٽ ۾ . ٻيو اهم سبب اِهو هو تہ وقت بدلجي رهيو هو ۽ اهڙن شاهڪارن جي گهرج وڌي رهي هئي. منهنجو ويساهہ آهي تہ اهڙا نادر نمونا دنيا جي هر ڀاڱي ۾ هئڻ گهرجن تہ جيئن وڌ کان وڌ ماڻهو اِهي ڏسي

دڙ هر هر منهنجي اکين ۾ ٿي پيا جنهن سبب منهنجو اکيون هر وقت ڳاڙهيون ٿي رهيون، ڪيترن ڪيترن ڏينهن تائين ننڊ نہ ڪندو هئس ۽ نہ ئي وري ڪاڏي پيتي جو ڪو هوش هئم. "دي لاسٽ ججمنٽ" ۾ روائتي بدران تندرست، توانو ۽ ڏاڙهيءَ بنان يسوع مسيح چٽر ڪيم. اِهو بہ سسٽين چيپل جي ڇت وانگر هڪ پيچيدي ۽ منفرد اسلوب وارو چٽر هو." مائيڪل اينجلو مطمئن ڪنڌ وراڻي ڏني.

"ڪو شڪ ئي ناهي ميسيور... اوهانجو اِهو ڪارنامو، جيسين دنيا قائم آهي برقرار رهندو." پاپيءَ ڪنڌ ڌوڻي پنيرائي ڪئي.

ڊيوڊ پنهنجي خالقن جي ڳالهہ ٻولهہ انتهائي اورچائپ سان ٻڌي رهيو هو. "تون بلڪل چپ چپات آهين! ڊگهي عرصي کان تون اسان سان ملڻ لاءِ ماندو هئين ۽ هاڻ چپ سبيو ويٺو آهين." مائيڪل اينجلو ڊيوڊ کي خاموش ڏسندي پڇيو.

"اوهان ٻنهي جي زندگين جي لاهن چاڙهن، ڪاميابين ۽ ناڪامين جو داستان هڪ ويهڪ ۾ پلا ڪيئن ٿو اُڪلائي سگهجي. مون واقعي پنهجي تخليقڪارن سان ملڻ، سندن زندگي ۽ ڪارنامن بابت ڄاڻڻ ٿي چاهيو. ميسيور اينجلو! اوهين بهترين شاعر بہ تہ رهيا آهيو؟ اوهان پنهنجي نظمن ۾ روح کي، محبت کي انسانيت ۽ بي انتها خوشيءَ جي طاقت سان ڳنڍيو ۽ پوءِ خدا سان ملايو پر اڄ هن اُسريل دنيا ۾ ڇا پيو وهي واپري؟ نہ ڪنهن ڪاميابيءَ تي دلي سڪون ٿو ملي، نہ انسانيت جي تذليل تي ڪا لڄ ٿي محسوس ٿئي. صبح کان شام تائين هن عجائب گهر ۾ ڪتل اسين سمورا مجسما مختلف قسمن جي ماڻهن کي اگهڙ ۾ وجهي ڇڏيندا آهيون پر حقيقت اِها آهي تہ اسين پاڻ دنيا جي سياءُ تي اگهڙ جو شڪار آهيون. هت سيڪجهہ ڏسي محسوس ئي نٿو ٿئي تہ ڪو اڄ منهنجي ڌرتي رت سان وينجهاري پئي وڃي ۽ ڇا فلسطين جي انسانن جي دنيا ڪا ٻئي آهي جتي جنگ، بمباري ۽ تباهيءَ ڪانسواءِ پيو ڪجهہ بہ ناهي ۽ هيءُ...؟ اسانجي اوسي پاسي جي دنيا؟ جڻ تہ ڪٿي ڪجهہ غلط يا خراب ٿئي ئي نہ پيو؟ ايتري بيحسي، ايترو تضاد؟" ڊيوڊ مجسمي هڪ ئي ساهہ ۾ پنهنجي تخليقڪارن کان انيڪ سوال ڪري وڌا.

ميوزيم جي باغيچي ۾ باک ڦٽيءَ جو داڳي اجيارو پکڙجڻ لڳو هو...
سمورا مجسما ٻيهر پنهنجي پنهنجي جاءِ تي اچي ٻيجان ٻيهڻ لاءِ موٽي پيا اچن. تصويرن جا سمورا ڪردار ٻيهر فريمن ۾ قيد ٿي رهيا آهن.

ڊيوڊ ٻه ڪجهه پل ڪليمنٽ پاپيي ۽ مائيڪل اينجلو کي تڪيندو رهيو ۽ پوءِ ٻيهر پنهنجي جاءِ تي جامد ۽ ساڪت وڃي بيٺو. مائيڪل اينجلو ۽ ڪليمنٽ پاپيي چپ آهن.

ٻئي تخليقڪار بيوسيءَ وچان هڪٻئي ڏانهن نهاري رهيا آهن.

# هوءَ جا اونداهي رات ۾ ماري وئي

هوءَ الوٽ ننڊ مان ڇرڪ ڀري اُٿي ۽ ٻئي هٿ پنهنجي ڳچيءَ تي ايئن ڦيرڻ لڳي ڄڻ پڪ ڪرڻ چاهيندي هجي تہ اِها اڃان سلامت آهي. سندس نظرون بي يقينيءَ سان زمين کي تڪڻ لڳيون پر اُتي هاڻ نہ زمين هئي ۽ نہ ئي وري چوڏس وهندڙ رت. نيڻ نهار تائين اڇي ڪپهہ جا ڦها هئا، عرش تي بہ ۽ فرش تي بہ. هُن اطمينان ڀريو ساهہ کنيو ۽ سوچيو تہ اِهو ڀيانڪ واقعو فقط سندس خواب ئي هو.

"پر جيڪڏهن اُهو رڳو سمورو خواب هو تہ پوءِ هيءُ ڇا آهي؟". هُن توائي ٿيندي پنهنجو پاڻ کان پڇيو.

اکيون مهٽيندي هُن اوسي پاسي نظر ڊوڙائي تہ ڪيس اڇن ڪپڙن ۾ هزارين عورتون پنهنجي اوسي پاسي نظر آيون جيڪي خلا ۾ لٽڪندڙ ڪڪرن جيان ٿي لڳيون.

"ڪٿي آهيان؟ ۽ هيءُ سڀ ڪير آهن؟" هُن پريشاني ۽ اچرج واري حالت ۾ پڇيو.

تڏهن هڪ جوان عورت جيڪا سندس اچرج ڀرئي چهري کي غور سان ڏسي رهي هئي، چوڻ لڳي، "هيءُ اُهي عورتون آهن جيڪي اونداهي راتن تي ماريون ويون. تون عالم برزخ ۾ آهين."

"سو آئون بہ مري چڪي آهيان؟" هُن پنهنجي وجود تي سناٽو ڇانئجندي محسوس ڪيو.

"ها، تون پوتين هفتي هت آندي وئي هئين." عورت ڪيس خاطري ڪرائي.

هُن پنهنجي ڳچيءَ تي هٿ ڦيريو جنهن تي ڪا رهڙ به نہ هئي.

"پر منهنجي جسم تي تہ ڪنهن گهاوَ جو نشان بہ ناهي، پوءِ آئون ڪيئن ٿي مري سگهان؟ اڃان تہ مونکي اعليٰ تعليم لاءِ پرڏيهہ وڃڻو هو. منهنجا تہ انيڪ سپنا هئا. اڃان تہ آئون ستاويهن ورهين جي آهيان.صحتمند، سهڻي، پڙهيل ڳڙهيل ۽ سُٺي گهراڻي جي. منهنجو تہ ڪو دشمن بہ نہ هو." هوءَ بي يقينيءَ واري ڪيفيت ۾ لاڳيتو ڳالهائيندي رهي.

"هت موجود سموريون عورتون بہ بيگناهہ ماريون ويون آهن. ها. هُتي اڃان تائين تنهنجي انهيءَ وحشياڻي قتل تي اڪثريت توکي ئي ڏوهاري سمجهي رهي آهي جو عورت هوندي بہ تون ڪنهن غير مرد سان ڇو هئين." عورت عالم برزخ ڪان زمين ڏانهن اشارو ڪندي چيو.

"تہ ڇا اِهو سڀڪجهہ مونسان حقيقت ۾ ٿي چڪو آهي؟" هُن پنهنجي ٻيٺل سان انهيءَ عورت ڏانهن ڏسندي پڇيو.

"ها، توسان جيڪي ڪجهہ ٿيو آهي سو سپنو نہ پر حقيقت آهي. پر تون اڪيلي ناهين، هت تو جهڙيون انيڪ عورتون آهن جيڪي لڳ ڀڳ اهڙين ئي ڀيانڪ وارتائن ۾ ماريون ويون. اڄ تہ انهن مان ڪجهہ سان توکي ملرايان.

زينب ياد اٿئي؟ ها، اُها ئي ستن ورهين جي ٻارڙي جنهن کي سندس ٻاڙي جي ڦاريءَ پنهنجي هوس جو نشانو بڻائي قتل ڪري ڪچري جي ڍير تي ڦٽو ڪيو هو. هوءَ ڏس زينب..." انهيءَ عورت هٿ جي اشاري سان هڪ ٻارڙيءَ ڏانهن اشارو ڪيو. ڪپهہ جي ڦهن جهڙا ڪڪر ڪيڏي مهل پينگهو يا ڪيڏي مهل اڏام کٽولي بڻجي ٻارڙيءَ کي هندوري ۾ لوڏي رهيا هئا ۽ زينب معصوماڻا ٽهڪ ڏئي رهي هئي.

۽ هوءَ سامهون قنديل بلوچ ويٺي آهي. ڪير نٿو سڃاڻي قنديل بلوچ کي؟ سندس پنهنجي ڀاءُ سندس ڪچنڊڙ ساهہ وات تي ويهاڻو رکي نيوڙي ڇڏيو هو. اُها ئي قنديل بلوچ جيڪا جڳ مشهور ٽڪ ٽاڪر بڻجي ڀاءُ ۽ باقي گهر ڀاتين کي ٽاڪ ۽ گذر سفر فراهم ڪرڻ جو سبب بڻي هئي."

هُن ڏور بيٺل قنديل بلوچ ڏانهن نهاريو جنهن جا ويران نيڻ پولار ۾ ڪجهه ڦلهوري رهيا هئا.

عورت پنهنجي ڳالهه اڳتي وڌائيندي چيو، ”ڪيس اڃان تائين ويساهه نه پيو ٿئي ته ڪو ڪيس سندس ئي ننڍي ڀاءُ ماري ڇڏيو آهي. هليا توکي نسيم بيبيءَ سان ملائي اچان. اڄهو هينئر ئي هتي پنهنجي ٻارڙي کي ٿڃ ڏارائي رهي هئي.“

عورت سندس هٿ جهلي ڪڪرن ۾ ترڻ لڳي. ڪيس لڳو ته ڄڻ سندس جسم ٻه خلا ۾ لٽڪيل هجي. ڪيس پنهنجو وجود بي وزن ۽ هلڪو ڦلڪو محسوس ٿي رهيو هو.

نسيم بيبيءَ جي هنج ۾ هڪ ننڍڙو ٻارڙو ٻهڪي رهيو هو. نسيم بيبيءَ پرسان پهچي عورت پيهر چوڻ لڳي، ”ڏسين پئي! هيءَ آهي نسيم بيبي، جنهن کي سندس ٿڃ ڏائيندڙ ٻار آڏو بدبخت پنهنجي هوس جو نشانو بڻايو. ماءُ جي پيڙا ۽ پنهنجي ٻُڪ وگهي ٻار ٻاڏائي رهيو هو پر ٻار جي فرياد انهيءَ مرد کي پنهنجي درندگيءَ ۾ رڪاوٽ لڳي سو ٻار جو مٿو هڪ ڳري پٿر سان چٿي ۽ نسيم جو گلو ڪپي ٻنهيءَ جو قصو ئي ختم ڪري ڇڏيائين.

هيءَ سهڻي وينگس حيدرآباد جي قرةالعين آهي جنهن کي سندس مڙس ٻارن آڏو ڪلاڪن جا ڪلاڪ ايترو شديد تشدد ڪيو جو سندس اکين، نڪ ۽ ڇهري جون سوين هڏيون جهري پيون. پوءِ ڪيترن ئي ڪلاڪن تائين ڪنبائيندڙ ٿڌ ۾ ايئرڪنڊيشن ڪولي ڪيس تڙپڻ لاءِ ڇڏي ڏنائين.

ٿورڙو هوڏانهن ڏس... جاءِ نماز تي دعا گهرندڙ هيءَ ڇوڪري ڪوئيٽا جي آمنا بيبي آهي. هن ويچاريءَ کي سندس مڙس انهيءَ حالت ۾ گولي هنئي. ڪجهه مهينن جي ڳورهاري آمنا جو ڏوهه فقط اِهو هو ته هُن پنهنجي تعليم جاري رکندي ڊاڪٽر بڻجڻ ٿي چاهيو.

هيءَ چار سهڻيون ننڍي چمار واريون ڇوڪريون ڏسين پئي؟ اهڙيون هزارين ڪوهستاني ڇوڪريون غيرت جي نالي تي خاموشيءَ سان ڪُٺيون وينديون آهن.“ عورت سندس ڏيان ڇئن ڪوهستاني ڇوڪرين ڏانهن ڇڪرائيندي چيو، ”پر انهن ڇئني جي قتل جي پڙاڏي سڄي ملڪ کي ڏوڏي رکيو هو. پتو اٿئي سندن ڏوهه ڇا هو... هڪ وهان جي ڪاڄ ۾ انهن ڇوڪرين

جي تاڙين جي سنگيت تي ٻه ڇوڪرا روائتي ناچ ڪري رهيا هئا. ڪنهن بدبخت انجو وڊيو ناهي، سڄي برادريءَ ۾ انڪيءَ عزت جو مامرو بڻائي ڇڏيو ۽ غيرت جي نالي تي انهن ڇهني ڇوڪرين کي ڪُٺو ويو.

تون اڪيلي ناهين نور مقدم... عالم برزخ جي هن حصي ۾ فقط اُهي عورتون ئي آنديون وينديون آهن جيڪي ڪنهن نه ڪنهن گهڻ ظرف مرد هٿان بيگناهه ماريون ويون آهن. هتي موجود عورتن جون ڪهاڻيون ٻڌندين ته ويساهه ئي نه ٿيندئي ته اسانجي ملڪ ۾ عورتن سان ايڪويهين صديءَ ۾ اهڙو ڪنورتا وارو ورتاءُ ڪيو ٿو وڃي، اهڙيون حالتون ته اسان اوڻهويهين صديءَ ۾ به نه ڏٺيون هيون.“

نور ڏيان سان انهيءَ سهڻي ڇهري واري عورت ڏانهن نهاريندي پڇيو. ”پر اوهين آهيو ڪير؟“

عورت مرڪندي چوڻ لڳي، ”تنهنجي دور وارا مونکي وسري ئي سگهائن... اوهان سمجهو ٿا ته عورتائيون تحريڪون فقط اولهه ۾ ئي اُٿيون آهن جڏهن ته اسانجي خطي ۾ به ڪيترين ئي اهڙيون عورتون رهيون آهن جن عورتن جي حقن لاءِ آواز اُٿاريو آهي... منهنجو نالو سيده محمدي بيگم آهي ۽ آئون 1878 ۾ سرگوڌا جي هڪ ڳوٺ شاهپور ۾ ڄائس. مونکي پاڪستان جي عورتن جي حقن جي پهرين علمبردار عورت به ليکيو ٿو وڃي.“

نور اچرج وچان سيده بيگم ڏانهن نهاريندي پڇيو. ”ته ڇا اوهانکي به قتل...؟“

سيده بيگم مرڪندي ورائيو. ”نه نه... آئون ٽيهن ورهين جي ڄمار ۾ طبعي موت گذاري ويس پر اوستائين عورتن جي مسئلن تي سوين لکڻيون لکي چڪي هئس.“

”پوءِ اوهين هن حصي ۾ ڪيئن؟“ نور اچرج وچان پڇيو.

”مون سدائين عورتن جي حقن بابت ئي لکيو. عالم برزخ جي هن حصي ۾ انهن سمورين عورتن جا دل ڌڪائيندڙ داستان ٻڌي سوچيندي آهيان ته حالتون بهتر ٿيڻ بدران ڇو ۽ ڪيئن وڌيڪ خراب ٿيون. هن حصي ۾ اچي سڪون محسوس ٿيندو اٿم.

جڏهن تنهنجي هنيانءَ ڌسائيندڙ قتل جو اطلاع هتي پهتو تڏهن کان

تنهنجي وات پٽي نهاريم. تون ياڳن پري آهين جو خوشحال گهرائي سان تعلق اٿئي، تنهنجو ڪٽنب، دوست، مٽ مائٽ ۽ شهر واسي تنهنجي قتل تي انصاف واسطي ڀرپور مهم هلائي رهيا آهن نہ تہ هتي اڪثريت انهن عورتن جي آهي جن تي تيل ڀيانڪ تشدد ۽ سندن قتل جو ڪنهن کي پتو ئي نہ لڳو. جيڪڏهن مامرو پوليس تائين پهچي بہ ويو تہ پدر شاهي معاشرو مرد کي بچائڻ لاءِ سچي مامري کي ئي ڏٽي ڏو ڇڏي.

پر اهو بہ سچ آهي تہ ظلم جيترو وڌندو آهي، مزاحمت بہ بہ اوتري ئي شدت ايندي آهي. پاڪستان ۾ عورت مارچ جي ڏيهاڙي تي عورتن جي وڏي تعداد ۾ شرڪت ڏسي پراُميد آهيان تہ اسانجي عورت هاڻ سجاڳ ٿي وئي آهي ۽ عورت مارچ جهڙيون تحريڪون اسانجي هزارين عورتن ۽ ٻارڙين جون زندگيون لوڙهڻ نہ ڏينديون. ظلم ۽ ڏاڍ جي رات دير يا سوير جرڪندڙ ٻاڪ جي صورت ۾ ضرور ڦٽندي.

بس مونکي اُن ڏينهن جو انتظار آهي... موجود سمورين عورتن گڏيل آواز ۾ نعرو هنيو... "اسانکي دنيا ۾ رهندڙ هر عورت لاءِ هڪ نئين صبح جو انتظار آهي."

# رزاق ۽ ساٿاري

آخري اوور جي راند هلندڙ هئي. ڪمري ۾ موجود هرڪو ساهه مٺ ۾ ڪري ويٺو هو جو هڪ جهٽڪي سان ٽيليويزن اسڪرين ڪاري ٿي وئي ۽ ڪمري ۾ اونداهي ڇانئجي وئي.

"هن اياڳي بجليءَ کي به هينئر وڃڻو هو." اسين سمورا ڪزنز ۽ دوست ڪاوڙ ۾ وڦلندا ڳاڙهين ۾ پيهه پيهان سان پرجي پنهنجي وڏي چاچي جي گهر بجلي هئڻ جي معمولي آسري جي آڌار تي ڳاڙهيون ڀوڙائيندا پهتاسين، جيڪو اسانجي گهر کان ڪو ڇهن پنجن منٽن جي فاصلي تي هو. اُميد جي اُبتڙ اُتي بجلي هئي.جنهن کي جتي جاءِ ملي اُتي اهلجي ويو ۽ نظرون ٽيليويزن تي کپائي ڇڏيائين. 1992 واري ورلڊ ڪپ جو فائنل ميچ، پاڪستان ۽ انگلينڊ وچ ۾ پنهنجي آخري مرحلن ۾ هو. سڄو پاڙو، سڄو شهر ته ڇا سڄو پاڪستان انهيءَ ورلڊ ڪپ فائنل ۾ پاڪستان جي کٽڻ جو دعاڳو هو. آخر ڇو نه هجي ها هيترن سارن اپ سيٽن کانپوءِ اڄ پاڪستان فائنل تائين پهچي چڪو هو جڏهن ته اسانجا انهيءَ ورلڊ ڪپ کان ٻاهر ٿيڻ جا سمورا امڪان موجود هئا.

اڄ ڏينهن تائين اُها ميچ ياد اٿم. بيفڪريءَ وارو زمانو هو. موج مستي، دوستن سان کل ڀوڳ ۽ گهمڻ ڦرڻ عروج تي هو. شايد انهيءَ ڪري ئي مونکي ڪرڪيٽ سان دلچسپي پيدا ٿي وئي هئي جو سمورين ڪزنز ۽ دوستن جو ٽولو ڪرڪيٽ جو ديوانو هو.

ورلڊ ڪپ جو فائنل اُهو آخري ميچ هو جيڪو شروع کان آخر تائين

اڪيون ڪيائي ڏنو هئم. پٺيهه سال اڳي ٿيا آهن پر وري ڪو مئچ ان ريت نه ڏٺم ۽ نه ئي وري اهڙي ڪا خواهش ٿيم.

ڪرڪيٽ سان دلچسپي ۽ جو هڪ تعلق سعيد انور جي ڪري به هو، جيڪو پاڪستاني ٽيم جو هڪ وڏو رانديگر رهيو آهي. هو اسانجي ئي علائقي جو هو. پاڙي جي گهٽين ۾ ڪرڪيٽ کيڏندي قومي ٽيم جو حصو بڻيو ۽ پوءِ ڪرڪيٽ جي دنيا تي ڇائنجي ويو. ڇگو پلو رانديگر هو پر اوچتو ئي اوچتو ڪرڪيٽ تان هٿ ڪڍي ويو. جيئن ته وڏو رانديگر بڻجي ويو هو انڪري اسانجي وچولي طبقي واري علائقي مان نڪري پوش علائقي ۾ وڃي ٽانيڪو ٿيو هو. ڪجهه عرصي ڪانپوءِ خبر آئي ته اِهو سچ آهي ته ڪرڪيٽ ڇڏڻ جو سبب سندس ڌيءُ جو ڪمهلو موت هو.

اهي ڪرڪيٽ جي سونهري دور جون آخري جهلڪيون هيون. جهڙي ريت ملڪ جا ٻيا ادارا تباهيءَ واري واٽ جا راهي ٿيا، ساڳي ريت راندين تي به هر گذرندڙ سال سان تيزيءَ سان زوال ايندو رهيو. ايسٽائين جو ڏسندي ئي ڏسندي پاڪستان جي هاڪي ٽيم جيڪا دنيا جي بهترين ٽيم ليکي ويندي هئي، به زوال پذير ٿي.

اسڪواش جنهن جو چوپول دنيا جهان ۾ هو، جنهن راند ۾ روشن خان، هاشم خان، جهانگير خان، جان شير خان ۽ اعظم خان جهڙا شاندار رانديگر پاڪستان جي ناماچاريءَ جو سبب بڻيا، اڄ ان راند ۾ ڪنهن وڏي رانديگر جو نالو نشان ئي ناهي.

پاڪستان ڪرڪيٽ جو اهڙو سونهري دور پڻ ڏٺو آهي جڏهن رانديگرن ڪانوئي انجي سليڪشن ڪميٽي ۽ پي سي بي چيئرمين سوڌو هر ڪو ڪرڪيٽ جي نفسيات کان نه رڳو واقف هو پر رانديگرن جي تربيت، ورتاءُ ۽ ڳالهه ٻولهه جي انداز تائين کي درست ڪرڻ تي ڌيان ڌريو ويندو هو. اِهو ئي سبب هو جو اُن دور جا رانديگر انٽرويو ڏيندي هوائي توائي ڳالهيون نه ڪندا هئا پر دليلن سان بهتر لهجي ۽ انداز ۾ پنهنجي ڳالهه ڪندا هئا پر هاڻ اهي زمانا ختم ٿي چڪا. جهڙي ريت هڪ پروگرام ۾ اسانجي ڪرڪيٽ جي هڪ اڳوڻي رانديگر عبدالرزاق پارتي اداڪارا ايشوريا راءِ جو ذڪر ڪندي هڪ غير مناسب ڳالهه ڪئي، جنهن جي سندس ساٿاري شاهد آفريدي ۽ عمر

گل چٽر پري ٿهڪ سان تاڙيون وڄائي پذيرائي ڪئي.

رزاق جي انهيءَ واهيات جملي، جنهن جو هلندڙ ڳالهه ٻولهه سان ڪو واسطو ئي نه هو، تي جڏهن هر پاسان لعنت ملامت ٿي ۽ تنهي کي سخت تنقيد جو منهن ڏسڻو پيو ته هوا جو رُخ پنهنجي خلاف ٿيندو ڏسي ٽنهي معافي گهري.

انهيءَ تڪراري مامري جي دز اجان ويٺي ئي نه هئي جو اسانجي هڪ سينئر اڳوڻي رانديگر ۽ اڄڪلهه جي ڪامينٽيٽر رميز راجا هڪ بيهودي شو ۾ نسل پرستي ۽ جنسي مت ڀيد بابت ڳالهه ٻولهه تي ٿهڪ ڏنا، جنهن جي وڊيو سوشل ميڊيا تي چانيل رهي. ويسٽ انڊيز جي نامياري رانديگر ووين رچرڊ ۽ آرٽ فلمن جي اداڪارا نينا گپتا جي وچ ۾ هڪ ذاتي سنگ سياپي تي ٽرڙائپ ڀريو چٽر اڏائيندڙ عورت سان گڏ ٿهڪ ڏيندڙ رميز راجا ۽ عمر گل ۽ شاهد آفريديءَ ۾ ڪو گهڻو فرق محسوس نه ٿيو.

هاڻ سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته چو ۽ ڪيئن اسانجي رانديگرن جي دماغ ۾ اهڙو گند ڀرجي ويو آهي جو پبلڪ فورم تي ويهي هو سوچڻ سمجهڻ ڪانسواءِ اهڙيون ڳالهيون ٿا ڪن يا اهڙن جملن تي ٿهڪ ٿا ڏين ۽ تاڙيون ٿا وڄائين جو سڄي قوم جو ڪنڌ لڄ وچان جهڪي ٿو پوي. ڏٺو وڃي ته ان ڪان اڳ ۾ اسانجا ڪرڪيٽر جن ۾ شاهد آفريدي اڳيرو آهي، عورتن بابت ڪيترائي ڀيرا غير مناسب جملا ڳالهائي چڪا آهن.

نيڪ آهي رازاق، عمر گل ۽ آفريدي پنهنجي روپي تي معذرت ڪري ورتي آهي پر ڇا واقعي ايئن ٿي آهي؟

هاڃو اهو آهي ته ايشوريا سان معذرت ڪنهن عورت جي تذليل ڪرڻ تي نه ڪئي وئي، ڳالهه جيئن ته ايشوريا راءِ جي هئي، جيڪا سپر اسٽار اميتاڀ بچن جي نهن، اڳوڻي مس ورلڊ، جڳ مشهور ماڊل ۽ اداڪارا آهي سو معافي گهرڻ ڪانسواءِ ڪو ٻيو چارو به نه هو. سچ پڇو ته انهيءَ واقعي تي ذرو به اچرج لڳڻ جي ضرورت ناهي جو اڳي ڪهڙا اسانجي ڪرڪيٽرن علم ۽ ڏاهپ جا ميدان ڪٽيا آهن جو اڄ سندن اهڙن غير مناسب جملن تي اسانکي ڪا حيراني يا پريشاني ٿئي. انهن ويچارن کي اِهي جملا به صحيح اُچار سان ڳالهائڻ نٿا اچن. اوهين پاڻ ئي اندازو لڳايو ته جن زندگيءَ ۾ شايد ئي ڪنهن

ڪتاب کي ڇهيو هجي سي عورتائي تحريڪن يا فن بابت ڪهڙي ڄاڻ رکندا هوندا؟

اسانجن انهن ڪرڪيٽرن جيڪڏهن ڪنهن ايشوريا راءِ کي دنيا جي مختلف ءِ ٽاپ گريڊ چينلن جي ميزبانن کي لاجواب ڪندي ڏٺو هجي ها تہ کين اندازو ٿي وڃي ها تہ دنيا جي هيءَ سهڻي اداڪارا جيڪا نرت، اداڪاري ءِ ڪاميڊي ڪرڻ کانسواءِ دماغي صلاحيتن سان مالا مال آهي، پنهنجي برجستن جملن ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي ۽ هوءَ کين هڪ ئي جملي ۾ چت ڪري سگهي ٿي.

ايشوريا هجي يا ماريا واسطي يا عفت رحيم جهڙي سگهارن حواسن واري سمجهو عورت اداڪارائون، اهڙن مردن کي ڳالهائڻ ۾ پڻ منٽن اندر مات ڏيڻ جي صلاحيت رکن ٿيون.

اهم ڳالهہ اِها آهي تہ اهڙي مذي خارج ۽ عورت دشمن سوچ فقط اسانجي رانديگرن جي ئي ناهي پر اسانجي معاشري جي اڪثر مردن جي سوچ بہ ان کان ڪو گهڻو مختلف ناهي.

ظاهري طور تي باشعور، پڙهيل ڳڙهيل ۽ روشن خيالي جو پاڻ ڏيندڙ مرد بہ عورتن جي حوالي سان افواهہ پکيڙڻ ۽ ڪردار ڪُشي ڪرڻ کان ٽَٽا مڙن. ڇو؟ انڪري جو ڪنهن باشعور ۽ سگهاري عورت کي برداشت ڪرڻ اڃان اسانجي معاشري جي مردن سکيو ئي ناهي.

پنهنجي رانديگرن بابت تہ اسانکي گهٽ ۾ گهٽ ايترو ادراڪ ضرور آهي تہ سندن ذهني اوسر ۽ تربيت ۾ انتهائي گهٽتائي رهجي وئي آهي. ها، پر ڪرڪيٽ جهڙي اهم راند سان لاڳاپي کين شهرت ضرور ڏياري آهي. ايڪويهين صديءَ ۾ وقت جو اهم تقاضو اِهو آهي تہ معاشري جي ذهنيت بدلائي وڃي نہ تہ اسانجا اسٽارز ئي اسانکي دنيا آڏو لڄي ڪندا رهندا. يعني بقول مصطفيٰ خان شيفتا جي:

ہم طالبِ شہرت ہیں، ہمیں ننگ سے کیا کام
بدنام اگر ہوں گے، تو کیا نام نہ ہوگا

# پالڻھار ھيءَ کھڙي خدائي آھي؟

ھڪ واقف بزرگ اڪثر پنھنجي ننڍپڻ ۽ جوانيءَ ۾ گھاريل تنگدستي ۽ غربت وارين حالتن جو ذڪر ڪندي روئڻھارڪو ٿي ويندو آھي. اڄ ماشاءالله ھو ھڪ تمام وڏي ڪاروبار جو مالڪ آھي ۽ سندس ماتحت ملازمن جي حالت اھڙي ئي آھي جھڙي ڪنھن زماني ۾ سندس پنھنجي ھئي. توقع جي ابتڙ پنھنجي ملازمن سان سندس ورتاءُ نہ رڳو ڏڪار پريو پر ظالماڻو پڻ آھي. اِھو تہ ھڪ انفرادي مثال آھي نہ تہ قومون ۽ رياستون پڻ ساڳي نوعيت جو ورتاءُ اختيار ڪيل آھن، جنھن جو واضح مثال اسرائيل آھي.

يھودي قوم تاريخ جي بدترين نسل ڪُشي ۽ قتل عام سٺو آھي. اُميد تہ اِھا ٿي ڪئي ويندي آھي تہ جيڪو ڪڏھن مظلوم رھيو ھوندو سو ڪنھن تي ظلم نہ ڪندو پر اسرائيل انھيءَ سوچ جي مڪمل نفي ڪندي گذريل سٺن ڏھاڪن ۾ فلسطينين خلاف اھڙا ڀيانڪ ڪات ڪھاڙا ڪنيا آھن جن کي ڏسندي اِھو احساس ٿو ٿئي تہ انسان کان وڌيڪ ڪا ظالم مخلوق دنيا ۾ ڳولھي نہ ملندي.

يروشلم کي ٽن مذھبن جي مقدس سرزمين جو درجو حاصل آھي. يھوديت، مسيحيت ۽ اسلام.

اولھہ ۾ مسيحيت جي پکڙجڻ کانپوءِ يھودين خلاف محسوس ۽ نا محسوس طريقي سان ڏڪار ۽ حقارت موجود ھئي ڇاڪاڻ جو مسيحين يھودين کي پنھنجو دشمن ٿي ليکيو ۽ يسوع مسيح کي صليب تي چاڙھڻ جو ڏوھاري پڻ. ڪنھن بہ خطي ۾ ھر قسم جي آفت، وبا يا ڪساد بازاريءَ لاءِ

يهودين کي ئي ذميوار سڏي کين ملڪ بدر ٿي ڪيو ويو. 1971 ۾ ٺهيل فلم "فڊلر آن دي روف" ويهين صديءَ جي شروعات ۾ روسي سلطنت هيٺان يوڪرين ۾ يهودين سان ٿيندڙ اهڙي سلوڪ کي ئي ٿي پيش ڪري.

سال 1880 ۾ يهودين فلسطينين کي وڏين رقمن جي آڇ ڪندي اُتان جي زمين خريد ڪرڻ شروع ڪئي.

عثمانيا سلطنت جو خاتمو پهرين مهاڀاري لڙائيءَ کانپوءِ ته فلسطين برطانيا جي والار هيٺ اچي ويو. ٻين مهاڀاري لڙائي ۾ هٽلر يهودين کي مڪمل طور تي ناس ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ يهودين جو هڪ وڏو تعداد قتل به ڪري ڇڏيائين ۽ باقي جيڪي جيئرا بچيا سي دنيا جي مختلف ملڪن ۾ پناهگير ٿيا. جنگ جي پڄاڻيءَ تي بنيادي طور تي امريڪا، برطانيا ۽ فرانس انهيءَ ٽڙ پکڙ ٿيل قوم کي فلسطين ۾ ٺاڻيڪو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ سامونڊي جهازن ذريعي هزارين يهودين کي فلسطين پهچائڻ جو بندوبست ڪيو. "ليون يورس" جي ناول ايڪسوڊس (Exoodus) ۽ ساڳي نالي سان انهيءَ ناول تي ٺهيل پال نيومين ۽ ايوا گارڊنر جي فلم ۾ يهودين جي لڏپلاڻ جو مڪمل احوال موجود آهي.

عربن کي اوستائين صورتحال جي حساسيت جو اندازو ئي نه ٿي سگهيو جيستائين صهيوني تحريڪ پنهنجي لاءِ فلسطين ۾ هڪ ڌار رياست جي گهر نه ڪئي هئي.

سال 1947 ۾ گڏيل قومن جي هڪ ٺهراءُ موجب فلسطين کي ٻن ملڪن ۾ ورهائڻ جو فيصلو ڪيو ويو. 1948 ۾ اسرائيل جي قائم ٿيڻ تي فلسطينين ۽ عرب ملڪن جو شعوري طور تي شديد ردعمل سامهون آيو ۽ هنن اسرائيل تي ڪاهه ڪري ڏني. اسرائيل کي اُن وقت به امريڪا ۽ برطانيا طرفان مالي مدد ڪئي وئي ۽ جنگي سامان فراهم ڪيو ويو جنهن آڏو عرب پير کوڙي نه سگهيا ۽ نه رڳو شڪست کاڌائون پر پنهنجا علائقا به وڃائي ويٺا. انهيءَ شڪست کانپوءِ جيڪڏهن عرب ۽ مسلم دنيا زميني حقيقتن تي ٻڌل رويو اختيار ڪن ها ته شايد اڄ فلسطيني عوام اهڙي ڀيانڪ صورتحال جو شڪار نه بڻجي ها.

فلسطين لبريشن آرگنائزيشن (پي ايل او) 1964 ۾ قائم ڪئي وئي.

غزا جي پٽي سال 1967 واري لڙائي جو نتيجو آهي جنهن ۾ اسرائيل فلسطينين کي چاليهه ڪلوميٽر ڊگهي ۽ ڏهه ڪلوميٽر ويڪري پٽيءَ تائين محدود ڪري ڇڏيو. انجي ٻن پاسان اسرائيل ۽ هڪ پاسي رومي سمنڊ آهي جڏهن تہ لڳ ڀڳ ڏهن ڪلوميٽرن جي هڪ پٽي غزا کي مصر جي ريگستان سان ڳنڍي ٿي. انجو ڳاڻيٽو دنيا جي گهٽيل ترين آبادين ۾ ٿئي ٿو جنهن ۾ لڳ ڀڳ ويهہ لک انسان پنهنجي بنيادي ضرورتن لاءِ اسرائيل ڏانهن واجهائين ٿا.

هڪ ڪاٿي موجب 1950 ۽ 1990 وارن ڏهاڪن دوران هزارين فلسطيني اردن ۾ وڃي ٿانيڪو ٿيا ۽ اُتان پنهنجي آزاديءَ واري تحريڪ هلائيندا رهيا. فلسطيني مجاهد ليلا خالد جي نالي کان ڪير واقف نہ هوندو. هوءَ بہ ايڊورڊ سعيد وانگر هڪ مسيحي فلسطيني مجاهد هئي ۽ انهيءَ تحريڪ جي سرواڻ هئي. اهو سمجهڻ تہ اِها فقط مسلمانن جي جدوجهد هئي، سو تاثر غلط آهي، ها ايترو ضرور آهي تہ آباديءَ جي تناسب سان مسلمان ئي انهيءَ تحريڪ ۾ اڪثريتي هئا.

1979 ۾ ڪئمپ ڊيوڊ ۾ هڪ ٻہ-طرفو ناهہ ٿيو جنهن ۾ اسرائيل پنهنجي حدن کان نہ اورانگهڻ جو اشارو ڏنو ۽ مصر اسرائيل کي تسليم ڪيو پر جڏهن 1982 ۾ اسرائيل لبنان ۾ موجود صابرا ۽ شتيلا ڪئمپن ۾ فلسطينين جو قتل عام ڪيو تہ انجي نتيجي ۾ 1987 ۾ پي ايل او سان تعلق رکندڙ ڪجهہ شدت پسندن هٿياربند جدوجهد شروع ڪئي ۽ حماس جو بنياد رکيو. جنهن شروعات ۾ هڪ خيراتي ادارو بڻايو تہ جيئن امدادي رقمون گڏ ڪري سگهجن.

هڪ سازشي نظريو اهو بہ آهي تہ اسرائيل حماس جي مالي مدد ڪئي هئي ڇاڪاڻ جو ان جو خيال هو تہ اِها تنظيم سيڪولر پي ايل او سان توازن رکڻ ۾ ڪارائتي ثابت ٿي سگهي ٿي. آئزڪ رابن جيڪو اُن وقت غزه ۾ اسرائيلي فوجي گورنر هو، پنهنجي يادگيرين ۾ لکي ٿو تہ، هُن انهيءَ خيراتي اداري کي فنڊز فراهم ڪيا هئا.

حماس طرفان اسرائيل تي ڇاٽوڪي حملي ڪانپوءِ اسرائيل غزه واري پٽيءَ تي بمباري ڪري انکي ذري گهٽ ميساري ڇڏيو آهي، جڏهن تہ اسرائيلي وزيراعظم واضح انداز ۾ ڌمڪي ڏني آهي تہ اِها تہ فقط شروعات

آهي. ان سان واضح ٿو ٿئي تہ اسرائيل هڪ طاقتور ۽ بي روڪ ملڪ بڻجي ويو آهي، جنهن سان سائنس ۽ ٽيڪنالوجيءَ ۾ ڪوبہ مسلمان ملڪ برابري نٿو ڪري.

سُڌسماءَ جي عالمي ذريعن تي انجو راڄ آهي. هر ڪجهہ سالن کانپوءِ هولو ڪاسٽ تي ٺهندڙ فلمون آسڪر ايوارڊ کٽي دنيا کي يهودين سان ٿيندڙ ڏاڍ ڏمر وسارڻ نٿيون ڏين. لائف از بيوٽيفل، دي ريڊرا شنڊلرزلسٽ، گلومي سنڊي، دي پيانسٽ، صوفيز چوائس جهڙيون هاليووڊ ۽ يورپي فلمن جي هڪ ڊگهي فهرست آهي جن جو سلسلو هولو ڪاسٽ سان ملي ٿو.

هيءَ ايڪويهين صدي آهي جتي هر اُها شئي وڪامجي ٿي جنهن جي بهتر مارڪيٽنگ ڪئي وڃي. پوين ستر سالن ۾ فلسطينين تي مسلمان ملڪن ڪيتريون اهڙيون فلمون تيار ڪيون آهن جن ۾ اسرائيلي ڏاڍاين کي وائکو ڪيو ويو هجي؟ ٿورڙو اڳين تي پيل پردو هٽائي دنيا کي ڏسو تہ جيئن پتو لڳيو تہ اسرائيل کي سڀ کان پهرين مسلمان ملڪ ترڪيءَ 1949 ۾ تسليم ڪيو، اڄ بہ ٻنهي ملڪن وچ ۾ هلندڙ اربين ڊالرن جا واپاري منصوبا ڪنهن کان ڳجها ناهن. اردن، مصر، مراڪش، گڏيل عرب امارتون ۽ سوڊان بہ اسرائيل کي تسليم ڪري چڪا آهن.

هڪ پاسي حماس جي حملي کانپوءِ اسرائيل فلسطينن جي هر امداد ۽ بنيادي ضرورتن تائين رسائي بند ڪري ڇڏي آهي تہ ٻئي پاسي مصر بہ غزه سان لڳندڙ پنهنجي سرحد کي فلسطينين لاءِ بند ڪري ڇڏيو آهي.

اسين ڪيترو بہ احتجاج ڪريون، پنهنجي يڪجهتي جو اظهار ڪريون پر ڇا اسين سندن گهاوَن جو پهو ٿيڻ جوڳا آهيون؟ ڇا اسين رات جي خوفناڪ اونداهيءَ ۾ بمباري وگهي ڪنڊر ٿيندڙ غزه جي تباهي پنهنجي آرام پرئي گهرن ۾ ويهي محسوس ڪري سگهون ٿا؟ نہ، بلڪل نہ! تمام گهڻو سولو آهي اهو چوڻ تہ ڇا فلسطيني پنهنجا حق حاصل ڪرڻ لاءِ ويڙهہ نہ ڪن يا اِهو چوڻ تہ هوئتن وري ڪهڙي فلسطينين جي زندگي بهتر انداز واري هئي!

حماس زميني حقيقتون نظرانداز ڪندي سدائين اسرائيل جي پيٽ ۾ فلسطينين کي وڏيڪ نقصان رسايو آهي. هن ڀيري بہ لاپ اسرائيل پيو پرائي غزه واري سڄي پٽيءَ کي نيست ۽ نابود ڪري.

ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ هولوڪاسٽ انساني تاريخ تي هڪ ڪوجهو داغ آهي پر انهيءَ داغ لاءِ فلسطيني يا عرب ملڪ ذميوار ناهن پر خود يورپ آهي پر انجي سزا ڪيترن ئي ڏهاڪن کان فلسطين جو هٿين خالي عوام ڀوڳي رهيو آهي.

جيڪڏهن حماس طرفان اسرائيل تي حملي جي موٽ ۾ اسرائيل غزه واري پٽيءَ کي کنڊر بڻائڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي تہ دنيا جا سگهارا ترين ملڪ اُن سان گڏ بيٺا آهن ۽ سنڌسڀاءِ جا ذريعا هڪ طرفي رپورٽنگ پيا ڪن، سواءِ ايڪڙ ٻيڪڙ چينلن جي.

بيشڪ اڄ هرڪو اُٺ ڀڪيءَ وانگر پنهنجي ڳچي واريءَ ۾ لڪايل آهي پر جهڙي ريت يهودين جي هولوڪاسٽ تي جرمني ۽ اولهہ لڄي آهن. هڪ ڏينهن فلسطيني هولوڪاسٽ بہ ڪنهن راڪاس جيان اسرائيل ۽ ان جي اتحادين جو پيڇو ڪندو.

انسانيت ٻنهي محاذن تي موت جي ڪنڌيءَ تي آهي. هڪ محاذ تي جسماني موت تہ ٻئي پاسي ضمير جو موت پيو ٿئي.

# ستارا ذرتيءَ تي

اڄ کان ڪو پنجويهه سال ڪن اڳ اسانجي هڪ ويجهي دوست جي ڌيءَ ڪراچيءَ جي هڪ وڏي اسڪول ۾ خراب ڪارڪردگيءَ سبب ورهين تائين ناپاس ٿيندي رهي، جنهن تي ڪيس اسڪول مان خارج ڪيو ويو. ان ڳالهه جو جڏهن هنن اسانکي ٻڌايو تہ پهريون ڀيرو "ڊس ليڪسيا" بابت ٻڌم.

انڪان پوءِ چار سال ڪن پرڏيهہ ۾ رهڻ دوران ڊس ليڪسيا، اوٽزم ۽ اپيي ليپسيءَ جا مختصر ڪورس ڪيم. جنهن جي ڪجهہ سالن ڪانپوءِ اُتيڪي "سکڻ ۾ نقص" جي شڪار ڪيترن ئي ٻارن سان ڪم ڪرڻ جو موقعو مليم.

انهيءَ دوران منهنجي ٽيون نمبر ڌيءَ ڪنڊرگارٽن وڃڻ شروع ڪيو تہ هڪ هفتي اندر ئي سندس اسڪول کان هڪ اِي ميل مليم جنهن ۾ ڌيءَ کي معمولي ڊس ليڪسيا جي ذيلي قسم "ڊس ڪيل ڪيوليا" هئڻ جو اطلاع ڏنو ويو هو جنهن ۾ ٻار انگي حسابن جا انگ سڃاڻڻ جي صلاحيت ۾ ڏکيائي محسوس ڪندا آهن ۽ اڪثر ابتو لکندا آهن.

مونکي وڌيڪ اچرج ۽ پريشاني انڪري بہ نہ ٿي جو ڊس ليڪسيا بابت چڱي موچاري ڄاڻ هئم ۽ آئون پاڻ بہ سڄي حياتي انگي حسابن سان جهيڙيندي آئي آهيان. اڄ بہ حسابن ۾ سڀ کان وڌيڪ ڪمزور آهيان.

تڏهن اندازو ٿيم تہ منهنجي ڌيءَ دير سان ڳالهائڻ چو شروع ڪيو. سندس ٽن سالن جي ڄمار تائين نہ ڳالهائڻ سبب ڪيس روزانو وڏي واڪي آڪاٽيون ٻڌائيندي هئس ۽ ٽي وي ڪارٽون ۾ ڳالهايل جملا ساڻن گڏ ورجائيندي هئس. شايد اهو ئي سبب هو جو ڪيس لکڻ ۽ پڙهڻ ۾ ڪا ڏکيائي

نہ ٿي ۽ پرڏيھ ۾ اسڪول جي پھرين سال ۾ بہ ڪيس ڪنھن خاص قسم جي مسئلي ڪي منھن ڏيڻو نہ پيو. پيو تہ اُتي اھڙن مختلف نقصن ڪي منھن ڏيڻ لاءِ ماھراڻي تربيت رکندڙ ماستريائيون آھن جيڪي اھڙن ٻارن ڪي خاص طريقيڪار ۽ ڌيان سان پڙھائين ٿيون.

مسئلو تڏھن شروع ٿيو جڏھن ٻارڙيءَ پاڪستان اچڻ ڪانپوءِ اسڪول وڃڻ شروع ڪيو. اِھا سال 2008 جي ڳالھ آھي. اڪثر مونکي وجي سندس ماستريائين ڪي سمجھائڻو پوندو ھو تہ جيڪڏھن شروعاتي سالن ۾ اھڙن ٻارن ڪي ڪم ڪار ڪرڻ يا امتحانن ۾ مقرر ڪيل وقت کان ڪلاڪ ڪن وڌيڪ ڏنو وڃي تہ اھڙا ٻار سگھو ئي ٻين ٻارن کان گوءِ کٽڻ جي صلاحيت رکن ٿا... پر منھنجو اِھو ڪجھ سمجھائڻ فضول ٿي رھيو. ٽي سال مونکي ھر ٽن مھينن واري سيمسٽر جي شروعات ۾ ھر ماستر ۽ ماستريائيءَ کي ڊس ليڪسيا بابت الف کان ي تائين ٻڌائڻو پوندو ھو ۽ ھو وات ڦاڙي مونکي ايئن ڇتائي ڏسندا ھئا ڄڻ ڪين ڪوھ قاف جي ڪا کھاڻي ٻڌائي رھي ھجان.

اڄ بہ ساڳي افسوسناڪ صورتحال آھي جو مھانگن ۽ وڏين اسڪولن جا استاد بہ ان مسئلي بابت ڪا خاص ڄاڻ نٿا رکن، باقي ننڍين ۽ سرڪاري اسڪولن جي ڇا صورتحال ھوندي تنھن بابت اوھين پاڻ ويچاري سگھو ٿا؟ جيئن تہ مونکي اندازو ھو تہ جيڪڏھن ھن مھل منھنجي ڌيءَ کي ڏگھا ۽ ڏکيا لفظ آواز جي لاھ چاڙھ سان ۽ ھجي ڪري پڙھايا ويندا ۽ انگي حسابن تي خاص ڌيان ڏرنيو ويندو تہ اِھا معمولي ڊس ليڪسيا ھڪ ٻن سالن ۾ ئي ختم ٿي ويندي. انڪري ھڪ نوجوان ٽيوٽر ڇوڪريءَ جو بندوبست ڪيم ۽ کيس تفصيل سان سمجھايم تہ ڪھڙي ريت پڙھائڻو آھي، سمجھائڻو آھي ۽ پوءِ جواب لکڻ لاءِ ٻارڙيءَ کي ڪيترو وقت ڏيڻو آھي. فقط ڪجھ سالن جي محنت جي نتيجي ۾ منھنجي ڌيءَ اسڪول جي ھوشيار شاگردياڻي ٻڻجي وئي.

اسان سڀني پنھنجي اسڪولي ڏينھن ۾ اِھو مشاھدو ضرور ڪيو ھوندو تہ ڪلاس جي ڪجھ ٻارن کي ڪاھل، سست ۽ ڪم چور سڏي اُستاد پوين بينچن تي ويھاري ڇڏيندا ھئا. اھڙن ٻارن کي ڪڏھن گھر جو ڪم نہ ڪرڻ تي، تہ ڪڏھن ڪلاس ۾ ڪم سستيءَ سان ڪرڻ تي يا ڪو غلط جواب

ليڪسيا جو سين کان وڌيڪ ڏکيو ۽ شديد قسم آهي جنهن ۾ فرد فونولوجيڪل ۽ ريپڊ نيمنگ ڊيفيسٽ جو هڪ ئي وقت شڪار بڻيل هوندو آهي. پڙهڻ مهل لفظ گڙ ٻڙ يا بي ترتيب ٿي ويندا آهن. جڏهن ته اچارڻ / ڳالهائڻ مهل لفظن جو اُچارڻ به درست نه هوندو آهي.

جڏهن ته ڊس ليڪسيا جا ٽي ذيلي قسم آهن. جن کي مختلف نالا ڏنا ويا آهن:

ريڊنگ ڊس ليڪسيا (Reading Dyslexia)

رائٽنگ ڊس گرافيا (Writing Dysgraphia)

ميٿ ڊس ڪيل ڪيوليا (Math Dyscalculia)

ڊس ليڪسٽ ٻار ڪنهن به ريت گهٽ ذهين يا ذاهپ کان وانجهيل نه هوندا آهن پر جيڪڏهن کين نصابي علم ڏيان ۽ خاص طريقيڪار ذريعي پڙهايا وڃن ته هو نه رڳو نصابي پر غير نصابي سرگرمين ۾ به اڳيرا ٿا رهن. انهيءَ ڪري اِها مدي خارج سوچ دماغ مان ڪڍي ڇڏيو ته ڊس ليڪسڪ جو ذهانت سان ڪو تعلق آهي.

ڏٺو ويو آهي ته جيڪي ٻار لکڻ پڙهڻ ۾ ڏکيائي محسوس ڪندا آهن سي انگي حسابن ۾ پنهنجو مٽ نه رکندا آهن ۽ جن لاءِ انگي حساب سمجهڻ عذاب هوندو آهي تن لاءِ لکڻ، پڙهڻ، سمجهڻ ۽ ڳالهائڻ جڻ کابي هٿ جو کيل هوندو آهي پر اهڙن ٻارن کي انهيءَ سطح تائين آڻڻ لاءِ والدين ۽ استادن جي ماهراڻي ۽ همدردي پرئي سياءُ جو اظهار لازمي آهي.

هاڻ سوال اِهو ٿو پيدا ٿئي ته اِهو پتو ڪيئن لڳائجي ته ڪو ٻار ڊس ليڪسڪ آهي، ته انجو سادو سودو جواب اِهو آهي ته سکيا وارو نقص جمڻ کان ئي ٻار ۾ هوندو آهي پر انجو پتو سندس ڇهن پنجن ورهين جي ٽيڻ تي پوندو آهي جڏهن ٻار ڪنڊرگارٽن وڃڻ شروع ڪندو آهي.

شروعاتي نشاني ٻار طرفان لفظ ابتا لکڻ آهي، مثال جي طور تي س، ح-C,D,B-2,7,3,5 وغيره کي يا ته ابتو لکندو يا وري ڪجهه لفظن کي هڪبئي سان ڳنڍي ڇڏيندو. ڊس ليڪسڪ ٻارن کي لکڻ پڙهڻ ۾ ٻين ٻارن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ وقت گهربل هوندو آهي ۽ سمجهڻ لاءِ کين هر هر پڙهڻ جي ضرورت پوندي آهي. کين لکيل لفظ هڪبئي مٿان چڙهيل نظر ايندا آهن ۽

ٻڌڻ دوران ڪيترائي لفظ هو سمجهي نه سگهندا آهن جنهن ڪري هنن لاءِ ڊيان ڏرڻ ڏکيو ٿي پوندو آهي. هو اڪثر غلط اُچار ڪندا آهن. اهو سموريون علامتون ظاهر ڪنديون آهن ته ٻار ڊس ليڪسيا جو شڪار آهي پر انڪي منهن ڏيڻ ۽ علاج اسانجي هٿ وس آهي جنهن ۾ اسانجو صبر، پنهنجائپ ڀريو ورتاءُ ۽ ڀرپور ڌيان ڏرڻ ئي ٻار کي انهيءَ ذهني نقص کان نجات ڏياري سگهي ٿو، جڏهن ته اهڙن ٻارن کي دڙڪو داٻ، لعنت ملامت ۽ مارڪٽ وڏيڪ نفسياتي پيچيدگيءَ جو سبب بڻبو ۽ سڄي زندگي اهڙي ٻار ۾ اعتماد جي کوٽ ۽ دنيا کي منهن ڏيڻ جو ڊپ حاوي رهندو.

اهڙن ٻارن جا والدين جيڪڏهن جانچ لهن ته ٻار ۾ انهن ڄاڻايل ٽن سکيا وارن نقصن مان ڪهڙو آهي ته ڪين ان تحت اُهيئي مضمون پڙهائڻ گهرجن جن ۾ ٻار جي دلچسپي ۽ سمجهڻ جي صلاحيت وڌيڪ هجي. ٻئي پاسي ڊس ليڪسيا کان متاثر ٿيل ٻارن لاءِ خاص تعليمي ادارا قائم ڪرڻ جي ضرورت سان گڏوگڏ اُهي سمورا تعليمي ادارا جيڪي اسڪولي فيءَ جي ڏس ۾ ڪروڙين رپيا ڪمائين ٿا، پنهنجي استادن ۽ انتظاميا کي ان ڳالهه جي مڪمل تربيت ڏين ته جيئن اهڙا ٻار اسڪول ۾ ڪنهن مٽ ڀيڊ يا ڌڪار ڀريئي ورتاءُ کان محفوظ رهي سگهن.

ڊس ليڪسيا بابت تحقيق ڄاڻائي ٿي ته جيڪڏهن وقت سر پتو لڳي وڃي ۽ مخصوص طريقيڪار اختيار ڪري تعليمي سرگرميون ڪيون وڃن ته وقت گذرڻ سان گڏ انجي پاڙ پٽي سگهجي ٿي. انجو مثال منهنجي ڌيءَ ٿي آهي جيڪا نصابي ۽ غير نصابي سرگرمين ۾ سدائين اڳيري رهي آهي. هُن پنهنجي تعليم سان گڏوگڏ پيانو وڄائڻ جو ڇهن ورهين وارو ڪورس ۽ سنگيت جي ٻولي سکڻ جو سرٽيفڪيٽ پڻ حاصل ڪيو آهي. پنهنجي ڌيءَ کي مختلف موضوعن تي ڪتاب پڙهڻ، سنگيت جي ڄاڻ رکڻ ۽ ڪنهن به فورم تي بنان لڪت جي ڳالهائڻ کي ڏسي اسانکي هاڻ اِهو احساس ٿي نه ٿيندو آهي ته ڪو ان ٻارڙي ڪڏهن ڪو ڏکيو وقت ڀوڳيو آهي.

جيستائين والدين پنهنجي سر پنهنجي ٻارن جي سکيا ۾ نقص نٿا پروڙين ۽ انهيءَ ڏکئي پل ۾ سندن ساٿاري نٿا بڻجن تيستائين اسڪول انتظاميا، استادن ۽ معاشري سان به نٿا وڙهي سگهن.

۽ هندن ۽ سکن لاءِ بہ ڏار ملڪ ٺهيا پر ان هوندي بہ ڪروڙين مسلمان هُن پاسي رهجي ويا ۽ پاڪستان ۾ رهندڙ غير مسلم هن ڌرتيءَ سان ڳنڍيل رهيا. ورهاڱي مهل پاڪستان جي ڪُل آباديءَ جو 23 سيڪڙو حصو غير مسلمانن تي ٻڌل هو جن ۾ هندو، سک، مسيحي، پارسي ۽ ايستائين جو يهودي پڻ شامل هئا.

پاڪستان جي ثقافتي ۽ معاشي ترقيءَ ۾ غير مسلمانن جو گهرو اثر اڄ بہ قائم آهي. سنڌ جي ترقيءَ ۾ پارسي، هندو ۽ مسيحي برادرين جو سرواڻ ڪردار رهيو آهي. پنجاب ۽ خيبرپختونخوا ۾ سک ۽ هندو برادريون نہ رڳو ڪاروباري ماهرن ۾ اڳيريون آهن پر سندن فلاحي ڪارناما بہ اڄان تائين ان ڌرتيءَ سان سندن اُڪير جو واضح ثبوت آهن. پاڪستان جي پهرين آئين ساز اسيمبليءَ جي پهرين ڪابينا ۾ جوگندر ناٿ منڊل کي پهريون غير مسلم قانون وارو وزير بڻايو ويو جيڪو هڪ ساراهہ جوڳو قدم هو پر منڊل گهڻو عرصو انهيءَ عهدي تي رهي نہ سگهيو ۽ نہ ئي هندو برادريءَ جو آئينده روشن ٿي سگهيو. جيڪڏهن سنڌ جي شهر ڪراچيءَ جي ڳالهہ ڪجي تہ انجو پهريون ميئر جمشيد سروانجي مهتا هڪ پارسي هو جنهن ڪراچيءَ ۾ ويڪرا رستا، باغيچا ۽ پارڪ ٺهرايا. ڪراچي جمشيد سروانجيءَ جي خدمتن کي ڪڏهن بہ وساري نٿي سگهي.

ڪراچيءَ جي اين اي ڊي يونيورسٽي قائم ڪندڙ نادرشا ايڊنجي ڊنشا بہ پارسي ئي هو. انڪل سريا اسپتال هجي يا ڊاڪٽر منوچهر جي لياريءَ واري اکين جي اسپتال، بهرام ڊي آوريءَ جي آواري ٽاورز جهڙي فائيو اسٽار هوٽل هجي يا سائرس منوالا جي ميٽروپول جهڙي فني شاهڪار هوٽل، اهي سڀئي پارسين جون ئي ٺهرايل آهن. سولجر بازار پرسان پارسين جي آبادي هوندي هئي جتي اڄ بہ سهڻيون بالڪنيون ۽ وڻن سان سٽيل گهر ماڻهن جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪرائن ٿا پر اهي اڪثر گهر ويران پيا آهن. اڄ ڪراچيءَ ۾ پارسين جو ڳاڻيٽو اگرين تي ڳڻڻ جيترو آهي. ڪراچيءَ کي بهتر بڻائيندڙ پارسي جيئن تہ خوشحال برادريءَ سان تعلق رکندڙ هئا تنهنڪري هنن مذهبي ڏقير ۽ ڏکار پرئي ملڪ ۾ رهڻ بدران پرڏيهہ وڃي ٽانيڪو ٽيڻ کي ترجيح ڏني.

چاهتر سالن کانپوءِ بہ رت جي هيءَ اُج اُجهامڻ جو نالو نہ پئي وٺي ۽ نہ ئي نفرت جي باھ جهڪي ٿيندي ٿي نظر اچي.

هر وار ڪاندارينڌڙ هاجي ڪانپوءِ ساڳيا مدي خارج بيان ۽ واڳون وارا ڳوڙها.

جڏهن گهاو تازا هوندا آهن تہ سوشل ميڊيا تي دل جي ڪاوڙ ڪڍڻ جو ڪو چيهہ ئي نہ هوندو آهي پر ڪيترن ڏينهن تائين؟ گهڻو پريشان نہ ٿيو، اسانجي يادگيري انتهائي محدود آهي. ايندڙ سال آزاديءَ واري جشن ڏيهاڙي تي وڏيڪ گوڙ ڪندڙ واڄا وڄائي خوش ٿي رهيا هونداسين.

# رنگ منچ جا پانڌيئڙا

چونڊا آهن تہ يورپ جي رومانس جو ڪو ڇيھ ئي ناهي. پهرين اڏاوتي فن هجي يا چترڪاري، گرجا گهر هجن يا بازارون، اوپيرا هائوس هجن يا مئي خانا. هر شئي پنهنجي اندر ۾ پوري تاريخ اوتيل ٿي نظر اچي. اولهہ اجوڪي حيثيت تي ڪيترن ئي انقلابن مان لنگهي پهتو آهي. رڳو چترڪاريءَ جي ئي ڳالهہ ڪجي تہ ڪيترين ئي تحريڪون انهيءَ خطي ۾ اُڀريون جن جا ڏور رس اثر سڄي دنيا تي پيا. فن جي هر تحريڪ جي پسمنظر ۾ هڪ نظريو ۽ تنقيدي سوچ رهي آهي.

ڇهين صدي عيسويءَ کان چوڏهين صدي عيسويءَ جي وچ تائين اولهہ ۾ يڪسانيت سان ڀرپور بازنطيني آرٽ جو دور رهيو. فن جو اهو اسلوب مذهب جي ترويج جي حد تائين محدود رهيو. شايد اهو ئي سبب آهي جو چترڪاريءَ جي فن کان اڏاوت جي فن تائين انهيءَ فن ۾ ڪوبہ تنوع نظر نٿو اچي. رومي اُپسمنڊ سان ڳنڍيل يورپ جي ملڪن ۾ ترڪيءَ کان يونان ۽ سربيا کان روس تائين بازنطيني فن اسان کي انهيءَ دور جي جادو ۾ جڪڙي ٿو ڇڏي. انهيءَ آرٽ جا بهترين مثال استنبول جي آيا صوفيا ۽ اٽليءَ ۾ سينٽ مارڪ باسيلڪا چرچ آهن.

بهرحال اٽليءَ جي ئي شهر فلورنس بازنطيني فن جي جمود ۽ يڪسانيت کي نشاة ثانيا جهڙي تحريڪ ذريعي نہ رڳو ٽوڙيو پر رومن ڪيٿولڪ چرچ تي ڪاري وار پڻ ڪيو. جهڙي ريت اسانجي ملڪ ۾ هن وقت

مذهبي جنونيت ۽ انتهاپسندي ڇانيل آهي. اولهه ۾ به ڏگهي عرصي تائين اهڙن ئي مذهبي پيشوائن انساني قدرن کي لوڙيو ۽ ذليل ڪيو. نشاة ثانيا انسان دوستيءَ جي تحريڪ هئي جنهن هيومن ازم کي هٿي ڏني. 1453عيسويءَ کي قسطنطنيا (هائوڪو ترڪي) جي زوال ۽ اٽليءَ ۾ نشاة ثانيا جي عروج جو دور سڏيو ويندو آهي جڏهن انيڪ ڪيترن جي علم ۽ ڏاهپ جي مهندارن اٽليءَ کي پنهنجو تاڪ بڻايو ۽ پاڻ سان گڏ آندل علمن جو پرچار ڪيو. ٿورڙي ئي عرصي ۾ نشاة ثانيا واري تحريڪ سڄي يورپ کي پنهنجي اثر هيٺ آڻي ورتو. نشاة ثانيا انساني وقار ۽ اهميت کي اڳوڻي دور جي توبهن ۽ گناهن جي اعتراف جهڙن مذهبي قدرن تي ترجيح ڏني.

نشاة ثانيا انساني ذهن کي مذهبي علمن کان ڪڍي بين علمن ڏانهن لاڙيو. انهيءَ دور ۾ ڇاپي خاني (پريس) جي ايجاد پڙهڻ ڳڙهڻ (خواندگي) جي شرح ۾ تيزيءَ سان اضافو آندو جيڪو خود پنهنجو پاڻ ۾ هڪ وڏو انقلاب هو.

بهرحال، نشاة ثانيا کان اظهار جو فن سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيو، خاص طور تي چترڪاريءَ کي علم جو درجو حاصل ٿيو. انڪانپوءِ ئي فن ۽ چترڪاريءَ جي انيڪ تحريڪن اولهه ۾ جنم ورتو. نشاة ثانيا جي عروج واري دور ۾ ڪيترن ئي نامور چترڪارن جنم ورتو جن پراڻن ۽ مدي خارج تصورن کي مڪمل طور تي بدلائي دنيا کي حقيقتن جي نون پاسن کان واقف ڪرايو. Mannerism نشاة ثانيا جي عروج واري تحريڪ ليکي ٿي وڃي. ان ۾ سڀ کان اهم ۽ نه وسارڻ جوڳو نالو ليونارڊو ڊاونچيءَ جو آهي جنهن جو اڄ به سڄي دنيا ۾ چرچو آهي. ڊاونچي رڳو چترڪار ئي نه هو پر هڪ گهڻ پاسي شخصيت هو.

هُن نه رڳو چترڪاريءَ ۾ پنهنجو ڌاڪو ڄمايو پر مجسمي سازي، سائنس، نقشاسازي، انساني عضون جي علم، فلڪيات، نباتيات، نظرئي داني، انجنيئرنگ، اڏاوت ۽ اڳاٽي دور جي جيوانن بابت علم ۾ به پنهنجو مٽ پاڻ هو. مونالیزا ۽ لاسٽ سپر کي هر خاص ۽ عام اڄ به ساراهي ٿو. هڪ انسان جيڪو هيترن سارن علمن ۾ مهارت رکندو هجي، تنهن کي قدرت جو معجزو ئي سڏي سگهجي ٿو پر اهڙا معجزا ٿيڻ لاءِ نشاة ثانيا جهڙو ماحول هئڻ به ضروري آهي.

جنهن بيروق آرٽ جي ڳري پڻ کي گهٽايو ۽ پنهنجي لطافت ۽ خوش مزاجيءَ سبب سگهوئي عوام ۾ مشهور ٿي ويو. روڪوڪو آرٽ جو سڀ کان وڏو چترڪار واٽو کي ليکيو ٿو وڃي. اڳتي هلي 1740 ۾ پري رومانٽزم واري تحريڪ کي ڪنهن شڪ شبهي کانسواءِ هڪ ثقافتي تحريڪ سڏي سگهجي ٿو. انهيءَ تحريڪ ۾ عوام جي سوچ ۾ هڪ واضح تبديلي آئي. هڪ نئون طبقو جنهن کي عام طور تي وچولو طبقو سڏيو ٿو وڃي اُڀري سامهون آيو ۽ اُن اميرائي ٺٺ ٺانگر، شان شوڪت ۽ دٻدٻي تي ٻڌل آرٽ ۽ چترڪاري کي رد ڪري ڇڏيو. ان تحريڪ جو باني فرانسيسي دانشور زان روڪ روسو هو.

پري رومانٽزم جو آرٽ وچولو ۽ هيٺين طبقو سولائي سان ساراهي پئي سگهيو ڇاڪاڻ جو ان ۾ قدرتي ڏيکن ۽ اڏمن جي بي ساختگي هئي. اوڻويهين صديءَ ۾ يورپ کي رومانٽزم پنهنجي پڪڙ ۾ وٺي ڇڏيو. انهيءَ ۾ ڪو شڪ شبهو ناهي ته اها هڪ اهڙي تحريڪ هئي جنهن انهن تحريڪن کي ٻه پنهنجي اندر سموئي ڇڏيو جيڪي ٻين طرفن جون راهي هيون. رومانويت جي تحريڪ جا چترڪار وڌيڪ آزاد ۽ حقيقت پسند ٿي ويا ڇاڪاڻ جو شاهوڪارن جي آرٽ تي هڪ هٽي گهٽجي چڪي هئي، رومينٽنزم ۾ جذبات نگاري ۽ سرمستيءَ تي زور ڏنو ويو. انهيءَ دور ۾ گوٿڪ ناول، ليند اسڪيپ، باغيچن ۽ رومانوي شاعريءَ کي ٻه عروج مليو. يورپ سان گڏوگڏ امريڪا ۾ ٻه انهيءَ تحريڪ هڪ نئين سوچ جي لهر پيدا ڪئي. وڪٽرهيوگو، پشڪن ۽ شيڪسپيئر انهيءَ تحريڪ لاءِ انتهائي مددگار ثابت ٿيا. ٽرنر ۽ جان ڪانسٽيبل رومانوي تحريڪ جا عيوضي چترڪار ليکيا ٿا وڃن. ٽرنر جو Dutch Boat in a Gale جان ڪانسٽيبل جو Dedham lock and Mill جڏهن ته ڊيلا ڪرويا جو The Death of Sardanapalus رومينٽنزم آرٽ جا شاهڪار آهن. پاڪستان جي شروعاتي سالن ۾ ٻن وڏن چترڪارن اُستاد الله بخش ۽ عبدالرحمان چغتائي جا نالا ذڪر جوڳا آهن جن پاڪستان ۾ رومينٽنزم جو بنياد رکيو. ذوالفقار علي زلفي اڄڪلهه انهيءَ آرٽ جو ڄاتل سُڃاتل چترڪار آهي.

رئيلزم آرٽ کي اينٽي رومانٽڪ ازم ٻه چيو ويندو آهي ڇاڪاڻ جو ان تحريڪ سان لاڳاپيل چترڪارن انساني ڏکيائين ۽ حالتن جي ڪوجهائپ

ڪي سونهن جو ڪو پڙدو چاڙهڻ ڪانسواءِ جيئن جو تيئن ڪينواس تي چٽيو آهي. گوسٽيو ڪوربي رئيلزم تحريڪ جو باني ليکيو ٿو وڃي. هُن آڏو روز مره واري زندگيءَ جي ڏينهن رات جي عڪاسي ئي صحيح معنائن ۾ هڪ جمهوري ۽ عوامي عمل آهي. ڪوربي جو جڳ مشهور چٽر "دي اسٽوڊيو" نمائش ۾ رکڻ کان منع ڪيو ويو. ڪوربي وانگر بانوري ڊوميير بہ رئيلزم ذريعي فرانس جي اشرافيا جي بدعنوانين کي پنهنجي چٽرن ذريعي وائکو ڪيو. سندس موجب پورهيت مرد ۽ عورتون ئي معاشري جا اصل هيرو آهن. رئيلزم آرٽ جا سڀ کان وڌيڪ ۽ وڏا نمائندا آمريڪا ۾ ٿيا. روس ۾ اها تحريڪ سوشل رئيلزم جي نالي سان معارف ٿي ۽ ان کي مارڪسزم جي واڌويجهہ لاءِ پڻ استعمال ڪيو ويو. پاڪستان ۾ ڪولن ڊيوڊ ۽ خالد اقبال رئيلزم جا وڏا چترڪار ليکيا وڃن ٿا. ڪولن ڊيوڊ انساني عضون کي بہ پنهنجي فن جو حصو بڻايو آهي.

1874 ۾ پئرس ۾ ڪجهہ ڏڪاريل نوجوان چترڪارن جي هڪ گروپ امپرشين ازم جي تحريڪ شروع ڪئي جنهن ۾ ايڊورڊ ماني پال سيزن ڊيگا، رينووا، پسارو ۽ ڪلودموني جا نالا ذڪر جوڳا آهن. امپرشين ازم جي چترڪاريءَ ۾ رنگن جي گاڏڙ ۽ ڪاري رنگ کان پاسو ڪرڻ واضح طور تي نظر ٿو اچي. تلهن ۽ ننڍن برش اسٽروڪس جو استعمال ۽ روزمره جا آئوٽ ڊور چٽر انهيءَ تحريڪ جي خاصيت آهن. مونيءَ جي جڳ مشهور چٽر سن رائيز جو چٽر اڏائيندي هڪ نقاد چترڪار کي امپرشينٽس جو لقب ڏنو. انهيءَ فن ۾ مجموعي اثر تي زور ڏنو ويندو آهي نہ کي تفصيل بيان ڪيو ويندو آهي يعني رڳو ڏيک کي چٽجي، پوءِ پل ڏيک جو تفصيل يا سونهن واضح ٿئي يا نہ.

ڪلودموني ۽ رينووا انهيءَ گروپ جا اُهي چترڪار آهن جيڪي آخري پل تائين امپرشين ازم جا عيوضي رهيا ۽ انهيءَ فن کي پنهنجي عروج تي پهچايائون جڏهن تہ ايڊورڊ ماني جي ڪم بہ امپرشين ازم تي پنهنجا نقش ڇڏيا. مانيءَ قدرتي ڏيکن جي ڀرپور منظر ڪشي ڪئي. سندس نامانوس ۽ اڌورا نظر ايندڙ ڏيکن روائتي نظرين کي شڪست ڏئي ڇڏي. رينووا ۽ ايڊگارڊيگا عورتن جا بي ساختگيءَ سان ڀرپور اگهاڙا چٽر ناهيا جيڪي انڪان

رکن. يورپي نقاد وان گوگ کي انجو باني ٿا ليکين ته جهڙي ريت هُن رنگن ۽ ليکن کي جذباتي انداز ۾ ڪينواس تي منتقل ڪيو آهي سو ڪنهن ٻئي چترڪار وٽ نظر نٿو اچي.

وان گوگ هالينڊ جو رهواسي هو ۽ شروعات ۾ پنهنجي همعصر گوگان ۽ سيزان سان گڏ پوسٽ امپريشن ازم جو فنڪار رهيو پر اڳتي هلي هُن پنهنجي رنگن کي علامت نگاريءَ ۾ سموئي ڇڏيو. انهيءَ دوران هو نشي جو عادي ٿي ويو پر گڏوگڏ سندس اسٽروڪ ۽ برش آزادائي طور تي رنگن ۾ اڏمن سان ڪيڏڻ لڳا ۽ هو ايڪسپرشين ڪلا ۾ سڀ کان اڳيرو ٿي ويو. چترڪار طور هُن فقط ڏهه سال چترڪاري ڪئي ۽ اٺ سئو چتر چٽيائين. جن مان فقط هڪ ئي محفوظ رهي سگهيو. گوگان ۽ هو پڇاڙيءَ تائين سُنا دوست رهيا پر لاڳيتو غربت وان گوگ کي توائي ڪري ڇڏيو هو. اهڙي ئي توائي پڻي ۾ هڪ ڏينهن پنهنجو ڪن ڪپي ڇڏيائين جو ڪيس هر پل پنهنجي ڪن ۾ سيٽيون ٿي ٻڌڻ ۾ آيون. آخرڪار پنهنجو پاڻ کي گولي هڻي آپگهات ڪري ڇڏيائين ۽ اهڙي ريت فن جي دنيا جو هڪ شاندار باب پنهنجي پڇاڙيءَ تي پهتو. وان گوگ کي ڪنهن هڪ تحريڪ تائين محدود نٿو ڪري سگهجي.

عينا مولڪا احمد جرمن ايڪسپريشنسٽ جي پيروڪار پاڪستان چترڪار رهي آهي. هوءَ ايڊورڊ مونڪ ۽ وان گوگ کان متاثر هئي ۽ پنهنجي فن ۾ ٻنهي جي پيروي ڪندي رهي.

ويهين صديءَ ۾ شروع ٿيل چترڪاريءَ جي سمورين تحريڪن ۾ ڪيو بزم کي هڪ منفرد مقام حاصل آهي. ڪيوبزم علامت نگار ڪلا جي شروعات ڪندڙ تحريڪ جو درجو رکي ٿي. پابلوپڪاسو ڪيو بزم جو تخليقڪار هو. ڪائنس پوءِ جارج براق کي به ان تحريڪ جي بانيءَ واري حيثيت حاصل آهي. براق ۽ پڪاسو ٻئي پال سيزان کان متاثر هئا. ڪيوبزم اصل ۾ هنن ٻنهي جي نظر ۾ ريئلزم جي ئي هڪ شڪل هئي. ٻنهي چترڪارن سنگل ويو پوائنٽ واري نظرئي کان انحراف ڪندي ٻٽي حجم (Two Dimensional) واري سطح ٽيڻ حجم (Three Dimensional) وارن اسمن کي ڪينواس تي چٽيو. پاڪستان ۾ ڪيوبزم ڪلا جي ڪيتر ۾ شاڪر عليءَ جو نالو ڪنهن به تعارف جو محتاج ناهي. 1970 واري ڍاڪي ۾ جميل نقش ۽

ظهور الحق پڻ ڪيوبزم ۽ علامتي ڪلا کي اڳتي وڌايو.

ڏسندي ئي ڏسندي پهرين ۽ ٻين مهاڀاري لڙائي جي تباهيءَ سڄي دنيا جي نفسيات کي هڪدم بدلائي ڇڏيو جنهن جا اثر چترڪاريءَ ۾ به واضح طور تي نظر آيا ۽ ڪلا جي هڪ منفرد تحريڪ سو ريئلزم جو جنم ٿيو. ظاهري طور تي اِها ڏاڏا ازم کان متاثر نظر ائي پر سگهو ئي انهيءَ تحريڪ جي چترڪارن انهيءَ ڪلا کي هڪ نئين ڏسا ڏني. هيءَ تحريڪ انهيءَ بربادي‌ءَ جي خلاف هئي جيڪا ريشنلزم جي پئداوار هئي. هيءَ ڪلا جي اُها صنف آهي جيڪا هوش مندي ۽ باخبريءَ کي غفلت ۽ بيهوشيءَ سان ڳنڍي ٿي يعني خواب کي حقيقت سان ۽ شعور کي لاشعور سان جوڙيو ويو آهي. سورئيلسٽ چترڪارن سيگمنڊ فرائيڊ جي لکتين مان به لاڀ پرايو. سلواڊور ڊالي ۽ ديلوو انهيءَ تحريڪ جا ناميارا چترڪار آهن جن جا چتر مائهن کي ڊونڌاڙيو ڇڏين. سندن ڪيترائي چتر ڏسي لڳي ٿو ته مائهو خواب پيو ڏسي. اسپين سان تعلق رکندڙ سلواڊور ڊالي هڪ سورئيلسٽ چترڪار هئڻ سان گڏوگڏ مجسمي ساز، فلم ساز، سيٽ ڊيزائنر، پرنٽ ميڪر ۽ پرفارمنگ آرٽسٽ پڻ هو. ڊاليءَ جو چتر The Persistent of Memory به ڪلا جي شيدائين جو من موهيندڙ چتر آهي.

پاڪستان ۾ صادقين ڪانپوءِ شرجيل ۽ شڪيل سهگل سورئيلزم جا سٺا چترڪار ليکيا ٿا وڃن. فنونِ لطيفه ۾ چترڪاري هڪ اهڙي صنف آهي جيڪا صدين کان انسان جو من وندرائيندي آئي آهي. اِها اظهار جي راهه جو هڪ اهم ذريعو پڻ آهي. اولهه ۾ اڄ به ڪلا جون ڪيتريون ئي تحريڪون زور شور سان هلندڙ آهن. اِهو سلسلو اينئن ئي هلندو رهندو ۽ هلڻ به گهرجي ڇاڪاڻ جو اهڙيون تحريڪون اسان جهڙن معاشرن لاءِ به پيروڪاري ڪرڻ جو گس ڏيکارين ٿيون.

# ابدي ڏيک ويک ۽ چٽ

پاڻيپت جي ميدان تي ابراهيم لوڌيءَ کي ويڙهہ ۾ شڪست ڏئي ظهيرالدين بابر 1526ع ۾ نئدي کنڊ ۾ مغل سلطنت جو بنياد وڌو. اڄ بہ دلي، آگرو ۽ فتح پور سيڪري جا تاريخي هنڌ گهمندي ايئن محسوس ٿيندو آهي تہ چڻ هاڻي ئي درباري محلن جون سرگرميون شروع ٿيڻ واريون آهن...

بابر جو حڪومتي دور جنگين ۽ فتوحات حاصل ڪرڻ جي پٺتوڙ ۾ گذريو. پنهنجي جمالياتي ذوق کي آڏو رکندي هن فنونِ لطيفہ جي اهميت کان منهن تہ نہ موڙيو پر چترڪاريءَ جي واڌويجهہ لاءِ ڪو خاص ڀوتو نہ پاريائين، جڏهن تہ تزڪ بابريءَ ۾ باغيچا نہ لڳائڻ تي هندستانين تي چوهہ چنڊيندي نئدي کنڊ ۾ ڪيترائي شاندار باغيچا نهراياڻين.

ٻئي مغل بادشاهہ همايون کي اڃان تخت تي ويٺي پنج سال ئي مس ٿيا هئا جو کيس اندرين ۽ ٻاهرين سازشن ڪري پڇي وڃي ايران ۾ پناهہ وٺڻي پئي. ايران ۾ گهاريل ڏهن ٻارهن سالن دوران همايون کي ايراني فنونِ لطيفہ خاص طور تي ايراني چترڪاريءَ پاڻ ڏانهن ڌيان ڇڪرايو. پيهر هندستان فتح ڪرڻ کانپوءِ همايون جي دور ۾ "مغل دبستانِ چترڪاريءَ" جي شروعات ٿي. همايون پاڻ سان گڏ ايران مان چترڪار ۽ خطاط پڻ آندا. جن مان مير علي تبريزي همايون جي دربار جو ذڪر جوڳو نالو آهي. انهيءَ دور ۾ ايراني ۽ هندستاني مني ايچر ڪلا جو ميلاپ ٿيو جنهن جي نتيجي ۾ مغل مني ايچر جي اڪيون ڪيرو ڪندڙ چترڪاري جنم ورتو. انهيءَ دور جا ڪي وڏا چترڪار

جون وصفون پڻ واضح آهن. اڪبر پنهنجي درٻار ۾ هر مذهب سان تعلق رکندڙ فنڪارن جي دل کولي پذيرائي ڪئي، انهيءَ ڪري ڪيترن ئي هندو چترڪارن مغل مني ايچر ۾ ڪمال جي چترڪاري ڪئي. رزم نامو، تيمور نامو، خمسهءِ نظامي ۽ بهارستان جي چترڪاري کي اڪبر دور جو انمول ڪارنامو ليکيو وڃي ٿو.

اڪبر جو جانشين جهانگير پاڻ به چترڪار هو ۽ هن بابت مشهور هو ته کيس اهو ڪمال حاصل هو جو ڪوبه چتر ڏسي ٻڌائي سگهندو هو ته اهو ڪنهن جو ٺاهيل آهي. جهانگير پنهنجي درٻاري چترڪار منصور کي "نادر العصر" جو خطاب ڏنو هو. منصور کي جانور ۽ حيوان چٽڻ ۾ مهارت حاصل هئي. سندس رنگ جامع ۽ گهرا هئا جڏهن ته سندس اظهار واري سگهه منفرد هئي. جهانگير جي دور ۾ بشن داس ۽ منوهر جي چترڪاريءَ جو وڏو چرچو هو. جڏهن ته جهانگير دور جو چترڪار استاد فرخ بيگ به مغل چترڪاريءَ ۾ بنيادي ٿنڀ واري حيثيت رکي ٿو جنهن شبيهه نگاريءَ ۾ شاندار چترڪاري ڪئي. شاهجهان جي دور ۾ عمارتن تي خاص ڌيان ڏريو ويو پر چترڪاريءَ ۾ شاهجهان جي ڪيترن ئي چترن ڪانسواءِ سندس وزير سعدالله خان جي چترن جو به ڪو ثاني ناهي. شاهجهان جي درٻار جو هڪ چتر ٻاهرين ڏيک ڪان شروع ٿي شاهجهان جي تخت تائين وڃي ٿو جڏهن ته اوسي پاسي شينهن ۽ ڳئون هڪ ئي گهاٽ تي پاڻي پيئندي ڏيکاريل آهن. اهو چتر خود مغل چترڪاريءَ جي هڪ تاريخ آهي. رنگن جو گاڏڙ، سوني تارن ۽ قيمتي پٿرن جو ڪٽائو ۽ جڙائو اهڙو تازو ۽ پختو آهي جو عقل دنگ رهجيو وڃي.

اهو چوڻ ڪنهن به ريت غلط نه ٿيندو ته اورنگزيب جو دور مغل سلطنت جي زوال جي شروعات هو. سندس راڄ ۾ فنونِ لطيفه جو مستقبل انحطاط جو شڪار ٿي ناس ٿي ويو جڏهن ته مقالاتِ عبدالرحمان چغتائي ۾ اورنگزيب جي غلط پاليسين تي غير مناسب ريت پڙدو وڌو ويو آهي.

جهانگير جي ئي دور ۾ برطانيا جي ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ سان واپاري ناهه پڻ ڪيا ويا، تڏهن ڪنهن کي اندازو به نه هو ته اها ڪمپني پنهنجي ملڪ کان گهڻي وڏي ۽ دنيا جي شاهوڪار ترين سلطنت ۾ انجي لڳ

پڳ چوٿين حصي آباديءَ تي سڌوسنئون راڄ ڪندي.

اوڻهويهين صدي عيسويءَ جي شروعات ۾ هڪ انگريز آفيسر جان سمٿ اورنگ آباد جي اتراولهه جبلن جي وچ ۾ چارين ۽ خودرو وڻن جي جهڳٽن ۾ گهيريل اجنتا جا غار ڳولهي لڌا. ٽڪرين کي ڪٽي ناهيل اهي ٽيهه غار گپتا عهد ۾ ٻڌمت جي عظمت، مهاتما ٻڌ جي جيون ڪٿا ۽ مذهبي فڪر ۽ خيالن جون ترجمان هئا جيڪي ٻڌمت جي زوال کانپوءِ اوستائين دنيا جي نظرن کان لڪيل هئا. غارن جي حالت خراب هئڻ جي باوجود ٽڪرين تي ٺهيل نقش ۽ چٽ ناياب هئا. اجنتا وارن غارن جو اهو جهڳٽو مختلف دورن سان تعلق رکندڙ آهي. هڪ اندازي موجب پهريون حصو قبل مسيح دور جو ته پيو بعداز مسيح دور جو آهي. مطلب ته اجنتا جي انهن غارن جي نقاشي ڏسڻ وٽان تعلق تي رکي جيڪا تيز رنگن واري آهي ۽ چٽرن ۾ هوش ڏوڙائيندڙ منظر پيش ڪن. نقاشيءَ ۾ استعمال ڪيل رنگ ڳاڙهو، هيدو، پورو، ڪارو، اڇو ۽ سائو آهي. دلچسپ ڳالهه اها آهي ته ڪو به رنگ نقاشي يا چٽرڪاريءَ ۾ ٻيهر استعمال نه ڪيو ويو آهي. خاص طور تي عورتن جون تمام گهڻيون تصويرون ڏسي اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته اُن دور ۾ عورتن کي وڏو مقام حاصل هو.

اجنتاجي هڪ ڪشادي هال ۾ مهاتما ٻڌ جو هڪ وڏو شاهي مجسمو آهي جڏهن ته ڀتين تي مهاتما ٻڌ جي پوين جنمن جو داستان چٽرن ذريعي بيان ڪيو ويو آهي. ڇتين تي نازڪ گُل ٻوٽن جا نقش آهن. اڳاٽي هندستاني چٽرڪاري لاءِ رخي آهي. اجنتاجي غارن جي نقاشي ۽ چٽرڪاريءَ ۾ ليڪن وارن ڪم ڏسڻ جوڳو آهي. محسوس ٿيندو آهي ته چڻ اجهو ٿا اهي چٽر ڳالهائڻ شروع ڪن. مجسمي سازيءَ وارو وقت به پنهنجي عروج تي ٿو نظر اچي. ٽڪرين کي ڪٽي مورتيون ۽ مجسما اهڙي ريت تيار ڪيا ويا آهن جو رڳو روح ڦوڪڻ جي دير هوندي ۽ مورتيون نرت ڪرڻ لڳن. اهڙو مثال ڪنهن ٻئي هنڌ نٿو ملي.

هندستان ۾ چٽرڪاري، سنگتراشي ۽ مجسمي سازيءَ جي تاريخ تمام گهڻي آڳاٽي آهي. هن خطي ۾ غارن اندر چٽرڪاريءَ جي شروعاتي پٿر

جي دور کان ٿي ٿي وئي هئي. پيمٽيڪا جي غارن ۾ انساني چترڪاريءَ جا اهڃاڻ مليا آهن. اجنتاالورا جي غارن کان تہ هاڻ سڄي دنيا واقف آهي پر ان کانسواءِ بہ هندستان جي مختلف حصن ۾ سوين غارون موجود آهن جن ۾ باغ غار، جوگيمارا غار، ليناڊري غار، سيتنانوسال غار، باداميءَ غار ۽ ساسپول غار اڳاٽي چترڪاريءَ سان ڀريل آهن. اِهي چتر ان ڳالهہ جو ثبوت آهن تہ نقش نگاري، چترڪاري ۽ سنگتراشي هندستان جو تاريخي ورثو آهن.

مهابلي پورم جي دراوڙي چترڪاري ڪلا ۽ مجسمي سازيءَ کي ڏسڻ کنهن سپني جيان آهي. جهڙي ريت اجنتاالورا جا چتر ۽ مجسما ٻڌمت ۽ جين مت جي دور جا يادگار آهن، بلڪل ايئن ئي هتان جو فن هندومت جي ديوي ديوتائن تي ٻڌل آهي. چنائي کان ڪو لڳ ڀڳ ڏيڍ ٻن ڪلاڪن جي سفر تي تاريخي شهر مهابلي پورم جي سامونڊي ڪناري جي غارن وارن مندرن ۽ ٽڪرين تي اُڪريل رامائڻ ۽ مهاڀارت جون تصويري ڪهاڻيون ڏسي اوهين پنهنجو پاڻ کي بہ انهن ڪهاڻين جو هڪ جيئرو جاڳندو ڏند ڪٿائي ڪردار ٿا ڀانيو. ستين صدي عيسويءَ ۾ جڙندڙ انهيءَ شهر ۾ برهما، وشنو ۽ شو جا سمورا مندر سمنڊ اندر آهن، سواءِ هڪ جي جيڪو ڪناري تي پنهنجي پوري آب تاب سان کڙو آهي. انهيءَ ڪناري واري مندر جي چوڌاري ٽڪرين تي تراشيل مجسمن جي سونهن اُن وقت جي پالوا حاڪمن جي فني ذوق جو ثبوت آهي.

مهابلي پورم جي رٿا غارن وارا مندر پالوا پادشاهہ نرسمها ستين ۽ اٺين صدي عيسويءَ ۾ تعمير ڪرايا. رٿ واري شڪلين ۾ انهن مندرن ۾ هزارين ديوي ديوتائن جا مجسما آهن جيڪي ٽڪريون ڪپي ٺاهيا ويا آهن. شهر ۾ گهمندي اوهين پنهنجو پاڻ کي ڏيڍ هزار سال پراڻي هندستان ۾ ڀانيو ٿا. ٽڪرين تي ڏور نظر تائين اهڙي ناياب مجسمي سازي ۽ سنگتراشي ڏسڻ لاءِ ملي ٿي جنهن ۾ هندوستان جون ڏندڪٿائي ڪهاڻيون جيئريون جاڳنديون محسوس ٿين ٿيون.

ننڍي کنڊ جو اڳاٽو فن هجي يا ايراني، ترڪ يا افغان حاڪمن جي ڳانڍاپي سان تخليق ڪيل مغل مني ايچر، هر ڪلا کي ڏسي ڏندين آڱريون

اچيو وڃن. انجي جادو ۾ گم ٿي وڃڻ ڪجهه غلط ناهي ۽ ناسٽلجڪ ٿيڻ پڻ هڪ قدرتي عمل آهي.

ڇو؟ انجو هڪ سادو سودو جواب اِهو آهي ته اسين انهيءَ مٽيءَ، انهيءَ سيپتا جا رهواسي رهيا آهيون جنهن کان بي سبب انڪار ڪرڻ اسان پنهنجو "قومي فرض" بڻائي ڇڏيو آهي.

# علي بيگ جو چمن ۽ ميٽامورفسس

چترال جو علي بيگ هن پارڪ کي "چمن" ٿو سڏي. پکين جي چرپاٽ روزانو چمن ۾ ٻاڪ ڦٽڻ جو اعلان ٿي ڪري. مخصوص ڪنڊن ۾ مختلف وڻن تي قسمين قسمين پکين ۾ ڇهڪندڙ جهرڪين، ميناڻن، ڪوئلن، ڪانون ۽ ڳيرين جا ٿاڪ آهن. اهي پاڇولا آچيندڙ وڻ، انهن جي ٽارن هيٺان رولو ڪُتا به. پنهنجي ٻت جي حساب سان زمين کوٽي ڪڏن ڪوڻن ۾، گولائي جي شڪل ۾ دٻجي پيا آهن. جڏهن ته ٻليون ٽڪ پچندي به چست آهن. هي ئي چمن انهن پنڇين ۽ جانورن جو مستقل ٿاڪ آهي جو اتان کين رزق نصيب ٿو ٿئي.

اِهو ته پتو ناهي ته علي بيگ چترال مان ڪڏهن ۽ ڇو هن شهر ۾ اچي ٽانيڪو ٿيو هو پر گذريل ٻارهن ورهين کان هو روزانو انهيءَ پارڪ ۾ نظر ضرور ٿو اچي. علي بيگ پارڪ سان لڳو لڳ هڪ سرڪاري تعليمي اداري ۾ ايڊمن مينيجر ۽ انهيءَ چمن جي بي زبان ساهوارن جو ان داتا آهي، ننڍسرو قد، ڪسرتي ٻُت پر گوڏا ايئن لڳن جو ڄڻ رڪوع ۾ ويندي ٻيهي رهيا هجن. جهڙي ريت سندس پير هوائي چپل کي گهليندي تيزيءَ سان کڄندا آهن، هو ڳالهائيندو به اُنهيءَ رفتار سان آهي جو ڳالهه ڪندي اڌ لفظ سندس ڄڀ تان ترڪي چپن تي ئي گُم ٿي ويندا آهن. هو پنهنجي مٽي تي وار ڪڏهن به هڪ انچ کان وڌيڪ وڌڻ نه ڏيندو آهي. پارڪ ۾ ايندڙ ساٿهو علي بيگ بابت طرح طرح جي راءِ رکندا آهن، "هي لُڪس اميچور، آءِ مين مينٽلي ايند

پنهنجي پسار سان لڳا تا رهن.

لنگ سازيندڙ گرمي، طوفاني برسات يا رت ڄمائيندڙ ٿڌ به علي بيگ کي انهيءَ مشق کان ڪڏهن به روڪي نه سگهي آهي. هو روزانو صبح جو بي زبان ساهوارن لاءِ داڻو پاڻي وجهي اُتيئي گاهه تي ويهي ٿي رهيو ۽ پنهنجي تازو ئي پڙهيل ڪنهن ادبي فن پاري جا چونڊ حصا کين پڙهائڻ ٿي لڳو. سندس اوسي پاسي ڦيرا ڏيندڙ ڪُتا، ٻلا، وڻن تي لڏندڙ لمندڙ ڪوئلون، جهرڪيون، ڪانو، ميناڻون ۽ نوريئڙا سندس ڪهاڻيون ايڏي اهتمام ۽ ڌيان سان ٻڌندا ٿي رهيا ڄڻ کين سڀڪجهه سمجهه ۾ اچي رهيو هجي. متان انهن پکين ۽ جانورن کي اِهي ڪهاڻيون سمجهه ۾ اينديون به هجن. ڪنهن کي پتو؟!

علي بيگ جيئن ئي پارڪ جي ٻاهرين دروازي مان اندر داخل ٿيندو آهي، سمورن ڪُتن جا پڇ پاڻ مرادو لُڏڻ لڳندا آهن. ٻليون ٽينگ ٽپا ڏئي ڪَرَ موڙڻ شروع ڪنديون آهن، ڪانو پارڪ جي پٽ تي ويهي گڏيل سُر ۾ ڪان ڪان ڪندي ٻين پکين کي به ٽيندِ ڏيڻ لڳندا آهن، جهرڪيون، ڪوئلون، ميناڻون سرهائي وچان ٻولڻ شروع ڪري ڏينديون آهن ۽ نوريئڙا ڪن ۾ زمين تي ته ٻئي پل وڻن جي ٽارين تي ٽپندي پنهنجي سرهائي جو اظهار ڪرڻ لڳندا آهن. صبح جو اِهو جشن روز جو معمول آهي، علي بيگ کي انهن بي زبان ساهوارن سان ۽ کين اشرف المخلوقات جي انهيءَ عيوضيءَ سان هڪ خاص لڳاءُ هو. چمن جي ٻاهرين دروازي تي ڇٽن اکرن ۾ لکيل هو، "هتي ڪُتن جو اچڻ بند آهي."

"ڪُتن بدران هتي "شرپسند" لکو."

"چو يلا؟! داڻو پاڻي چو نه وجهان؟ توهان کي ٻُک ۽ اُڃ نٿي لڳي؟!"

پارڪ جي عملي مان هڪ شخص علي بيگ کي جانورن ۽ پکين آڏو داڻو پاڻي وجهڻ کان جهليو ته هو گهڻي دير تائين ڪاوڙ وچان پڙ پڙ ڪندو رهيو پر پنهنجي ڪرت نه ڇڏيائين. علي بيگ پارڪ ۾ ايندڙ بگڙيل اولادن کي جڏهن ٻلين کي پڇ مان جهلي ڦيرائيندي يا ڪُتن کي سڪل ٽارين سان ڪٽيندي ڏسي ڪانئن پيار ۽ ٻاجهه مان پڇڻ ٿي لڳو، "توهان ڪڏهن پنهنجي گهر جي ڪنهن پٽ جي ڪند ۾ مڪڙيءَ جو چار ڏنو آهي؟!"

ٻار وانئڙن وانگر وات ڦاڙي نهڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻڻ شروع ڪري ڏيندا

"سنڌ ۾ هڪ وڏيري پنهنجي ڌيءَ ۾ گهڙي اچڻ جي ڏوهه هيٺ ستن مهينن جي اُٺنيءَ جي ٽنگ ڪپي ڇڏي."

"راولپنڊيءَ ۾ هڪ بااثر شخص ڪنهن تڪرار تي ٻئي شخص جي گڏهه جا ٻئي ڪن ڪپي ڇڏيا."

علي بيگ ٻئي وڊيو ڏسي هنجون هاري روئڻ لڳو. نه ڄاڻ ڪيڏي مهل سندس سڏڪا جهڪا ٿيا ۽ سندس اک لڳي وئي. اڄ علي بيگ جي چمن ۾ نه ڪنهن جهرڪيءَ ٽينگ ٽپا ڏنا. نه ڪا ڪوئل ڪوڪي، نه ڪنهن ٽورڙيءَ ڀرانگهون ڀريون، نه ڪنهن ٻچ لوڏيا نه ڪي ڀونڪيا، ۽ نه ئي ٻليون ڪاڌ خوراڪ جي تاڙ ۾ چوڪس نظر آيون. اڄ چمن ۾ سدائين جيان ڪنهن جشن جو ماحول نه پر سوڳواريءَ جو پڙلاءُ هو.

"بابا! بابا!" ٻن ڪمرن تي پٽل گهر ۾ علي بيگ جون دانهون ڪوڪون آسمان کي ڇهڻ لڳيون. ڪمزور پيءُ ننڍ مان ڇرڪ ڀري اُٿيو ۽ پٽ جي ڪمري ڏانهن ڊوڙيو.

علي بيگ بستري تي سُتو پيو هو ۽ پيڙائتي آواز ۾ دانهين رهيو هو.

"ڇا ٿيو پُٽ؟"

"بابا! منهنجي ٽنگ؟ منهنجا ڪن؟ ڪپي ڇڏيا ظالمن."

پيءُ پنهنجي صحيح سلامت پٽ کي ڇتائي ڏسڻ لڳو. "ڇا پيو چوين پُٽ؟. ڪنهن ڪپيا؟"

"بدبخت انسانن بابا!" علي بيگ پار ڪڍڻ لڳو. سندس نيڻن مان ڳوڙها بس ئي نه پئي ٿيا.

"پٽ! ڇا پيو چوين؟ اسين سڀئي انسان آهيون، تون به ته انسان آهين. منهنجا لال!؟

علي بيگ ليٽي ليٽي ڪنڌ ٿورڙو مٿي ڪيو ۽ پنهنجي ڌڙ ڏانهن اشارو ڪندي چوڻ لڳو، "آئون انسان ٿو نظر اچان؟ بابا! ڪٿان کان ٿو انسان لڳان؟

هيءَ ڏس، منهنجو اڌ ڌڙ گڏهه جو آهي ۽ باقي اڌ اُٺ جو. هڪ انسان منهنجا ڪن ڪپيا ته ٻئي ٽنگ. تڪڙو ڊاڪٽر کي گهرائي، منهنجي ٽنگ ۽

ڪنن مان رت پيو وهي، ڊاڪٽر کي گهرائي، منهنجي ملم پٽي ڪرايو. پيڙا ۽ سور برداشت نہ پيو ڪري سگهان."

علي بيگ جون پيڙا ڀريون دانهون آهہ و زاريءَ ۾ بدلجڻ لڳيون ۽ هوڏانهن چمن پکين، جانورن ۽ وڻن ٽڻن جي روح پٽڪي سان گونجڻ لڳو.

# ڊڄي ويندي آهيان... مري ويندي آهيان

جڏهن صبح اسڪول ويندي
گهٽيءَ جي ڪنڊ تي مينهارڪو
سٿر مهٽيندو پنهنجي
شلوار لاهي
شهوت سان
بس مونکي تاڙيندو رهي
ڊڄي ويندي آهيان
ڊڄي ويندي آهيان
اڳئين ۾ سهيليءَ جي گهر جي
اسين گڏي راند ڪندا آهيون
ايتري ۾ سهيليءَ جو پيءُ
هڪ ٻارڙيءَ کي ٻچڪاري
اندر ڪمري ۾ سڏي ٿو
۽ هنج ۾ پنهنجي ويهاري ٿو
ڇاتيءَ سان ڪيس ڇهنائي ٿو
۽ زور سان ڪيس ڀڪوڙي ٿو

ساھ مُنجھڻ لڳندو آھي منھنجو
۽ ساھ گُھٽجڻ لڳندو آھي
آئون ڊوڙي پنھنجي گھر ھلي ايندي آھيان
۽ ڪنھن کي ڪجھ بہ نہ ٻڌائيندي آھيان
ڊڄي ويندي آھيان
ڊڄي ويندي آھيان
گھر جي چار ديواريءَ ۾
بيخوف ٿي جڏھن سمھي پوندي آھيان
ھڪ ڪو پاڇولو ٻانہڙا پائي ايندو آھي
منھنجي جسم کي ٿڦڪي ۽ مھٽي ٿو
ورھين کان ڪيس سجائڻ ٿي
اُن ھٿ جو ڇھاءُ سجاڻان ٿي
اُن ھٿ جي نيت پروڙي
پنھنجو پاڻ کان لڄي ٿي پوندي آھيان
ڊڄي ويندي آھيان
ڊڄي ويندي آھيان
جڏھن قاري صاحب ايندو آھي
ڊوڙي وڃي سيپارو آڻيندي آھيان
ھڪ پاسي ويڙھجي سيڙجي ويٺل آئون
پنھنجو سبق ورجائيندي آھيان
ھو منھنجي ويجھو ايندو آھي
۽ پُٺ منھنجي مھٽيندو آھي
پوءِ زور سان ڇھنبري ھڻندو آھي
ڊپ وگھي اندر ڊڪندي آھيان
ڪنھن ڪُنڊ ۾ لڪي ويندي آھيان

۽ ڏک وچان گوڙها وهائيندي آهيان
دڳي ويندي آهيان
دڳي ويندي آهيان
سندس پيار جي پل تي
جڏهن دنيا سان ٽڪرائجي ويندي آهيان
لکي سمورين نظرن کان
جڏهن سائنس ملڻ ويندي آهيان
هو مونکي ٿي ڏمڪائيندو آهي
۽ مون تي ڇُري هلائيندو آهي
ڏپ وگهي دانهون ڪرڻ لڳندي آهيان
دريءَ مان ٽپو ڏيندي
پنهنجي محبوب جي هٿان ٿي
بيدرديءَ سان مارجيو ٿي وڃان
دڳي ويندي آهيان
دڳي ويندي آهيان
آئون معصومڙي ۽ غربت جي ڏکيل
هڪ پير سائين جي حويليءَ ۾
ٻن ويلن جي ماني‌ءَ ڪاڻ
جڏهن سمورا حُڪم پورا ڪندي آهيان
۽ جسم پنهنجو لوٽڻ ڏيان
پوءِ هڪ پل اهڙو به ٿو اچي
جڏهن جسم منهنجو ڍهي ٿو پوي
ٽڙڻ ڪانسواءِ ڪرمائجي ٿي وڃان
دڳي ويندي آهيان
دڳي ويندي آهيان

آئون هڪ مسيحا ٽڪيل
جڏهن ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڊيوٽي ڪري
ٻه پل ساهي پٽڻ خاطر
بي سڌ ٿي اهلجان ٿي

ڪيئي هٿ مونکي نپوڙين ٿا
پٽ سان ٻُڌ منهنجو ٿا ڦسائين
زور سان ٽڙيءَ کي گهٽو ٿا ڏين

پٽ سان ٽڪرائجي
جڏهن عينڪ سندم ٿي ٽٽي
تڏهن ٽٽل عينڪ جا ڪانچ ڪاوا
نيڻن منهنجن ۾ ٽنبڻ ٿا لڳن

ٿيندو آهي جسم ليڙ ليڙ
ٽنگون سندم چيريون وينديون آهن

دانهن ٻنان سڏڪان ٿي
ڦٿڪڻ ٻنان ٿڙڦان ٿي
آواز سندم گُهٽجي وڃي ٿو
دانهن ٻنان دانهيان ٿي

نيٺ ٿڪجي ٽٽجي هڪ پل
پرواز روح منهنجو ٿو ڪري
جسم ڪان مُڪتي مائيان ٿي
مري وينديءَ آهيان
مري وينديءَ آهيان